
اڪيلا ته آهيون
نجم عباسي

# اڪيلا نه آهيون

## ٻين ٻولين جون ڪهاڻيون

سنڌيڪار

## نجم عباسي

اداره شهباز پبليڪيشنس حيدرآباد سنڌ
پوسٽ باڪس ١٣٠
١٩٨٢ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اداري جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

ڇاپو پهريون

١٤ - آگسٽ ١٩٨٢ع ٢٤ شوال ١٤٠٢ھ

قيمت: ٥ - ٢٥ روپيه

سول ايجنٽس

ميسرس ايجنٽس ادبيات تلڪ چاڙهي

حيدرآباد سنڌ

ڪتاب: اڪيلا نه آهيون پر ڏيهي ڪهاڻين جو مجموعو. نجم عباسي. پبلشر نور محمد عباسي

ڇپائي: ڀٽائي پرنٽنگ پريس لطيف آباد حيدرآباد

اداره شهباز پبليڪيشنس حيدرآباد سنڌ

پوسٽ باڪس ١٣٠ مان پڌرو ڪيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| نور محمد عباسي | پرڏيهي ڪهاڻيون، پبلشر طرفان | ۵ |
| نجم عباسي | منهنجو ڏهون ڪتاب | ۹ |
| هندستان | هن مون ڏي نهاريو | ۲۱ |
| لبنان | ٻه نظارا | ۳۲ |
| هندستان | پردي ڪچڙ ڪانپورءِ | ۳۵ |
| هندستان | خدا جو انصاف | ۴۹ |
| هندستان | ڊپٽي صاحب جو ڪتو | ۷۳ |
| پنجاب | شاهه دولي جو ڪئو | ۷۸ |
| انگلنڊ | منڊڙي جي دعا | ۸۶ |
| اسپين | گجي | ۹۲ |
| اٽلي | گهر ڪان گهر تائين | ۱۰۱ |
| اسپين | خدا ڏانهن خط | ۱۱۳ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| ١١٩ | جادوگر | روس |
| ١٣٩ | ماءُ | آفريڪا |
| ١٥٢ | سڪ ۽ سياست | انڊونيشيا |
| ١٦٢ | گل ۽ گولا | ويتنام |
| ١٧٦ | پولارام جو روح | هندستان |
| ١٨٥ | منهنجو ماڳ روشن راهون | فلپائينس |
| ٢٠٠ | ڌرتي پنهنجو ڌن | آفريڪا |
| ٢١١ | ڌرتي منهنجي ماءُ | ويتنام |
| ٢٢٩ | جنرا جنرن ساٿ | روم |
| ٢٣٤ | سيڪڙات | فلسطيني |
| ٢٤٢ | ڳجهو خبرنامو | چين |
| ٢٥٠ | باروت جو نغمو | فلسطيني |


دارالڪتابت حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پبلشر طرفان

اڄڪلهه سرڪاري يا نيم سرڪاري پبلشنگ ادارن کي ڇڏي جيڪي به خانگي پبلشنگ ادارا آهن، آهي سنڌي ادب جي مختلف صنفن تي ڪجهه وقت ته ڪتاب ڇپائيندا رهندا آهن پر پوءِ اهو شوق آهستي آهستي ڍرو ٿيندو ويندو آهي، پر اداره شهباز پبليڪيشنس حيدرآباد سنڌ هڪ اهڙو ادارو آهي. جهڙن گذريل ڪجهه سالن کان پنهنجو اهو سلسلو قائم رکيو اچي ٿو ۽ ان ڏس ۾ اسان جو هيءُ ادارو ڪيترائي سنڌي ادبي ڪتاب ڇپائي چڪو آهي ۽ اڃا به ڇپرائيندو رهندو.

اسان کي اها خوشي آهي ته سنڌ جا مشهور ليکڪ اسان سان ان ڏس ۾ تعاون ڪندا اچن ٿا.

نجم عباسيءَ جو نالو سنڌ جي مشهور ترين اديبن ۾ شمار ٿئي ٿو. ڪيس سچيءَ سنڌ ۾ وڏي شوق ۽ ذوق سان پڙهيو وڃي ٿو، اهوئي ڪارڻ آهي، جو گهٽي ۾ گهٽ سندس ڪتاب شايع ٿيا آهن. سندس لکڻيءَ ۾ جيڪا سادگي، حسن ۽ طنز جو اوچو معيار آهي، اهو بي انتها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي اميد آهي تہ حسب معمول اسان جو ڇپيل هيءُ ڪتاب بہ ٻين ڪتابن وانگر پڙهندڙن ۾ مقبول ٿيندو ۽ ان جو قدر ڪيو ويندو.

**خادم العلم**

نور محمد عباسي

حيدرآباد سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ھن ترجمي جي ڪتاب جي
ارپنالاءِ،
اچي ٿو ذھن تي ٽري:
ڪمال اتاترڪ،
جنھن:
قران، بانگ ۽ نماز ۾
عربي نه،
پر ان عربيءَ جو ترجمو،
پنھنجي مادري زبان:
ترڪيءَ، ۾ ترجمو
ڪتب آڻڻ تي زور ڏنو.

# منهنجو ٽهون ڪتاب

اڪيلا نہ آهيون، هي ڪهاڻيون پڙهي ڏسو، سياسي، سماجي، قومي، طبقاتي ۽ نظرياتي مسئلا، جيڪي اسانجي راهہ جا اجگر بنيل آهن، سي ڪوڙ ٻين ملڪن، ٻين قومن ۽ ٻين سماجن لاءِ بہ آهن. انهن مسئلن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ جيڪا عملي سوچ دنيا جي ٻين دانائن ۽ دانشورن وٽ آهي، سا اسانجي دانائن ۽ دانشورن وٽ پڻ آهي. ٻيا جاڪوڙ ۾ رڌل آهن تہ چڙ پڙ اسان وٽ پڻ آهي ..... مسئلن ۾ اڪيلا نہ آهيون، سوچ ۾ اڪيلا نہ آهيون ۽ نہ وري عمل ۾ اڪيلا آهيون.

ساهت ۽ ٻوليءَ ۾ ترجمي جي جيڪا اهميت ۽ فائديمندي آهي، تنهن کي مان نہ ورجائيندس. مان ترجمي جا پنهنجا ڪجهہ تجربا ٻڌائيندس. مون محسوس ڪيو آهي تہ ترجمو، تخليق ڪان وڌيڪ ڏکيو آهي. جڏهن ذهن ۾ ڪهاڻيءَ جو خاڪو اڀري ٿو ۽ ڪهاڻيڪار لکڻ لاءِ بيتاب ٿئي ٿو تہ پوءِ اها لکڻ آسان ٿيو پوي. پر ترجمي ڪرڻ وقت، ڊڪشنريءَ ۾ لفظن جي معنيٰ ڏسڻ ۽ ان ٻوليءَ جا پنهنجي ٻوليءَ ۾ ٺهڪندڙ لفظ پرکڻ ڪانسواءِ، ان ٻوليءَ جي اصطلاحن لاءِ پنهنجي ٻوليءَ جا اصطلاح ڳولڻ، ۽ اڃا بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو آهي، معني ۽ مقصد هوندو آهي . مان انهن ملڪن جي ڪتابن ڪانسواءِ سويت لٽريچر (Soviet Litrature) چيني لٽريچر ( Chinese Litrature ) لوٽس (Lotus) ۽ فلسطين بليٽن (Palestine Bulletin) رسالا پڙهندو رهيو آهيان ۽ انهن جي پڙهڻ مان ٿي پنهنجو مٿيون رايو قائم ڪيو اٿم. البت آمريڪا ۽ ٻين سرمائيدارملڪن ۾ ڪهاڻي ۽ ناول جو نمونو ٻيو آهي.

منهنجي ادبي جيون جي شروعات شاعريءَ سان ٿي هئي ۽ اصلوڪي ڪهاڻي لکڻ کان اڳ ٻين ٻولين جون ڪهاڻيون ترجمو ڪيون هئم. جهڙي طرح منهنجي پهرين اصلوڪي ڪهاڻي "مهراڻ" رسالي (همت ۽ ڪوشش : جولاءِ ١٩٤٧) ۾ ڇپي هئي، اهڙي طرح منهنجي پهرين ترجمائي ڪهاڻي به ساڳئي رسالي "مهراڻ" (ترڪي محبوبہ: ١٩٤٨) ۾ شايع ٿي هئي. مون ڪهاڻين، شعرن، مضمونن، ڊرامن، ناولن، سياسي ۽ سائنسي ڪتابن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو پڻ ڪيو آهي.

پهرين پهرين مون هڪڙي ڪهاڻيءَ جو ترجمو ڪيو هو. اها انگريزيءَ ۾ هئي. ان وقت مان هن دور جي لحاظ کان هاءِ اسڪول ۾ اٺين ڪلاس جو شاگرد هوس. منهنجو سوٽ مشتاق احمد ١٩٤٤ ۾ جهونا ڳڙهہ سائنس ڪاليج ۾ پڙهندو هو. هن پنهنجي ڪاليج جي مخزن Bahauddinian جو ١٩٤٤ جو پرچو آندو هو. ان ۾ هڪڙي ڪهاڻي هئي She looked at me اها مونکي ايتري تہ وڻي جو ان کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ جو شوق جاڳيم. پوءِ ڊڪشنري جي مدد سان ۽ مٿين ڪلاسن ۽ استادن کان لفظن ۽ اصطلاحن جون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون، ڇهہ مهنا، فرصت جو سارو وقت لڳائي ڪتاب جو ترجمو پورو ڪيو، ۽ جوئي صاحب جي حوالي ڪيم. جوئي صاحب کي هي ترجمو پڻ بيحد پسند آيو.... تازو ٿورو وقت ٿيو تہ اخبارن ۾ آيو هو تہ لوئي فشر جي ڪتاب تي بڌل گانڌيءَ تي ٺهيل فلم جا ڪجهہ ٽڪرا ڏسي، مسز اندرا گانڌيءَ جي اکين ۾ لڙڪ لڙي آيا. اهو پڙهي ابن حيات پنهور جو مون ڏانهن لکيل خط ياد اچي ويم، جو اڃا تائين مون وٽ موجود آهي. ابن حيات پنهور، سائين جوئي کان مون وارو ترجمو وٺي پڙهيو هو ۽ مون ڏانهن ان بابت ۲۶ آگسٽ ۱۹۶۶ تي پنهنجي راءِ لکي هئائين. هن لکيو هو: ”اوهانجو ترجمو ڪيل ڪتاب ”گانڌي“ پڙهيم. بيحد پسند آيم. مصنف گانڌيءَ کي هڪ نئين نظر سان پيش ڪيو آهي. آخري ٽن بابن منهنجي اکين مان

ڳوڙها ڪيرائي وڌا.“

مون اهو ڪتاب ۱۹۶۶ ۾ ترجمو ڪيو هو. سائين جوئيو پيو چوندو هو تہ وڏو ڪتاب آهي پر ڪوشش جاري آهي تہ ڇپجي. سال کن ڪانپوءِ هڪ ملاقات ۾ ٻڌايائين تہ اهو مسودو وڃائجي گم ٿي ويو آهي. پوءِ ڪڏهن ڪڏهن پيو ٻڌائيندو هو تہ ڪوشش ۾ آهيان، شايد ڪو دوست پڙهڻ واسطي کڻي ويو آهي ۽ موٽائڻ وساري ڇڏيو اٿائين. نيٺ چوڏهن سالن کانپوءِ، يعني سال کن اڳ ٻڌايائين تہ اهو مسودو ملي ويو آهي. هن کي اڃا تائين ڏاڍو شوق آهي تہ اهو ڪتاب ڪنهن نموني ڇپجي.

جيئڻ هڪڙيون ئي پرائيون يادگيريون دل ٿي تري اچن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيون: مان جڏهن نواب شاهه هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هوس، تڏهن هيڊ ماسترسائين ايچ- ايم خواجه مونکي هڪڙو اڙدو ڊرامو ترجموڪرڻ لاءِ ڏنو. شايد ڪيفي اعظميءَ جو لکيل هو ۽ ايترو ياد اٿم ته سياسي قسم جو ۽ انگريزن خلاف هو. سائينءَ ترجمو ان لاءِ ٿي ڪرايو ته اهو ڊرامو شاگرد اسڪول ۾ اسٽيج ڪن. مون اهو ترجمو ڪري سائينءَ جي حوالي ڪيو هو پر نه اهو اسٽيج ٿيو ۽ نه ان مسودي جي ڪا خبر اٿم.

مان جڏهن ڪاليج ۾ پڙهندو هوس، تڏهن سنڌ مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن طرفان هڪ رسالو ٿي ڪڍيو ويو. ان رسالي جو نالو ياد نه رهيو اٿم. ايڊيٽر هو سائين محمد حسين پنهور. هن مونکي چيو ته ”مقالات شبلي“تان هڪڙو مضمون ”قرآن جو معجزو“ ترجمو ڪري ڏي ته هن رسالي ۾ ڏينداسين. مون اهو ترجمو ڪري هنجي حوالي ڪيو. پر جڏهن اهو پرچو آيو ته ڏٺم ت.. ان ۾ مون وارو مضمون ڪونه هو. پوءِ اهو مولانا دين محمد وفائيءَ کي موڪلي ڏنم. هن پنهنجي رسالي ”توحيد“ جي ڊسمبر ١٩٤٧ واري پرچي ۾ اهو مضمون شايع ڪيو.

ننڍي هوندي منهنجا ترجما هفتيوار ”مسلمان“ ۽ روزانه ”هلال پاڪستان“ ۾ شايع ٿيندا هئا.

١٩٦٦ع ۾ ڊاڪٽر يوسٽيس چيسر (Dr. Eustace Chesser) جو ڪتاب Unmarried Love ترجمو ڪيم ۽ نالو رکيومانس ”ڪنوارن جو عشق“.... هن ڪتاب جو ليکڪ هڪ ڊاڪٽر آهي ۽ من وديا، جنس وديا، ۽ من جي

ڏياريندو رهيس، پر پهرين قسط بہ ڪانہ ڇپي.

جڏهن امداد حسيني ”مهراڻ“ جو ايڊيٽر ٿيو ۽ پراڻي فائيل ۾ منهنجو اهو ترجموڏٺائين تہ پاڻمرادو اهو ”مهراڻ“ (١-٨-١٩٧٨ع) ۾ ڇپي ڇڏيائين.

منهنجي رڪارڊ موجب مون هڪڙو ٻيو ترجمو اڌ ۾ ڇڏيو هو. اهو آهي جبران خليل جي ڪتاب SPirit Rebellious جوجنوري ١٩٥٤ ۾هي ترجموشروع ڪيو هوم ۽ نوٽبڪ جا ٣٣ صفحا ڀري ڇڏيا هئم. پوءِ مونکي ٿورو ٿورو ياد ٿو اچي تہ ڪو دوست مون کان اهو ڪتاب پڙهڻ واسطي وٺي ويو ۽ شايد وري نہموٽايائين ۽ شايد ان ڪتاب جي ٻي ڪاپي بروقت مونکي ملي ڪانہ سگهي ۽ اهڙيءَ ڪم اڌ ۾ رهجي ويو. اڄ ڏينهن تائين اهو ڪم پورو ڪرڻ تي دل ڪانہ ٿي آهي.

١٩٦٨ ۾ رسول بخش پليجي، هڪ چيني ڊرامو ”ڳاڙهو لالٽين“ Red lantern ترجمو ڪرڻ لاءِ چيو. مون اهو ڪري هنجي حوالي ڪيو. ڪتاب ڪونہ ڇپيو ۽ هڪ ڏينهن پليجي ٻڌايو تہ مسودو گم ٿي ويو آهي. پنجن سالن کانپوءِ ١٩٧٣ ۾ هو ساڳيو مسودو مون وٽ کڻي آيو، پر اهو بري حالت ۾ هو. اڌ کان وڌيڪ صفحا يا ڦاٽي ويا هئا يا پاڻيءَ ۾ پسڻ ڪري ميسارجي چڪا هئا ۽ وري پوري محنت ڪرڻ جي ضرورت هئي. پليجي واعدو ڪيو تہ ڪتاب هڪدم ڇپائيندا سين ۽ مون تي زور رکيائين تہ ٻيهر اها محنت ڪريان. ڪتاب جي اهميت جي مدنظر مون وري اهو ڪم سرانجام ڏنو. ان ڪتاب جو پهريون ڇاپو ١٩٧٤ ۾ شايع ٿيو ۽ ٻيو ڇاپو ١٩٨٠ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهاڻيون جيڪي بہ مون ترجمو ڪيون ڇپيون رهيون ۽ ڪي ڪهاڻيون تہ بار بار ڇپيون: هاڻي هڪ ڪانسواءِ هڙئي ڪهاڻيون هن ڪتاب ”اڪيلا نہ آهيون“ ۾ هڪ هنڌ شايع ٿي رهيون آهن.

سون پنهنجي رڪارڊ ۾ ڏٺو آهي تہ جڏهن بہ مون اصلوڪيون ڪهاڻيون گهٽ لکيون آهن، ترجما گهڻا ڪيا اٿم.

هن ڪتاب ۾ مون هي ترجمائي ڪهاڻيون تاريخ وار ڏنيون آهن، يعني جيڪا اڳ ۾ ترجمو ڪئي هئم سا اڳ ۾ ۽ جيڪا پوءِ سا پوءِ . ڪهاڻين جي هيءَ ترتيب ياڪهاڻين جي هيءَ چونڊ منهنجي ذهني اوسر ۽ ارتقا جي عڪاسي ڪري ٿي. ان ترتيب ۾ منهنجي ويچارن جي واڌاري جو وهڪرو پڻ پرکي سگهجي ٿو..... شروعات ۾ عشقي ۽ رومانوي ڪهاڻيون ترجمو ڪيون اٿم (هن مون ڏي ئي نهاريو) پوءِ اهڙيون ڪهاڻيون چونڊيون اٿم جن ۾ اهڙن مُلن، پيرن ۽ پادرين جي لاڪ لاٿي وئي آهي جن پنهنجي مذهبي دڪانداري چمڪائڻ لاءِ مڪاري ۽ منافقت سان وهم پرستي ۽ غير سائنسي عقيدن تي زور ڏين ٿا، ۽ دين ۽ ڌرم جي نالي ۾ پراڻو سماجي ڍرشتو قائم رکڻ ۾ رڌل آهن. انهن ڪهاڻين ۾ عقيدي بازيءَ جي پيٽ ۾ سائنسي سوچ جو پهلو اپري ٿو (پردي ڪجهہ ڪان پوءِ .... خدا جو انصاف .... شاهہ دولي جو ڪئو.... مندڙي جي دعا .... ماءُ .... خدا ڏانهن خط ) ان کانپوءِ سماجي مسئلن جون ڪهاڻيون آهن . سماج جي طبقاتي جوڙجڪ جي ساڃهہ پيدا ڪرڻ واريون ڪهاڻيون آهن. انهن ڪهاڻين ۾ طبقاتي ڇڪتاڻ ۽ پورهيت، طبقي جي بغاوت ۽ هلچل آهي. پراڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاگيرداري ۽ سرمائيداري نظام تي طنز ۽ ان کان نفرت آهي ۽ نئين سماجي نظام لاءِ جاکوڙ. پراڻ‌پسند کان بيزاري آهي ۽ ترقي پسنديءَ جي تمنا. سياسي ۽ انقلابي شعور جي جاڳرتا آهي. (ٻه نظارا.... ڊپٽي صاحب جو ڪتو .... گهر کان گهر تائين .... گجي .... جادوگر.... سک ۽ سياست .... گل ۽ گولا .... پولارام جو روح.... منهنجوما ڳ روشن راهون.... ڌرتي پنهنجو ڌن). ان ڪانپوءِ سياسي ۽ قومي ڪهاڻيون آهن. انهن ۾ قومي آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ سامراجين ۽ سامراجيت خلاف عملي جاکوڙ ۽ هٿياربند جنگ آهي، انقلابي هلچلون ۽ گوريلا لڙايون آهن (ڌرتي منهنجي ماءُ .... سيڪڙات .... ڳجهو خبر نامو .... باروت جو نغمو).

اها منهنجي لاءِ خوشي ۽ خاطريءَ جو باعث آهي جو منهنجي خواهش مطابق منهنجون هڙئي ترجمائي ڪهاڻيون هڪ ئي ڪتاب اندر سهيڙجي ۽ سانڍجي ويون. ان لاءِ مان ٿورائتو آهيان ساٿي نورمحمد عباسي، اداره ” شهباز “ پبليڪيشنز حيدرآباد سنڌ جو.... جيئي سنڌ!

٩٥- بي يونٽ نمبر ٢
لطيف آباد، حيدرآباد سنڌ
٢٥- جولاءِ ١٩٨٢

نجم عباسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هن مون ڏي ڪي نهاريو!

”نہ، نہ. تون ڀليل آهين. مان ڀڪ سان ٿو چوان تہ هن مون ڏي ٿي نهاريو.“ رميش، سندر کي چيو.

”رميش، تون سدائين اهڙي طرح اپ ڦاڙيندو آهين. ڇا تون سمجهين ٿو تہ هر سوهڻيءَ جي ڇوڪريءَ جي تو ڏي ئي نظر هوندي آهي؟ ياد رک تہ ڪملا جي نظر مون ڏي ئي مائل هئي. توکي خبر ڪانهي تہ هن جي مون سان ئي پريت آهي.“ سندر چيو.

* * *

رميش ۽ سندر هينئر پوري پوري جوڀن ۾ هئا. سندن رڳ رڳ جوانيءَ جي جذبن سان ڀريل هئي. ٻئي ساڳئي ڪاليج ۾ پڙهندا هئا. ڪاليج جي سانجهيءَ جي سير جي تياري ڪيئي ڏاهو ڏوهہ سان ٿيندي آهي: مُنهن موهيندڙ ڪندا، وار ور وڪڙ بنائيندا، سوٽ سُرڊلو پهريندا ۽ سينڌ سرمو ڪري پاڻ کي سراپا سينگاريندا. پڇاڙيءَ ۾ پنهنجو مُنهن آرسيءَ ۾ ڏسي، دل ئي دل ۾ مرڪندا. پوءِ پنهنجي دوست کي هٿ هٿ ۾ ڏئي هلندا. واٽ تي ٻين ڏي ڪجهہ نظر سان نهاري هرڪو پيو پور پچائيندو تہ بس مون جهڙو ملڪ ۾ آهي ڪو قليل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماٺ ٿورڙيندي چيو: ”ڇگو سندر! سڀاڻي ٻئي پيريڊ جي پڇاڙيءَ ۾ ملنداسون.“

”ڇو؟“ سندر حيرت مان پڇيو ”ٻهرين پيريڊ ۾ ڇو نہ؟“

”ڇاڪاڻ تہ اسانجو انگريزيءَ جو پروفيسر موڪل تي ويل آهي.“

”ڇگو رميش، سڀاڻي سينٽرل هال ۾ ٻئي پيريڊ جي پڇاڙيءَ ۾ ملبو.“

* * *

ٻئي پيريڊ جي پڇاڙيءَ ۾ سندر پنهنجن ڪن سنگتين سان ڳالهائي رهيو هو تہ هن رميش کي ساڳئي سينٽرل هال ۾ گهڙندي ڏٺو.

”هلو رميش! توهانجو هن پيريڊ ۾ ڇا هو؟“ سندر پڇيو.

”هينئر فزيالاجي هئي“ رميش جواب ڏنو ”ڏاڍو وڻندڙ سبجيڪٽ آهي. پروفيسر کي چيوسين تہ پورو پيريڊ وٺي.“

”مان بہ آئينده سال فزيالاجي ضرور ڪندس“ سندر مرڪندي ورائيو، ”ها، پر رميش تو تنهن ڏينهن مونکي ٿلهارڊ جي ڪتاب ’ملتن‘ جو شوق ڏياريو هو. هاڻي اهو ڪتاب هلي ڏيکار تہ مان لئبرريءَ مان وٺان.“

”هل يلا.“ رميش چيو.

هو ٻئي ڇوڪرن کي ڇڏي لئبرريءَ جي لنگهہ وٽ ويا، جتي ٻي هو اتي بيٺا هئا تتن ٻي ڪملا اتي گهڙي ۽ هنن ڏي اٿين ٻي نهاريندي هلي وئي.

هو هتين پنجي ويا. ٻين ڇوڪرن جو ڌيان هيڏي ڇڏي ويو. هو هنن کي ڇڏائڻ لاءِ ڊوڙيا. اچي هنن کي هڪ ٻئي ڪان الڳ ڪيائون.

”ڳالهه ڪهڙي آهي؟“ هڪ شاگرد پڇيو.

”هي چور آهي“ سندر ڪاوڙ مان چيو: ”مونکي اچا هالي پتو پيو آهي ته هي چور آهي.“

”آخر هي چورايو ڇا اٿس؟“ ٻئي ڇوڪري سندر کان پڇيو.

”مان نو چوان“ سندر جواب ڏنو ”ته جيڪڏهن توهان کي مهڙي ڪاڻڪوءِ جي خبر پوي ها ته جيڪر سندس سر سلامت ڪين ڇڏيو ها.“

ٻئي ڏينهن هر ڪاليجيءَ جي وات سندر ۽ رميش جي جهيڙي جي ڳالهه هئي. ڪنهن ڪهڙو ٿي رايو ڏنو ۽ ڪنهن ڪهڙو پر سچي سبب جي خبر خير ڪنهن کي هئي.

* * *

ٻئي ڏينهن سندر صبح جي سر تي نڪتو. رستي تي هن رميش جي نوڪري هڪ خط ڪٿي ويندو ڏٺو.

”ڪيڏانهن ٿو وڃين راڌو؟“ سندر پڇيو.

”سلام سائين“ راڌوءَ مشڪندي جواب ڏنو ”مان رميش بابوءَ جي چٺي ٽپال جي دٻي ۾ وجهڻ ٿو وڃان. پر سندر بابو! مون ڪجهه وقت کان وٺي اوهانکي ڏٺوئي ڪونهي، چاق نه آهيو نه؟“

اڪيلا نہ آهيون
ڪونہ نهاريو هو، سواءِ انهيءَ جي تہ منهنجا هم ڪاليجي
آهيو. سچ پچ تہ مونکي توهان جي انهيءَ تڪرار تي
اچرج ٿو لڳي. مون تہ توهان ٻنهي ڏي نهاريو هو،
جهڙي طرح سان ٻين ڪاليجين ڏي نهاريندي آهيان،
سندر بہ انهيءَ غلط فهميءَ ۾ مبتلا آهي. مان هن ڏي پڻ
لکان ٿي.... ڪملا.

خانواهڻ: ١٢ - جون ١٩٤٤

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خليل جبران (عربي)

## ٻه نظارا

سرمائيدار جي شاندار محل جا سينگاريل ڪمرا بجليءَ جي روشنيءَ سان ٻهڪڻ لڳا. سانجهي ٿي. دربان مخملي لباس پهري، دروازي تي اچي بيٺو. هنجي سيني تي پتل جا پيلا بٽڻ چمڪي رهيا هئا ۽ هو مهمانن جي رهنمائي ڪري رهيو هو.

فشنيبل مرد ۽ عورتون، تڪبر ۽ غرور ۾ لمتار ۽ ريشمي پوشاڪ ڍڪيل، هن محل طرف اچڻ لڳا.

دلڪش گيت ۽ سريلي موسيقيءَ جو آواز دل ۽ دماغ تي ڇانئجڻ لڳو.

ٿوري دير ۾ مردن، عورتن کي پنهنجي طرف سڏيو. هر عورت پنهنجي پسند مطابق هڪ مرد سان هم آغوش ٿي رنگين ناچ نچڻ لڳي. سرمائيدار جو محل رقص ۽ سرور جو سمنڊ بڻجي ويو.

جڏهن رات اڌ منزل طئه ڪري چڪي ۽ شهر ۾ چوڌاري خاموشي ڇانئجي وئي، دسترخوان وڇايا ويا، جن تي طرح طرح جا طعام ۽ ميوا رکيا ويا. طعام کائڻ بوءِ شراب جو دور شروع ٿيو ۽ سڀني گڏجي ايترو شراب پيتو جو نشي ۾ صفا مدهوش ٿي ويا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڪيلا نہ آهيون

سج ٻهاڙ جي اوٽ مان ڪني ڪڍي. ان جي ڪرڻن هاريءَ جو ٻسينو وڏايو، هنجو بدن گرميءَ جي شدت کان تپڻ لڳو .... ۽ هوڏانهن سرمائيدار پنهنجي خوبصورت محل ۾، بجليءَ جي پنکن جي ٿڌي هوا ۾، دنيا کان بيخبر، هنجي پيٽ ڀرڻ واري هاريءَ جي حالت کان بينياز، نرم نرم بسترن تي ننڊ جي آغوش ۾ ڪونگهرا هڻي رهيا هئا.

هيءَ آهي انسان جي حالت ۽ هنجو انصاف. دنيا جي عيش ۾ مدهوش ٿيڻ وارا گهٽا آهن، ٻيا سوچڻ ۽ سمجهڻ وارا....؟

ڪراچي: ٢٦ - مئي ١٩٤٨
هفتيوار "شهباز" ڪراچي: ٢٠ سيپٽمبر ١٩٤٨

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نياز فتحپوري (هندستان)

# پردي ڪيڏانهن ڪان پوءِ

مولانا وارث علي ڪاظمي چشتي قادري مدظله، ظاهري فنن جو مشهور عالم ۽ باطني علمن جو بي مثل ماهر هو. سراپا زهد ۽ پاڪائيءَ جي تصوير هئا ۽ هر وقت تسبيح، ۽ زبان تي الله الله جي تنوار. مٿو ۽ مڇون ڪوڙيل، ڇيني تي سايو ڪندڙ سونهاري، ڊگهو پهراڻ ۽ لنڊو پاجامو. ڪلهن تي هڪ وڏو رومال ۽ هٿ ۾ هڪ ڊگهي لٺ.

پنجئي وقت جماعت سان پاڙي جي مسجد ۾ نماز ادا ڪرڻ، امامت ڪرڻ وقت هميشه "القارعة" ۽ "اذا زلزله" سورتن ۾ آواز کي غمگين بنائڻ؛ نماز بعد دير دير تائين روئندي دعا گهرڻ، خطبي ۽ وعظ ۾ اسلام جي مشهور هستين جون حڪايتون بيان ڪري ماڻهن کي همدردي، رحم ۽ رواداري ۽ وعدي وفائي طرف هدايت ڪرڻ، سارو رمضان اعتڪاف ۾ گذارڻ؛ پاڻيءَ تي صلوات ڦوڪي بيمارن کي ڏيڻ؛ تعويذ لکڻ، هر شخص سان نهايت نرمي ۽ محبت سان ڳالهائڻ؛ اهو هو هن جي اخلاق جو عالم، جنهن ڪان شهر جو ٻچو

وڃي.

هيءَ ڏسي مون ائڊريس ڏانهن نظر ڦيرائي. اهو مولانا وارث عليءَ جي زال جي نالي هو. مان سمجهي ويس ته مولانا جي زال ڪنهن ڏانهن خط لکيو هو، پر واپس آيو آهي. انڪري مون هڪدم لفافو بند ڪري ڇڏيو.

وري خيال آيم ته مٿان مون تي لفافو کولڻ جو الزام مڙهين. ان ڪري خط پڙهي، ان جي اهميت جو اندازو ڪرڻ چاهيم، ۽ اهو بيهر کولي، پڙهڻ لڳس. ان جي شروعات ڪجهه اهڙي عجيب هئي، جو ماڻهو پڙهڻ تي مجبور ٿيس. اهو خط بجنسي هتي درج ڪري رهيو آهيان، انهيءَ لاءِ ته وڌيڪ تبصري ۽ تنقيد جي ضرورت نه رهي.

(٢)

پياري ڀيڻ،

تون چوندين هوندين ته منهنجي خط جو جواب به نه ڏني، پر جيڪڏهن تون منهنجي جاءِ تي هجين ها ته ڪل پوين ها ته ڪهڙي مصيبت هيٺ لکي رهي آهيان. اڄ چپ ۾ پاڙي وارن کان قلم ۽ ڪاغذ گهرايو اٿم، ۽ تهجد وقت لکڻ جو موقعو مليو اٿم.

تهجد وقت ان ڪري جو هن سميت ڏانهن ويو آهي، ۽ صبح تائين مون کي آزاديءَ سان ساهه کڻڻ جي مهلت ملي آهي.

اڳين پيري جڏهن تنهنجو احوال آيو هو، تڏهن مون ان جو جواب لکيو ته اتفاق سان هن جي نظر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خط آيو، جنهن ۾ هن لکيو هو ته "اڳئين دفعي اوهان چلو ڪڍڻ جو وعدو فرمايو هو. معلوم ناهي ته اوهان شروع ڪيو يا نہ؟ خدا واسطي رحم ڪريو ۽ سگهو ئي ان عمل کي پورو ڪريو، ڇو تہ فراق جي ڏينهن زندگي زهر ڪري ڇڏي آهي، ۽ ڪاميابيءَ جي ڪابہ صورت نظر نہ ٿي اچي."

مون وٽ آيو ۽ چيائين تہ تون پنهنجي طرف کان جواب لک تہ "پير صاحب اوهان جي ڪم سان ئي لڳل آهي. چلي جا ويهہ ڏينهن ختم ٿيا آهن. انهن چلو نهايت سخت ڪيو آهي، ۽ ڪنهن سان ڳالهائڻ ڪونہ ٿا. انهيءَ ڪري سندن طرفان هي سٽون قلمبند ڪري رهي آهيان. اميد تہ خاتمي تي مقصد پورو ٿي ويندو. نذرانو ترت اچڻ کپي تہ اوليائن جي نيت خيرات ڪئي وڃي."

هاڻي ڏسجانءِ ٿي چئن ڏينهن ۾ سوين روپيا اتان اچي ويندا.

مطلب تہ چا لکي چا لکان! ڇو ويهي ڪلاڪن ۾ هڪڙو بہ اهڙو ڪلاڪ ڪونہ ٿو گذري، جنهن ۾ هو مڪر ۽ فريب کان غافل رهندو هجي. هي مسيت ۾ وڃي نمازون پڙهڻ، وعظ ڪرڻ، ڏها ڪيڻ ۽ روزا رکڻ سڀ گويا انهيءَ ڪاروبار جي ترقيءَ واسطي آهن؛ ورنہ مان چاڻان ٿي تہ هن جي پرهيزگاريءَ جي حقيقت ڪهڙي آهي. هي ساري رات سمهي ڪونگهرا هڻي وارو شب زنده دار، هي بدهاضمي جي حد تائين پيٽ پري

روزو رکندڙ، گهر ۾ اچڻ بعد هڪ به نماز نہ پڙهڻ وارو نمازي، هي هزارن جي هڙپ ڪرڻ وارو امين، هي ڪڏهن ڪنهن سان به سچ نہ ڳالهائڻ وارو صادق انسان! بس ڇا چئي ڇا چوان؟

رات جو، جنهن ويل هي بخيل بدمعاش پنهنجا ڪپڙا لاهي، هڪ ڪندي کوڏ پڏي، پيٽ تي هٿ ڦيريندي ۽ اوڳرايون ڏيندي، پنهنجي ساري ڏينهن جي وصول ٿيل رقم ڳڻڻ وهندو آهي، تڏهن هن جي شڪل اهڙي ڪرهت واري ۽ هن جو چهرو اهڙو ته بڇاريندڙ لڳندو آهي جو بعضي ته مان ڏسي ڏڪڻ لڳندي آهيان.

جڏهن صبح جو اٿي ٻاهر وڃڻ جي تياري ڪندو آهي، تڏهن پهر ڪن تہ پنهنجي جسم جي ڏاهہ نوهہ ۽ سينگار ۾ صرف ڪندو آهي. پر ادي چوندا آهن تہ ’سهسين ڪري سينگار تڏهن به ڪو دو پٽ ڪوديءَ جو.‘ دنيا اندي آهي الائي ڇا جو ڪجهہ محسوس ٿي ڪونہ ٿي ڪري، ۽ هن جي مڪر جو شڪار ٿي وڃي.

هي تہ آهي حقيقتون آهن جي مان لکي سگهان ٿي. پر جيڪڏهن مان هن ظالم جي اخلاقي پهلوءَ جو حال ڪولي ٻڌايان، جو هڪ عورت هئڻ جي حيثيت ۾ مون ڪي نہ تو سونهين، تہ هوند دنيا ڪنن ۾ آڱريون وجهڻ لڳي.

گهر جي جنهن حصي ۾ هو رات بسر ڪندو آهي، اهو زنانخاني کان الڳ آهي. وچ ۾ فقط هڪ دروازو

اڄ نه مٿس نه سياڻي مرندس، ۽ اهو ڏينهن نه ڏسندس جڏهن حقيقت دنيا جي سامهون بي نقاب ٿيندي.

انهيءَ ڪري هي مختصر احوال ٽوڪي لکان ٿي ۽ جيڪڏهن ڪڏهن به تنهنجي پهچ ۾ مولانا وارث علي شاهه جي سوانحعمري لکي وڃي، ۽ ڪو ٻي پڪ دنيا اهڙي بزرگ جي حياتيءَ جون حالتون مرتب ڪندي، ته تون انهيءَ ڪتاب جي ڪنهن ڪنڊ ۾ منهنجي هيءَ تحرير به درج ڪرائجانءِ، ته ڪ مولانا جو روح انهيءَ خيال کان بيقرار نه رهي ته ان جي سيرت مڪمل نه لکي وئي.

— بدقسمت — صغرا.

---

ڪراچي: ۲۹ - آڪٽوبر ۱۹۵۰ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نياز فتحپوري (هندستان)

# خدا جو انصاف

## (مولويءَ جي نقطي نگاهہ کان)

ويس ڌاري:

طاهره: هڪ نوجوان ڇوڪري.
بلقيس: هڪ جوان عورت.
حبيب: هڪ مرد.
بهاري: هڪ برهمڻ.
ڪرڙشاهہ: هڪ مسلمان پير.
ڪتبائيل: حساب ڪتاب وارو فرشتو.
ڪيڪائيل: تارازيءَ وارو ملائڪ.

(۱)

(حشر جو ميدان. منجهند جو وقت. پريشانيءَ ۽ پڌل مالهن جو هجوم، هر طرف گوڙ ۽ شور، هڪ ٿلهي تي انصاف جي تارازي ڪتل آهي ۽ ڪيڪائيل هڪ شيشم جي ڪرسيءَ تي ويٺو آهي. ٿورو پرڀرو ڪتبائيل هڪ ٻي ڪرسيءَ تي براجمان آهي. پٺيان زبردست ملائڪ مختلف قسمن جا هٿيار ۽ اوزار هٿن ۾ جهليو

بيٺا آهن. سامهون ڪروڙين انسان پنهنجي پنهنجي اعمالنامي سان، اگهاڙي مٿي، ننگا پير، ڦاٽل ڪپڙا، پريشان حال، سڀ پگهر ۾ ٻڏل، بدحواس وات ڦاڙي ڪڏهن ملائڪن کي ڏسن ٿا ۽ ڪڏهن انصاف واري تارازي طرف.)

هڪ غيبي آواز- بهاري مل حاضر آهي؟

(آواز جي دهشت کان هر شخص ڪنن ۾ آڱريون وجهي ٿو. توري دير ۾ ميڙ کي چيريندو هڪ جهور انسان ظاهر ٿئي ٿو. ڦاٽل ڌوتي، ڇڙهون تيل چواو، مڇون ۽ ڏاڙهي ڪوڙيل، مٿو به هڪ وڏي چوٽيءَ کان سواءِ بلڪل صاف، نرڙ تي تلڪ جو نشان، ڪاپي هٿ ۾ مس سان ڪارو ٿيل ڪاغذ.)

ڪتباڻيل- (وڏي ۽ غضبناڪ آواز سان) اڙي، هيڏانهن اچ منهنجي سامهون!

(بهاري ڏڪندو ڏڪندو اڳتي وڌي ٿو ۽ ڪنڌ جهڪائي بيهي ٿو.)

ڪتباڻيل-(اچا ٻه وڏيڪ ڪڙڪي سان) پنهنجو نالو ٻڌاءِ!

بهاري- سائين، بهاري مل.

ڪتباڻيل- هون، تون هندو هئين يا مسلمان؟

بهاري- سائين جن کي خود خبر آهي تہ مان ڇا هوس.

ڪتباڻيل- (منهن ۾ گهنڊ وجهي) مردود! اسان کي تہ خبر آهي تہ تون ڇا هئين، مگر اسين تنهنجي

زبان مان ٻڌل ڳهرون ٿا، خود توکان تنهنجي
ڪمن جو اعتراف چاهيون ٿا، ڇڏو!

بهاري - (هٿ ٻڌي) سرڪار! مان هوس تہ هندو ئي.

ڪتبائيل - تون ڪنهن جي پرستش ڪندو هئين؟

بهاري - ٻڪوان جي.

(ملائڪن جي قطارن مان "لاحول و لا قوت الا بالله" جو هڪ شور بلند ٿئي ٿو، ۽ خود بخود هنن جي گرزن مان چڻڪون نڪرڻ ٿيون.)

ڪتبائيل - هي ڪير هو ۽ تون هن کي ڇو پوڄيندو هئين؟

بهاري - هي خدا هو، خدا جو هڪ نالو هو منهنجي ٻوليءَ ۾.

ڪتبائيل - (طعني طور) خدا جو نالو! تنهنجي ٻوليءَ ۾ هون، ڇا تون ڇٿي سگهين ٿو تہ خدا جي نوانوي نالن ۾ هي بہ شامل هو، ۽ ڇا توکي معلوم نہ هو تہ عربي زبان کان سواءِ ڪنهن ٻي زبان ۾ خدا جو نالو ڳنهڻ ناجائز قرار ڏنو ويو هو.

بهاري - مان عرب ۾ ڪونہ ڄائو هوس، تنهنڪري نہ عربي زبان مان واقف هوس ۽ نہ خدا جي نوانوي نالن مان. منهنجي پاڙي ۾ هڪ مسلمان مولوي رهندو هو، اهو مون کي وقتي وقتي سمجهائيندو هو تہ ٻڪوان کي نہ پڪار، اهو ڪفر آهي ۽ الله الله ڪر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهاري- مون چيو ته مولوي صاحب! ان جي جواب ۾ مان به هي چئي سگهان ٿو ته ڇا مندر ۾ خدا کي ياد ڪري نه ٿو سگهجي. محراب جي سامهون سجدي ۾ ڪري الله الله ڪرڻ ۽ مورتين جي آڏو جهڪي ڀڳوان جو نام جپڻ هڪ ئي شيءِ آهي. مون هن کان اهو به پڇيو هو ته پٿر جو عبادت جي وچ اچڻ ئي خراب آهي ته پوءِ توهين ڇو حج ۾ حجر اسود کي چمندا آهيو. اهو پڇدي هو مرڻ مارڻ لاءِ تيار ٿي ويو. جنهن ڪري مان چپ ٿي ويس ۽ معافي ورتم.

يڪشنڌل- يا الله، ڪافرن جي هيءَ همت، جو تو حجر اسود جو ذڪر پنهنجي ناپاڪ زبان سان ڪيو ۽ پنهنجي مورتين جهڙو بنايو. خير، خير پنهنجي وٺي ته تون ازلي ڪافر ۽ مشرڪ آهين، ۽ ان جو تو خود ئي اقرار ڪيو. هاڻي هي ٻڌا ته تو پنهنجي ڏينهن ڪهڙي طرح بسر ڪئي؟

بهاري- صبح جو پوڄا پاٺ ڪري پنهنجي پنيءَ ڏانهن هليو ويندو هوس. اتي هر ڪاهيندو هوس، پوک پوکيندو هوس، پڇن ٿي لڻندو هوس، ۽ محنت مزوري ڪري پنهنجن ٻارن ٻچن واسطي پيٽ قوت ميسر ڪندو هوس. مون ڪڏهن به ڪوڙ ڪونه ڳالهايو، ڪنهن کي نه ستايو، سڀ جي ڏک درد ۾ شريڪ رهيس، جا خدمت مون کان ٿي سگهندي هئي ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪن ڪڏهن به ڪنڌ ڪونه ڪيائيندو هوس،
بعضي بعضي قرض ڪٿو پوندو هو پر اهو
مناسب وقت اندر واپس به ڪندو هوس،
البت هڪڙو قرض ادا ڪري نه سگهيس.
مان بيمار هوس ۽ منهنجي استريءَ پنهنجا ڳهه ڳنا
وڪڻي پيسا منهنجي علاج ۾ لڳايا. مون هن
کي چيو هو ته تنهنجو هي قرض اوس پورو
ڪندس، مگر افسوس آهي جو مان ان بيماريءَ
مان بچي ڪونه سگهيس، ۽ اهو بار منهنجي
ذمي رهجي ويو. جيڪڏهن هوءَ معاف ڪندي
ته چڱو ورنه ان جي سزا جا هجي سا مون
کي ڏني وڃي.

ڪتبائيل- جو ڪجهه تو بيان ڪيو آهي، ان جي
سچائيءَ جو ڪهڙو ثبوت آهي؟

بهاري- سارو سنسار سامهون موجود آهي، توهين پاڻ
پڇي ڏسو ته منهنجي خلاف ڪا شڪايت
ته ڪانهي؟

(هڪ آپ توڙ آواز بلند ٿئي ٿو ته ”بهاريءَ جي
خلاف جنهن کي ڪجهه چوڻو هجي سو
هيڏانهن اچي“. گهڻي دير تائين ان آواز جو
پڙاڏو قائم رهي ٿو. هڪبار وري اهو سوال
دهرايو وڃي ٿو، مگر ڪوبه ماڻهو اڳتي نه
ٿو اچي.)

ڪتبائيل- (ڪافي انتظار بعد) پنهنجو اعمالنامو کول
۽ پڙهه ته ان ۾ ڇا لکيل آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهاري- (هٿ وارو ڪاغذ ڪولي غور سان جاچيندي)
هي نه صفا ڪارو لکيو پيو آهي، ۽ ڪفر ۽
شرڪ سواءِ، ان ۾ پيو ڪجهه به نظر ڪونه
ٿو اچي.

ڪتبائيل- (زبردست ملائڪن کي) هن ڪسي انصاف
جي نارازيءَ ڏانهن وٺي وڃو.
(چار ملائڪ اچن ٿا ۽ هن ڪسي کڻيندا
ڪيڪائيل ڏانهن وٺي وڃن ٿا.)

(۲)

(ساڳيو نظارو، ساڳي جاءِ، ساڳيو وقت.)

غيبي آواز- سائين ڪرڙ شاهه پير حاضر ٿئي!

(ڪرڙ شاهه، هڪ پير عمر جو، ڊگهي ڏاڙهي، مڇون
ڪوڙيل، نرڙ تي سجدن جو نشان، ڪاري هٿ ۾
لٺ، ساڄي هٿ ۾ اعمالنامي سان وارد ٿئي ٿو.)

ڪتبائيل- تنهنجو نالو ڇا آهي؟

(ماڻهن جي ميڙ ۾ هل هنگامو مچي وڃي
ٿو. ڪيترائي مرد ۽ ضاعفون قطارن کي
ڪاليندا سامهون اچن ٿا.)

سڀ- (هڪ آواز) انصاف!.... انصاف!

ڪتبائيل- هان! هي ڇا جو شور آهي، توهان کي ڇا
کپي؟

سڀ- (هڪ ئي آواز ۾) اسين ڪرڙ شاهه جي
خلاف داد چاهيون ٿا.

ڪتبائيل- (اچرج مان) ڪرڙ شاهه، مولانا ڪرڙ شاهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پير جي خلاف! اهو شخص، جنهن هڪ وقت نماز به قضا نه ڪئي، جنهن هڪ روزو نه ڇڏيو، جنهن پنهنجي عمر ۾ ٢٥ حج ڪيا ۽ هر سال ٻاڪري عيد تي ڪيئي قربانيون ڪيون.

سڀ - ها، ها، انهيءَ جي خلاف!

ڪتبائيل- چڱو، ته هر شخص جدا جدا بيان ڪري.

(هڪ عورت اڳتي وڌي ٿي.)

عورت - منهنجو نالو طاهره، آهي، منهنجو بابو ڪرڙ شاهه جو مريد هو، ۽ چڱو دولتمند ماڻهو هو. مان هن جي اڪيلي ڌيءَ هيس. منهنجي بابي کي هي هر سال حج تي گڏ هلڻ جي صلاح ڏيندو هو. پر هو هڪ نه ٻي مشغوليءَ ڪري نه وڃي سگهندو هو. جڏهن هو تمام ضعيف ٿي ويو، ۽ خيال ٿيس ته ٻئي حج تائين حياتي وفا ڪري يا نه ڪري، هن انهيءَ پير کي چيو ته ”مان هيل حج تي هلڻ لاءِ تيار آهيان.“ پير ٿورو سوچي چيو ته ”هن دفعي مان حج تي هلي ڪونه سگهندس، ڇاڪاڻ ته رات جو مون خواب ۾ ڏٺو ته حضور جن تخت تي ويٺا آهن ۽ فرمايائون ته نور محمد (طاهره جو پيءُ) کي اسان ڏانهن موڪل. مون عرض ڪيو ته حضور مون کي به حاضريءَ جي اجازت عطا ٿئي. حڪم ٿيو ته نه، تون اتي ئي رهه ۽ نور محمد جي گهر ٻار جي سنڀال ڪر. انهيءَ ڪري منهنجو هلڻ ته ناممڪن آهي ۽

تنهنجو ترس بہ ڪنهن طرح درست نظر نہ ٿو اچي.“ منهنجو پيءُ نهايت سادو ۽ جاهل شخص هو، ۽ هن خواب جو من گهڙت قصو بڌي خوشيءَ سان ڪپڙن ۾ نہ ٿي مايو، ۽ انهيءَ ڏينهن کان ئي وڃي جون تياريون شروع ڪري ڏنائين. جيئن تہ منهنجي ماءُ جا ڪيترن ئي هزارن جا زيور پيل هئا، ۽ گهر ۾ ڪو بہ حفاظت ڪرڻ وارو ڪونہ هو، انهيءَ ڪري

ڪوچ ڪرڻ وقت مون کي ۽ زيورن کي هن پهرجي سپرد ڪري ويو ۽ چئي ويو تہ جيڪڏهن مان واپس نہ وران تہ منهنجي ڌيءَ کي ڏنا وڃن.

(چوندي چوندي هوءَ روڪجي وئي ۽ ساري هجوم جون نگاهون مولانا ڪرڙ شاهہ تي وڃي ڪتيون، جو ماٺ ۾ منهن پيلو ڪيو بيٺو هو.)

ڪتبائيل- پوءِ ڇا ٿيو؟

طاهره- جڏهن والد صاحب حج تان نہ موٽيو ۽ گهڻا ڏينهن گذري ويا، تڏهن مون کي الڪو ٿي پيو تہ الاجي ڇو نہ آيو. ڪرڙ شاهہ کان بہ ڪيترائي دفعا پڇيم، پر هو هيئن چئي ٽاري ڇڏيندو هو تہ ”رستي ۾ هوندو“. آخرڪار پاڙي جو هڪ حاجي واپس آيو، ۽ منهنجي پيءُ جا بہ خط آندائين، هڪ مون ڏانهن لکيل

هو ۽ پيو ڪرڙ شاهہ ڏاڍهن. مون کي لکيو هنائين تہ مان ڪيترن ڏينهن کان بستري داخل آهيان ۽ اُن وهن جهڙو بہ ڪونہ آهيان. بہ چار ڏينهن مس ڪيان، جيڪڏهن هي پرزو توکي پهچي تہ سمجهجان تہ آءٌ هن دنيا مان لڏي ويس، ۽ پنهنجا ڳهہ پير صاحب کان وٺي ڪنهن مناسب جڳهہ، جا توکي پسند هجي، شادي ڪجانءِ. پنهنجي مرشد کي بہ اهو ئي لکيو هنائين تہ زيور منهنجي ڇوڪريءَ جي حوالي ڪيا وڃن.

ڪنبائيل- (ڳالهہ وچ ۾ ڪاٽي) پوءِ توکي زيور مليا يا نہ؟

ظاهره- اُنهيءَ ڪان پوءِ تہ هن ڪهڙي شرط تي اهي زيور واپس ڪرڻ چاهيا.

ڪنبائيل- ڪهڙو شرط هو؟

ظاهره- ڇوڪي پيو تہ مون سان وهانءُ ڪر.

ڪنبائيل- پوءِ تو شادي ڪئي يا نہ؟

ظاهره- نہ.

ڪنبائيل- ڇو؟

ظاهره- مون کي هن جي شڪل نہ ٿي وڻي، ۽ هن جي ڪڌن ڪرتوتن کان نفرت هئي. مون کي خيال هئي تہ هن جي گهر ۾ زال موجود آهي ۽ ڪهڙي طرح هن کي تڪليفون پهچائيندو رهي ٿو. مون سمجهيو ٿي تہ زيور گهڻي لالچ ۾ مون سان لائون لهي ٿو

چاهي ۽ ان کان پوءِ مون سان ڳڪوڙا وڃل
وڃائيندو، ٿيون ڪان سواءِ سوڳ جي هڪ
ڳالهه ته هي سڀ سالن جو ڏک ۽ سڏهڪي
[illegible]

ڪئباڊيل- پوءِ ڇا ٿيو؟
طاهره- ٿيندو وري ڇا، هن ڳهڻ ڏيڻ کان انڪار
ڪيو، مان انهيءَ صدمي ۽ پيءُ جي غم ۾
بيمار ٿي پيس. علاج لاءِ پيسو ڪونہ هو ۽
پيءُ جي موت جي ڇهين مهيني، هن پير جون
دعائون ونندي دنيا مان چالاڻو ڪري ويس.
ڪئبائيل- (ڪرڙ شاهہ کي) ڪيئن ڇا ٿو چوين، ڇا
هن ضاعفان جو بيان صحيح آهي؟
(ڪرڙ شاهہ چپ رهيو ۽ چپ بہ ڪونہ چورپائين.)
ڪئبائيل- ٻيو فرياد ي!
هڪ نوجوان- (اڳتي وڌي) سائين منهنجو بہ فرياد آهي.
ڪئباڊيل- چؤ ڇا ٿو چوين؟
نوجوان- منهنجو نالو حبيب آهي. مان هندستان جي
خلافت ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري هوس، ۽
مولانا ڪرڙ شاهہ ڪميٽيءَ طرفان دورو ڪرڻ
لاءِ برما موڪليو ويو هو. اني هن کي سڀ
جمال ڏهين ڏهين هزارين جا ڏهہ نوٽ ڏنا،
مگر هن واپس اچي داخل نہ ڪرايا ۽ نهايت
افسوسناڪ لهجي ۾ بيان ڪيائين تہ رنگون ۾
ڪو ڳنڍ ڇوڙ کيسي تي هٿ صفا ڪري
ويو. مون سيٺ جمال کان نوٽن جا نمبر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهرايا ۽ ڪجهہ طرح جاچ ڪم تہ معلوم
ٿيو تہ هي شخص آهي جنهن نوٽ هڪ هڪ
ڪري ڇپايا ۽ انهن پيسن مان هڪ عاليشان
بنگلو اڏايائين. انهيءَ ڪري اڄ درخواست
ٿو ڪريان تہ هن کان انهيءَ خيانت بابت
بازپرس ڪئي وڃي، ۽ اها حويلي جا هن
جوڙائي هئي، هن جي ڪجهہ ۽ وڏي وڃي
تاڪ ان جي بوجي هوئي هر وقت پيسا جمع ڪندو
۽ پوڄيندو ۽ دانهون ڪندو رهي.

ڪيٽائيل- خاموش، مرا مقرر ڪرڻ ڪنهن بہ ڳئي جو
ڪم نہ آهي. ان جو فيصلو خدا جي هٿ ۾
آهي، جنهن کي گهري ان کي معاف ڪري،
جنهن کي نہ گهري تہ ڪري. (بلند آواز
سان) ٻيو اچي!

هڪ عورت- (اڳتي وڌي) منهنجي بہ شڪايت آهي.

ڪيٽائيل- ڇو؟ ڇا ٿي چوين؟

عورت- منهنجو نالو بلقيس آهي، منهنجو مڙس هن
جو سرپرست هو ۽ فرشتي کان گهٽ معصوم
نہ سمجهندو هوس.

ڪيٽائيل- (فرشتي مان معصوميت جي نسبت ٻڌي،
آڏي اک سان ڪيٽائيل ڏانهن ڏسندي)
تہ هن ڇا فرشتن جهڙو معصوم نہ هئو؟

عورت- فرشتن جي معصوميت جو حال تہ مون کي
دنيا ۾ بہ معلوم نہ هو ۽ هئي بہ اچا تائين
ان ڳالهہ جو تجربو ڪونہ ٿيو آهي. پهرين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ تو کي پنهنجي فيض ۾ داخل ڪريان ٿو.
حياءَ کان منهنجو برو حال ٿي رهيو هو. هيڏانهن وري
زور ڀريو ويو. لاچار ٿي پنهنجو ڏکندڙ هٿ
اڳتي وڌايم. هن هڪدم منهنجي هٿ کي
دٻايو، ۽ ڪجهہ پڙهڻ شروع ڪيائين. پڙهندو
ٻہ ويو ٿي ۽ منهنجي هٿ کي مهٽيندو ٻہ ويو ٿي،
۽ آهستي آهستي اڳتي سرڪندو ٻہ آيو ٿي.
مون اکيون کڻي بند ڪيون ۽ غيرت ۽ شرم
وچان نيم بيهوشي طاري ٿي وئي.
اڌ ڪلاڪ بعد جڏهن منهنجي هٿ جي حالت
ڦوڙيل ڪپڙي جهڙي وڃي ٿي، تڏهن ان کي
آزاد ڪيائين ۽ هٿ وڌائي منهنجا ٻئي ڪلها
پڪڙيائين. مون چاهيو ٿي تہ ڇلانگ ڏئي
ڀڄي وڃان، پر پهرين تہ هن جي گرفت اهڙي
نہ هئي جو مان آسانيءَ سان ڇڏائي ٿي سگهيس،
ٻيو تہ ڀڄان تہ آخر ڪيڏانهن ڀڄان هان.
اڳيان هي شيطان هو ۽ پٺيان پٽ. حجري
جو دروازو بند هو ۽ منهنجو احمق مڙس مون
کان دور گهر ۾ ويٺي دعا گنج العرش پڙهي
رهيو هو. مون لاچار ان کي بہ برداشت ڪيو.
مگر جڏهن هن جا هٿ ڪلهن تان هٽي
سيني طرف وڃڻ لڳا تہ مون کان ضبط ٿي نہ
سگهيو ۽ مان اٿي ٻيٺس ۽ جهٽڪي ڪاريون
ڏئي ٿي سگهيس سي سڀيون ماڻس.
جڏهن واپس گهر پهتس تہ منهنجي حالت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خراب هئي، منهنجو خاوند نه وظيفي ۾ اونڌو
هو، نه ڀوڳون سڀ ڪجهه ڪيائين، پر
وري ان خيال کان خاموش رهيس ته هن کي
مون هرگز ڪو نه ڏيندو، ان بعد آءٌ وري
ڪڏهن به پيرڏي ڪونه ويس، جنهن ڳالهه
کي منهنجي مڙس انتهائي گستاخي سمجهي ۽
مون کي برو ڀلو به ڪهڻو، مگر مون پاڻجي
به ان طرف ڪو رخ نه ڪيو، نتيجو هي نڪتو
جو اسان جي درميان ڇڪتاڻ ٿيڻ لڳي، جنهن
روز روز نفرت ۾ تبديل ٿي وئي، آخرڪار
انهيءَ ابليس جي چوڻ تي هن مونکي طلاق
ڏني ۽ منهنجي ابهم ٻچي مون کان ڇني
ڌار ڪئي ڇڏي ۽ مون کي لوڏي ڪڍيو ويو،
منهنجا ماءُ پيءُ به مسڪين هئا ۽ صبر ڪري
ويهي رهيا ۽ مان پنهنجي جگر جي ٽڪري
کي ياد ڪندي ڪندي هڪ سال اندر ئي
پساهه پورا ڪيا.

ڪتائيل:- (ڪرڙ شاهه ڏانهن نهاري) ٻڌاءِ ڪرڙو شاهه
ان جو جواب ڏيندين؟

(ڪرڙ شاهه بدستور ماٺ ۾ رهيو.)

ڪتائيل:- (وڏي آواز سان) آهي ڪو ٻيو فريادي؟
(اچانڪ ڪجهه ماڻهو اٿي وڃن ٿا ۽ ڪشمڪش
خطرناڪ صورت اختيار ڪرڻ لڳي ٿي.)

ڪتائيل:- (هيءَ ڇڪتاڻ ڏسي) ڇاڪاڻ مان ڪابه وڌيڪ
شڪايت ٻڌڻ نه ٿو چاهيان، ڇو ته نجات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو واسطو انهن ڇهن سان ناهي، پاڪ رکو
عقيدن سان آهي. ان ڪري پهرين مان ان
مسئلي جي چند ڇان ڪرڻ چاهيان ٿو. (ڪرژ
شاهه کي) پڌاءِ تنهنجو مذهب ڪهڙو هو؟

ڪرژ شاهه- اسلام.

ڪتبائيل- تون خدا کي هڪ ڪري ڄاڻندو هئين؟

ڪرژ شاهه- هڪ بلڪل هڪ، وحده لا شريڪ لهٗ.

ڪتبائيل- نبين ۽ رسولن کي مڃيندو هئين؟

ڪرژ شاهه- انهن جو ايترو ته قائل هوس، جو انهن جو
نالو وٺڻ کان سواءِ ڪو ڪم ڪونه ڪندو
هوس.

ڪتبائيل- تنهنجي آسماني ڪتابن، موت بعد حياتي، قبر
جي عذاب، منڪر نڪير، قيامت، دوزخ ۽
جنت ۾ ايمان هو، ۽ انهن کي حق ڪري
سمجهندو هئين؟

ڪرژ شاهه- حق، ته ڇا سمجهان ها ته سڀني ڪتن

ڪرتوتن جي باوجود نجات جي طرف کان
اڄ مطمئن ڪيئن ٿي سگهان ها.

ڪتبائيل- توکي ان ۾ ڪو شڪ ته نه هو ته حوا، آدم
جي ڪاٺي پاسري مان پيدا ڪئي وئي، ۽ شيطان
جي دوکي ۾ اچي انهن ميوو کاڌو ۽ بهشت
مان نيڪالي مليئون؟

ڪرژ شاهه- شڪ ڇا جو. مون ته پوري حياتي انهي
افسوس ۾ گذاري ته جيڪڏهن آدم ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حوا کان اها غلطي نہ ٿئي ها تہ هوءَ عدن
۾ آرام سان ليٽندي ليٽندي هر وقت ميوا
پيا کائون ها.

ڪتبائيل- ڇا تون آخري نبيءَ جي چنڊ کي ٽڪرا
ڪرڻ واري معجزي کي تسليم ڪندو هئين؟

ڪرڙ شاهہ- آخري نبي تہ ڇڏيو، هو تہ خدا جو رسول
هو، مان تہ محمدي امت جي هڪ هڪ وليءَ
کي ڪرامتي سمجهندو هوس. پر ڇو تہ
وچو، خود مون کان بہ ڪجهہ ڪرامتون
ظاهر ٿيڻ کان رهي نہ سگهيون.

ڪتبائيل- نوح جي طوفان بابت تنهنجو ڪهڙو عقيدو هو؟

ڪرڙ شاهہ- اهو ئي تہ طوفان هڪ ٻڍي جي تنور کان
شروع ٿيو، ۽ حضرت نوح ۽ هن جي ساٿين
کان سواءِ سڀني کي غرق ڪري ڇڏيائين.

ڪتبائيل- جڏهن حضرت موسيٰ مصر جي جادوءَ آڏو پنهنجي
لٺ زمين تي رکي تہ ڇا ٿي پيو؟

ڪرڙ شاهہ- اها هڪ وڏي بلا بڻجي پئي، ۽ جادوگرن
جي مڙني بلائن کي ڳڙڪائي وئي.

ڪتبائيل- ۽ جڏهن هن نيل درياهہ تي لٺ هنئي تہ....؟

ڪرڙ شاهہ- (وچ ڳالهہ ڪاٽي) درياهہ ڦاٽي پيو، بني
اسرائيل آسانيءَ سان لنگهي ويا. پر جنهن وقت
فرعون پار ڪرڻ لڳو تنهن وقت پاڻيءَ جو وهڪرو
وري ملي ويو ۽ هو پنهنجي لشڪر سميت
ٻڏي مئو.

ڪتبائيل- ڇا بهشت جي حورن بابت تنهنجو هي عقيدو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ھو تہ ھو رڳو خيالي وٿون آھن ۽ انھن جو حقيقت سان ڪو واسطو ڪونھي؟

ڪرڙ شاھہ- استغفر الله، مون تہ عبادتون ڏي انھيءَ لاءِ ڪيون تہ ھتي حورون حاصل ٿيندئون. مان تہ انھن سان ملڻ جي اميد ۾ خبرناھي ڪيترا چلا، درداھہ ۾ اڳھاڙو بيھي ڪڍي چڪو آھيان، ۽ تو ھين ٿا پڇو تہ مان انھن کي خيالي چيز سمجھندو ھوس!

ڊڪتبائيل- ڇا توکي يقين نہ ھو تہ برائي ڀلائي خدا جي طرف کان آھي؟

ڪرڙ شاھہ- اھو يقين نہ ھجڻ ھا تہ دنيا ۾ ايترا گناھہ ڪرڻ جي جرات ڏي ڪيئن ٿئي ھا.

ڪتبائيل- انھيءَ جو مطلب؟

ڪرڙ شاھہ- يعني منھنجو ايمان ھو تہ جو ڪجھہ آءٌ ڪريان ٿو اھو سڀ خدا جي مرضيءَ سان آھي ۽ ان جي خلاف ڪجھہ ڪرڻ منھنجي وس ۽ اختيار ۾ نہ آھي.

ڪتبائيل- ھان، ۽ ٻي ڳالھہ، اسان ملائڪن جي باري ۾ تنھنجو ڪھڙو عقيدو ھو؟

ڪرڙ شاھہ- مان توھان کي نوراني مخلوق تصور ڪندو ھوس، ۽ ائين بہ ڄاڻندو ھوس تہ توھين جا صورت چاھيو اختيار ڪري سگھو ٿا، ڪائنات جو نظام ساري جو سارو توھان جي ذريعي ھلي ٿو، ۽ توھان مان ھر ھڪ ڪنھن خاص خدمت تي مقرر آھي، مان توھان کي پاڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بہ سمجهندو هوس يعني هي تہ توهين نہ مرد آهيو ۽ نہ عورت.

ڪتبائيل- عقيدن جي نقطي نگاهہ کان تنهنجا جواب سچ پچ اهڙا آهن، جو تنهنجي گناهن جي ڪا اهميت ئي نہ ٿي رهي. انهيءَ هوندي بہ جيئن تہ جزا ۽ سزا مقرر ڪرڻ منهنجو ڪم نہ آهي، انهيءَ ڪري چئي ڪونہ ٿو سگهان تہ تنهنجي حق ۾ خدائي فيصلو ڪهڙو هوندو؟ هاڻي توُن وڃ پهرين انصاف جي ساهميءَ ۾ پنهنجو اعمالنامو توراءِ، ۽ اتان پوءِ پلصراط ڏانهن وڃ، جو تہ آخري فيصلو اتي ئي ٿيندو.

(سائين ڪرڙ شاهہ پير آڪڙجي انصاف جي تارازيءَ طرف وڌي ٿو.)

( ٣ )

(اهوئي وقت، اهوئي نظارو. انصاف جي تارازيءَ جي پرسان بهاري مل ۽ ڪرڙ شاهہ ٻئي پنهنجي پنهنجي هٿ ۾ پنهنجو پنهنجو اعمالنامو کنيو بيٺا آهن.)

ڪيڪائيل- (ٻنهي کي گهوري آواز ۾ مخاطب ٿي) توهين پنهنجا اعمالناما جدا جدا توراڻ ٿا چاهيو يا گڏ؟

ڪرڙ شاهہ- مون ان جو مطلب نہ سمجهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهاري - مون به ڪونه سمجهو.

ڪيڪائيل - يعني اعمالنامي تورڻ جي هڪ صورت ته هيءَ آهي ته جدا جدا تارازين ۾ تورِيا وڃن، ۽ ٻي صورت هيءَ آهي ته ساڳي تارازيءَ ۾ هڪ ئي وقت تو هان ٻنهي جا اعمالناما جدا جدا پڙن ۾ رکيا ويندا، ۽ پوءِ ڏٺو ويندو ته ڪنهن جو پڙ هيٺ جهڪي ٿو.

ڪرڙ شاهه - (ڦوڪنديجي) هي توهين ڇا ٿا فرمايو، ڪٿي هي ڪافر ۽ ڪٿي مان مرد مسلمان، منهنجي اعمال سان هن جي اعمال جي ڪهڙي نسبت!

ڪيڪائيل - مگر مناسب اهو ئي آهي ته ٻئي ساڳئي وقت توريا وڃن، ڇاڪاڻ ته اهڙي نموني مڙني کي معلوم ٿي ويندو ته ڪفر ۽ اسلام ۾ ڪهڙو فرق آهي!

ڪرڙ شاهه - (مشڪندي) بلڪل درست فرمايو اوهان. ائين ئي بهتر ٿيندو.

(ڪيڪائيل ملائڪن کي اشارو ڪري ٿو. انهن مان ٻه ڇٽا هنن ٻن ڪان اعمالناما وٺڻ واسطي وڃن ٿا. هڪ ملائڪ پهرين ڪرڙ شاهه جي سامهون اچي ادب سان هٿ آڏو جهلي بيهي ٿو، ۽ هو پنهنجو اعمالنامو انتهائي فخر سان ملائڪ جي هٿن تي رکي ٿو. ٻيو ملائڪ بهاري مل جي ويجهو وڃي ٿو، بهارين هن ڏي گهوري نهاري ٿو، ۽ پوءِ بيحد غصي ۽ نفرت سان هڪ خنجر جي نوڪ هن جي

اعمالنامي ۾ ڏنبي ٿو ۽ ان هٿ کي جسم
کان پري رکندي اهڙي نموني کڻي وڃي
ٿو ڇو ته اها ڪا سخت نجس چيز آهي.
ٻئي ملائڪ ساهميءَ طرف وڃن ٿا. ساڄي
پڙ ۾ سائين ڪرڙ شاهه جو اعمالنامو وڌو
وڃي ٿو ۽ ڪاهي ۾ بهاري مل جو. يڪا يڪ
ڪاٻو پڙ مٿي کڄي وڃي ٿو، ۽ ساڄو پڙ
هيٺ ٿي وڃي ٿو. اهڙي قدر جو ڪرڙ شاهه
جي چڱن عملن جي بار کان ساري زمين ۾
لرزش پيدا ٿئي ٿي، ۽ ملائڪن جي صفن
مان ”سبحان الله سبحان الله“ جو نعرو بلند
ٿئي ٿو.)

( ٤ )

(حشر جي ميدان جو اهو حصو، جتان جي
اڳيان دوزخ ۽ جنت جون حدون شروع
ٿين ٿيون. سامهون پلصراط موجود آهي، جا
وار کان وڌيڪ سنهي ۽ تلوار کان وڌيڪ
تيز آهي، ان جي هيٺان وڏا ۽ گهرا غار آهن،
جن مان باهه جون ڇپون نڪري رهيون آهن.
پلصراط جي ٻئي ڇيڙي تي ساڳو ميدان پيو
ڏسجي، جتان فردوس جي حد شروع ٿئي
ٿي. هڪڙي ڪنڊ ۾ ڪمترائي جانور بيٺا
آهن، جن ۾ گهڻو تعداد گهٽن، رڍن ۽ ٻڪرين
جو آهي. آن به نظر اچن ٿا مگر گهٽ.
انبوهه مان ڪرڙ شاهه ۽ بهاري مل نڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سامهون اچن ٿا.)

**هڪ ملائڪ** - (هن کي مخاطب ٿي) توهان ٻنهي جو حساب ڪتاب ٿي چڪو. اعمالناما توهجي چڪا، قدرت جي ڪارڪنن طرفان جو اطلاع ڪبريائي عرش تائين پهچائڻو هو سو پهچايو ويو. هاڻي فيصلي جو وقت آهي، جو خدا جي هٿ ۾ آهي ۽ چئي نہ ٿو سگهجي تہ توهان ٻنهي مان ڪنهن کي ڇو ڏڪاري جو حقدار سمجهي ٿو، ۽ ڪنهن کي سزا جو لائق. هو مالڪ ۽ مختيار آهي، هن کان ڪو سوال ڪري نہ ٿو سگهي تہ هن سزا ۽ جزا جا ڪهڙا اصول مقرر ڪيا آهن. بهرحال هي سامهون پلصراط آهي. هاڻي توهين وک وڌايو ۽ ان تان سلامت لنگهي وڃڻ جو جتن ڪريو. جيڪڏهن توهين ڪامياب ٿي ويا، پوءِ تہ واهہ واهہ. سامهون بهشت اٿو ۽ ان جون اڻ کٽ لذتون. جي توهان ناڪام رهيا تہ پوءِ ڇوڻ جو ضرور ڪونهي، باهہ جا شعلا غارن مان نڪرندي، توهان کي بہ نظر اچي رهيا هوندا.

**ٻهاري** - (ڏڪندي ۽ ڏچندي) جيڪڏهن مڪتيءَ جو مدار هن پلصراط پار ڪرڻ تي آهي، ۽ بهشت هنن باهہ جي غارن اڪرڻ مان ئي حاصل ٿي سگهي ٿو تہ پوءِ مان درخواست ٿو ڪريان تہ مون کي هتان ئي ڪٿي نرڪ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڇلائيو، ڇو ته پلصراط لنگهي وڃڻ ڪنهن
جي امڪان ۾ ناهي. خاص ڪري مون جهڙو
ماڻهو، جنهن دنيا ۾ ڪڏهن به آکاڙي ۾
وڃي ڏنڊ نه پيريا ۽ نڪي رسيءَ يا تارن تي
هلڻ جو هنر سکيو.

ملائڪ- (چڙ مان) بدتميز، ڪافر، چپ ڪر. توکي
ڪهڙي خبر ته مسلمان لاءِ اها ئي پلصراط
هڪ ويڪري سڙڪ بڻجي ٿي پوي، ۽ ڪهڙي
نه شان ۽ سلامتيءَ سان اُن تان لنگهي وڃن
ٿا. (ڪرڙ شاهه کي) ٻڌاءِ تون ڇا ٿو چوين؟

ڪرڙ شاهه- بلاشڪ توهان برابر آهيو. ڏسو مان اٽي جو
اٽي ان کي پار ڪري ٿو وڃان. (جانورن
ڏي منهن ڪري) اي منهنجا قربانيءَ جا
جانورو! اچو اڳتي وڌو ۽ مون کي پلصراط
مٿان وٺي هلو. هن ڏينهن لاءِ ئي مون توهان
جو رت وهائي توهان تي احسان ڪيو هو.
(جانورن جي ڌڻ مان ڪيترائي ٻزن دنبا
۽ ٻڪريون ٻوڙندا ڪرڙ شاهه جي آڏو اچي
بيهن ٿا، ۽ هو انهن مان هڪ ٿلهي متاري
دنبي کي چوندي، ان تي سوار ٿي پلصراط
جي پاسي وڃي ٿو. ٻهاري مل حيران ۽ پريشان
ٿي ڏيک ڏسي رهيو آهي. اچانڪ هڪ فرشتو
ظاهر ٿئي ٿو ۽ ڌڪيندو، هنکي پلصراط
ڏانهن وٺي وڃي ٿو. هڪ ڇمڪي سان
”ٽڙاڪ، ٽڙاڪ“ جو آواز برپا ٿئي ٿو، ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيني جون نگاهون ڏسن ٿيون ته، سائين ڪرڙ شاهه پير، بجليءَ جي رفتار سان پلصراط اڪري رهيو آهي، ۽ بهاري مل جو جسم هر قدم تي، ٽڪرا ٽڪرا ٿي، پلصراط هيٺان غارن ۾ ڪري رهيو آهي.)

---

خانواهڻ: ٢٥- اپريل ١٩٥١

---

# ڇپجڻ جي اوسيئڙي ۾ نجم عباسيءَ

# جا نوان ڪتاب:

(١) سورج هوندي مرجهايل (ڪهاڻيون)

(٢) پاڻ ۾ ويڇا آهيون (ڪچهريون)

(٣) ڪتابن سنڌيون ڳالهڙيون (مضمون)

(٤) ذاتي نوٽبڪ مان (ويچار ۽ واقعا)

(٥) ٻڙ ۾ پهلوان آيا (ناولٽ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاضي عبدالغفار (هندستان)

# ڊپٽي صاحب جو ڪتو

پوليس جو جمعدار وڏي رعب تاب سان پاڙي مان لنگهي رهيو آهي. هن جي هٿ ۾ هڪ ننڍو نيٽ جو ٽڪڙ آهي، جنهن جي هڪڙي پڇڙيءَ ۾ چمڙي جا ٽڪر لڳل آهن، هو ان کي هوا ۾ لوڏيندو وڃي ٿو، هن جي ٿلهن چپن جي وچ ۾ سگريٽ آهي. هو پنهنجي ننڍين ننڍين اکين سان هر طرف نهاري رهيو آهي، ڄڻ ته گهٽيءَ جي هر در ۽ ديوار پٺيان ڪو لڪل چور نظر اچڻ وارو آهي. رستي تي رانديون ڪندڙ ٻار جمعدار کي ڏسي، پنهنجي پنهنجي گهر ڏانهن ڊوڙڻ لڳن ٿا. پاڙي جون ٻاهر ڦرندڙ عورتون پاسو ڪري هٽي بيهن ٿيون.... اهڙي طرح جمعدار صاحب شام جو چڪر لڳائي رهيو آهي.

”اڙي انڌو آهين، ڏسين ڪونه ٿو!“ ڀنگي ٻهاري ڦٽي ڪري، ٻنهي هٿن سان سلام ڪري ٿو. جمعدار کيسي مان رومال ڪڍي نڪ تي رکي ڏنو آهي ته متان مٽي، جا ڀنگيءَ جي ٻهاري ڏيڻ ڪري اٿي هئي، سا هن جي نازڪ نڪ ۾ نه هلي وڃي.

”خانصاحب! اسين ڏسون ٿا ته توهان هاڻي پتو تمام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهڙو نہ هئي.“ خانصاحب، پنهنجي ساٿين سميت ڪوهرائنجي انهي ڪڙو ٿيو آهي.

”اچو ساٿين، وڃون تہ پرهندا وڃو.“

”ڪيئن ڙي، ڪٿڪ جو اکھ نہ وري وڏائي چڏيو؟“ واليو، دڪان تان لهي، سڙڪ تي اچي ٿو:

”نہ مجبورا“ هو هبڪندي چوي ٿو،”پلا سرڪلر لاه وري ڪهڙا اکھ.“

”اڙي هيڏانهن اچ!“ جمعدار هڪ ڪنوار چوڪري کي سڏي ٿو، جو ڪئون هڪليندو ٿي وڃو،”پڙ، تنهنجي گهر تازو مکڻ هجي تہ پنهنجي ماءُ کي چئجانءِ تہ پاءُ ٿلهي تي پهچائي وڃي!“

جمعدار هوا ۾ لڪڻ ڦيرائيندو هلندو پيو وڃي. نانوائيءَ جي دڪان سامهون هڪڙو ڪتو ويٺو آهي. ڪهڙي خبر ڪتو ڇا سمجهي پونڪڻ لڳي ٿو.

”چوڙي“ جمعدار ڪتي کي مخاطب ٿئي ٿو ”ڏايا ڏند ٿو ڏيکارين“ هڪ ڇهڪ هڻي ”پيو ڏي اچي!“

پاڙي وارن ڏي منهن ڪري: ”توهين هنن ڇتن ڪتن کي ماريو بہ نہ ٿا. هتي جا ماڻهو بہ عجيب آهن. معلوم ٿو تہ قانون ڇا ٿو چوي؟ قانون چوي ٿو تہ ڇتي ڪتي کي فورن ماريو وڃي. هئينءَ بہ ٿي لتون لنهيءَ مردود کي، اچا پيو پوڪڪي!“

بہ چار شخص ڊوڙن ٿا ۽ ڪتي کي پٺي ڪان پڪڙي، مارڻ شروع ڪن ٿا. ڪتو ڪنئون ڪنئون ڪري رهيو آهي. جمعدار لڪڻ بغل ۾ ڪري، سگريٽ وات ۾ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏي هٿ ۾ جهليو آهي، هنجي اکين ۾ روشني وڌي
وئي آهي.

”ماريو حرامخور کي! موذي پيٺسان.... وڏو وات
ڦاڙي ٿو ڀؤنڪي.“

هيئنر تہ پاڙي جا پوڙها، جوان، ٻار، سڀ اچي ڪٺا
ٿيا آهن. دڪاندار پنهنجا دڪان ڇڏي، رستي تي اچي
بيٺا آهن. جمعدار جي حڪم سان اهو ڪتو ڪُٽجي
رهيو آهي. اهو هڪ خاصو خوبصورت ڪتو آهي، ننڍڙو
۽ ڀورن وارن وارو. نانوائيءَ جي دڪان سامهون اچي
وهندو هو. ڪجهہ تيز مزاج هو. ڪمبخت کي جمعدار
جي تميز ئي ڪانہ هئي. هن وقت ٻچ ڪٺي لنگن ۾
لڪايو اٿائين. هنجي زبان ٻاهر نڪري آئي آهي، ۽
هو رحم طلب نگاهن سان نهاري رهيو آهي.

”هيءُ ڪتو صاحب جو تہ هجي؟“ ــ ٻاهي، جمعدار
کي ڪن ۾ چوي ٿو.

”اڙي، ڪنهن جو آهي هيءُ ڪتو؟“ جمعدار پاڙي
وارن کان پڇي ٿو.

مار موچڙو هاڻي بند ٿي وئي آهي.

ملان موسو، جو ڪوڙ ڀڏي مسيت مان نڪري
آيو آهي، سو ديهل لفظن ۾ چوي ٿو ”هي ڪتو تہ،
هو جهڪو نئون ڊپٽي صاحب آيو آهي، ان جو ٿي

ڏسڻ ۾ ٿو اچي.“

هڪ ڇوڪرو چوڻ لڳو ”مون پاڻ ڪيترائي ڀيرا
هنجي دروازي تي ڏٺو آهي، جمعدار صاحب!“

جمعدار، سگريٽ ڪني ٻانيءَ جي ڪسيءَ ڏانهن

ويٺل ڏٺو آهي.“

”اڙي ميان، تون بہ عجيب ماڻهو آهين خانصاب“ جمعدار ٽڪڙو ٽڪڙو چوي ٿو ”غريب ڪتي کي ڏک لڳي رهيا آهن ۽ تون روڪين بہ نہ ٿو. آخر هي ڪهڙو ظلم آهي. سيٺي هڪ ڪڳدام کي اچي ورتو آهي. ڇڏيو هنجي پٺي کي، ڇڏيوس ڙي. خبر ناهي ڪٿان هنکي کهلي آيا آهيو ۽ ڇتو ٿا تہ دڪان جي آڏو پيو هوندو آهي. توهان ماڻهن کي خبر ناهي تہ جانورن تي ظلم ڪرڻ جي باري ۾ ڪيتري قدر نہ سخت قانون آهي. هينئر ئي چاهيان تہ توهان مان هن ڄڻن کي چالان ڪري ڇڏيان، غضب خدا جو، غريب ڪتو ڪهڙي نہ بيدرديءَ سان ماريو ويو آهي. توهين انسان آهيو يا حيوان. بي زبان تي ايترو ظلم! مان وقت تي نہ اچان ها تہ توهين ڏيٺي صاحب جي ڪتي کي موت جي منهن ۾ پهچائي ڇڏيو ها.“

سپاهيءَ ڏي منهن ڪري چوي ٿو ”ذرا غريب ڪتي کي سنڀالي ڪڻ، هل تہ ڏيٺيءَ وٽ ڇڏي پهچائي اچون.“

وري پاڙي وارن کي: ”خبردار، اڳتي اهڙي حرڪت نہ ڪئي وڃي، ورنہ پنجن ڏهن کي ڪڇيءَ ۾ رسي پوندي!“

---

خانواهڻ: ١٥ - اپريل ١٩٥١

انسان : ١٢ - جنوري ١٩٥٩

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سعادت حسن منٽو (پنجاب)

# شاهہ دولي جو ڪئو

شادي ٿئي وقت سلما ايڪيهن ورهين جي هئي. پنج سال گذري ويا پر هن کي اولاد ڪونہ ٿيو. هنجي ماءُ ۽ سس کي ڏاڍي اُتڪ ٿي پيئي. ماءُ کي هن ڳالهہ جي وڌيڪ ڳڻتي هئي تہ متان سلما جو خاوند ٻي شادي نہ ڪري وجهي. ڊاڪٽرن وٽ بہ ڏيک ڏيکاريو ويو پر اڃان تہ ڪجهہ ڪونہ نڪتو هو.

سلما پاڻ بہ پريشان هئي. اهڙيون ڪي ٿوريون ڇوڪريون هونديون جن کي شادي ٿئي کانپوءِ ٻار جو شوق نہ ٿيندو هجي. هن پنهنجي ماءُ سان ڪيترائي مرتبا مشورو ڪيو، ۽ ماءُ جي هدايتن تي عمل ڪيو، پر نتيجو ڪجهہ بہ نہ نڪتو هو.

هڪ ڏينهن، هنجي ساهيڙي، جنهن کي سنڍ عورت سمجهيو ويندو هو، سا هن سان ملڻ آئي. هنجي گود ۾ ٻار ڏسي، سلما کي ڏاڍو اچرج لڳو. هن کان هڪدم پڇيائين:

”فاطما تو کي هي ٻار ڪيئن پيدا ٿيو؟“ فاطما هن کان پنج سال وڏي هئي. هن سڌو جواب ڏنو: ”هي

بيوقوفيءَ واريون حرڪتون پئي ڪيائين، جو سلما جي غمگين دل مان به کلڻ جا اهڃاڻ ڦٽي ٻاهر نڪتا.

هن مجيب کي چيو: ”پٽ، مان تنهنجي ماءُ آهيان.“

شاهه دولي جو ڪنو بيوقوفن وانگر ڏند ڪڍي کلڻ، نڪ مان وهندڙ سنگهه، پنهنجي ٻانهن سان اگهي ۽ هٿ ٻاهر ڪڍي چيائين: ”هڪ پيسو!“

ماءُ پنهنجو پٽون کوليو، ٻه هنجي نيٽن جا درياهه اول ٿي کلي چڪا هئا. هن سؤ رپئي وارو نوٽ ڪڍيو ۽ وجي ان شخص کي ڏنائين، جو هن جو تماشو ڏيکاري رهيو هو. هن انڪار ڪيو ته اهتري گهٽ قيمت ۾ هو پنهنجي روزيءَ جو وسيلو وڪڻي نه ٿو سگهي.

سلما آخر هن کي پنجن سون ۾ راضي ڪيو. هيءَ رقم ادا ڪري جڏهن هوءَ اندر گهڙي تڏهن مجيب غائب هو. مجيبان هن کي ڇڏايو نه هو پوئين دروازي مان کسڪي ويو.

سلما جو انگ انگ پڪاريندو رهيو ته ”مجيب موٽي اچ!“ پر هو وري ڪڏهن به نظر نه آيو.

---

ٺٽو: ٤- جولاءِ ١٩٥٢

مارئي: آڪٽوبر ١٩٥٩

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سامرسيٽ ماهام (انگلنڊ)

# منڊڙي جي دعا

هن هڪ ڏينهن انجيل ۾ پڙهيو تہ "جيڪڏهن توهانجو ايمان پڪو آهي تہ سچي دل سان دعا گهري، جبل کي بہ پنهنجي جڳهہ تان هٽائي سگهو ٿا."

هونءَ تہ هيءَ آيت بہ ٻين آيتن وانگر هنجو خاص ڌيان ڪونہ ڇڪي ها، پر اتفاق سان ٻئي ڏينهن ديول ۾ پادريءَ بہ اهائي آيت پڙهي ۽ ان جو تفصيل سان تفسير بيان ڪيو تہ ايمان واري جي هر دعا قبول پوي ٿي. اهو ٻڌڻ سان هن جي اندر ۾ آنڌ مانڌ مچي وئي.

ڦلپ جي عمر پندرهن سال هئي. يتيم هجڻ ڪري هنجي پرورش هنجي چاچي وليم ٻئي ڪئي. وليم پادري هو. چاچي جي اثر ڪري هن کي مذهبي تعليم ڪافي ملي هئي. هو هن عمر ۾ ئي بائيبل سوسائٽيءَ جو ميمبر بنيو هو. روزانو انجيل جو دور ڪندو ۽ ديول ۾ عبادت لاءِ باقاعدگي سان ويندو هو. هڪڙي پير ۾ نقص هجڻ ڪري هو ڇائي ڄم کان منڊو هو.

ديول مان موٽي، هن وري انجيل کولي ساڳي آيت بار بار پڙهي، ان جو مطلب سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. هن کي پڪايو ويو هو تہ انجيل جي ڪن ڇوٽين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي باطني معنيٰ ظاهري معنيٰ کان مختلف ٿيندي آهي.
هو انجيل کڻي چاچي وٽ ويو.

”چاچا ولِيم، هن آيت جو مطلب اهو ئي آهي، جيڪو ان جي لفظن مان ظاهر آهي؟“ فلپ دريافت ڪيو.

”ڪهڙي آيت؟“

”هي تہ جيڪڏهن توهان ايمان وارا آهيو تہ جبل کي بہ پنهنجي جڳهہ تان هٽائي سگهو ٿا.“

”جيڪڏهن انجيل ۾ ائين آهي تہ ضرور ائين ٿيندو.“
فلپ جي چاچي، جا بہ پريشان وٺي هئي، تنهن وهم ئي جواب ڏنو.

فلپ چاچي پادريءَ ڏانهن جواب واسطي نهاريو.

”اها تہ يقين ۽ ويساهہ جي ڳالهہ آهي.“ وليم چيو.

”توهانجو مطلب آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن جو خدا ۾ پورو اعتقاد آهي تہ هو جبل کي بہ چوري سگهي ٿو؟“

”بيشڪ، بيشڪ!“

فلپ کي ڪهربل خاطري ملي وئي.

هو پوءِ پنهنجي سمهڻ جي ڪمري ۾ ويو. هنجو ڪمرو ڏاڍو ٿڌو هوندو هو. ٿڌ جي ڪري هو ٺرڪڻ لڳو. هنڌ ۾ گهڙڻ کان اڳ هو گوڏا کوڙي سجدي ۾ ڪري پيو. هن پوري يقين ۽ ايمان سان نيزاري ڪري دعا گهري: ”يا خدا، منهنجي منڊائپ دور ڪر!“

هو ڪيترو وقت سجدي ۾ پيو رهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن کي خبر هئي ته هنجو ايمان مڪمل ۽ خدا ۾ پورو اعتقاد آهي. صبح جو به عبادت کانپوءِ هن خدا کان ساڳيو سوال ڪيو، ۽ ان معجزي جي تاريخ به مقرر ڪيائين:

”اي اتاهه طاقت جا مالڪ! منهنجا پيارا پروردگار، اسڪول وڃڻ واري ڏينهن تائين منهنجي هيءَ چنگهه، درست ٿي وڃي!“.... جبل چورڻ جي مقابلي ۾ ته هي صفا معمولي عرض هو.

اڄا ٿيندرهن ڏينهن اسڪول کان موڪل هئي.

هو خوش هو جو هن کي پنهنجي هڪ وڏي مسئلي جو حل ملي ويو هو. منڍائپ هنجي زندگي زهر بنائي رکي هئي. انڪري ٿي ڪمتريءَ جي احساس جو شڪار ٿيو هو. اسڪول ۾ شاگرد ڇيڙائيندا هئس. ڪا راند روند ڪري ڪونه سگهندو هو. ڪنهن ميڙ يا دعوت ۾ وڃڻ کان ڪيٻائيندو هو.

شام جو به هن سجدي ۾ ڪري ساڳي دعا پني ۽ وري رات جو سمهڻ مهل به. اها پڪ ڳالهه به هنجي ذهن ۾ ايرندي رهي ته حضرت يسوع مسيح دعا ڪري بيمارن کي تندرست ۽ اندن کي سڄو بنايو هو.

هنجو ايمان پڪو هو، انڪري هو موڪل ختم ٿيڻ واري ڏينهن جو بيچينيءَ سان انتظار ڪرڻ لڳو ان سوچ ۽ انتظار دوران هڪ ڏينهن هو دل ئي دل ۾ مرڪيو.... هو تصور ئي ۾ ڏسڻ لڳو ته هنجو چاچو هن کي ڏاڪڻ تان تڪڙو لهندو ڏسي پنهنجي

ڏڪيو.

هنڌ ۾ ڪجهڙن وقت هنجو بدن ٺري برف ٿي ويو هو، ۽ اهتري تڪليف ٿيس جو ڪا مهل ته اک ٻوٽي نه سگهيو. صبح جو نوڪرياڻيءَ ڏونڊاڙي اچي اٿاريس. چند ڦوڪ ڪندي نوڪرياڻي دستور موجب هن سان ڳالهائيندي رهي، پر فلپ ڪو جواب ڪونه ٿي ڏنو. هو ڪنهن ٻي دنيا ۾ هو. هن کي يڪدم ياد اچي ويو هو ته اهو صبح رواجي نه پر هڪ مبارڪ معجزي وارو صبح آهي. هنجي دل خوشي ۽ شڪرگذاريءَ سان ڀرپور هئي.

پهرين خيال آيس ته پير کي هٿ لائي ڏسي، جنهن جي ڏنگائي هاڻي دور ٿي وئي آهي. پر وري اتي ئي ويچاريائين ته ائين ڪرڻ خدا جي وڏائي ۽ مهربانيءَ ۾ شڪ آڻڻ جي برابر ٿيندو. هن کي خاطري هئي ته هنجو پير سچو ۽ درست ٿي ويو آهي.

نيٺ اٿيو. ٻئي پير زمين تي کوڙيائين. پر منڊي چنگهه وارو پير کڻي نه سگهيو. پوءِ پير ڏانهن نهاريائين ۽ هميشه وانگر منڊ ڪائيندو منڊ ڪائيندو ڏاڪڻ تان هيٺ لهي لڳو.

---

حيدرآباد: ٦- فيبروري ١٩٦٣
نئين زندگي: مئي - ١٩٦٥

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نجم عباسيءَ جا اڄ ڏينهن

## ڇپيل ڪتاب

1. طوفان جي تمنا (ڪهاڻيون)........................ ١٩٦٩ع
2. پٿر تي ليڪو (ڪهاڻيون).......................... ١٩٧٣ع
3. ڳاڙهو لالٽين (ڊراما)............................. ١٩٧٤ع
4. جيڪي منهنجي من ۾ آهي (ڪهاڻيون).............. ١٩٧٧ع
5. ناڳڻي (ڪهاڻيون)................................. ١٩٧٨ع
6. ايڏو سور سهي (ڪهاڻيون)......................... ١٩٧٨ع
7. مون هن ڳايو هو (شاعري)......................... ١٩٧٩ع
8. ڏئي اڻ ڏٺل (آتم ڪهاڻي)......................... ١٩٨٠ع
9. رشتا ناتا (ڪهاڻيون).............................. ١٩٨١ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هرنانڊو ٽيليز (اسپين)

## گنجي

گهڙڻ وقت مون ڪجهہ نہ چيو. مان پنهنجي پاڪي روميءَ تي نڪي ڪري رهيو هوس. جڏهن هنڪي سڃاتم تڏهن ڏڪڻي وٺي ويم، پر هن اهو محسوس نہ ڪيو. پنهنجي گهٻراهٽ لڪائڻ جي خيال کان مان پاڪي تيز ڪندو رهيس. پنهنجي آڱوٺي سان انجي تيزاڻ پرکيم، ۽ پوءِ انکي روشنيءَ سامهون جهليم. اتي هن گولين پريو پئو، جنهن مان پستول واري ٿيلهي لڙڪي رهي هئي، سو ڇوڙيو، اهو ڪري پٽ تي لڪل ڪيليءَ ۾ وڌائين، ۽ ان مٿان پنهنجي فوجي ٽوپي ٽنگيائين. پوءِ منهنجي طرف مڙي، پنهنجي ٽاءِ جي ڳنڍ ڍري ڪندي چيائين، "غضب جي گرمي آهي، جلدي منهنجي شيو ڪر." هو ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.

مون اندازو ڪيو تہ هنجي ڏاڙهي چئن ڏينهن جي وڌيل هئي. اهي گذريل چار ڏينهن اسانجي ٽولي جي ڳولا ۾ وٽ پڪڙ ۾ لڳايا ويا هئا. آس جي اثر ڪري هنجي منهن جو رنگ ٽامي جهڙو ٿي ويو هو. مان گرم پاڻيءَ ۾ برش پوڙي، صابڻ جي ٽڪيءَ تي ڦيرڻ لڳس. گنجي ٿهڻ لڳي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن چيو، ”منهنجي پيءُ سائين جي ڏاڙهي بہ اهتري ئي وڏي ٿيل هوندي.“

مان ڪجهہ بہ ورندي ڪين ڏيئي سگهيس.

”مگر اسين پنهنجي مهم ۾ ڪامياب ٿيا هئاسون. مئڪ سردار کي هٿ ڪيو سون. ڪن جا لاش آندا سون ۽ ڪن کي جهنگ ۾ ڀڄڻ تي مجبور ڪيو سون. هو جلد ئي سڀئي موت جو منهن ڏسندا.“

”تو هان ڪيترن ڄڻن کي گرفتار ڪيو؟“ مون پڇيو.

”ڇوڏهن. اسانکي جهنگل ۾ ڪافي اندر وڃڻو پيو. اسانکي پڪ آهي تہ انهن مان ڪو بہ اسانجي هٿن کان بچي ڪونہ سگهندو. ڪو بہ نہ.“

ڪرسيءَ تي ٽيڪ ڏيئي هو ماٺي ڇڪيو، ۽ منهنجي هٿ ۾ ڪجهہ ڏيکاريل برش ڏانهن نهارڻ لڳو. مونکي اڄا هڪڙي چادر ڏيکاريل هئي. هنجي ڳالهين مون ۾ بي آرامي پيدا ڪري ڇڏي هئي. خالي مان چادر ڪڍي پنهنجي گراهڪ جي ڪنڌ جي چوڌاري ويڙهي ڇڏي. هو ڳالهائيندو رهيو. شايد هن سمجهيو پئي تہ مان سندس پارٽيءَ جو هم خيال آهيان.

”اسانجي هن ڪارنامي ڪري شهر وارن ڇڱو سبق حاصل ڪيو هوندو.“

”ها.“ مون هنجي ڳچيءَ ۾ پيل ڪپڙي پنهان ڪنڌ ڏيندي چيو.

”ڪيئن ٿو ڀانئين، ڇگي مڙسي ڪئي سون نہ؟“

”برابر سائين.“ برش کڻي لاهہ منهن تي پاسي ڪندي

مون ورائيو.

شايد تڪ پچڻ واسطي هن اکيون پوري ڇڏيون، ۽ صاحب جي وٺندڙ ٺڏاڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. هو منهنجي اهترو ويجهو ڪڏهن بہ نہ آيو هو. جنهن ڏينهن هن، ڇٽن باغين کي ڦاسي ايندي ڏسڻ لاء، شهر جي مڙني ماڻهن کي اسڪول جي اڳڻ ۾ گڏ ٿيڻ جو حڪم ڏنو، ان ڏينهن فقط هڪ ڪن لاء هو منهنجي سامهون آيو هو. پر ڇپرڻ لاشن جي هيبتناڪ نظاري مون کي ان شخص جي چهري ڇڪاس ڪان باز رکيو، جنهنجي هدايتن هيٺ اهو سيڪجهہ ٿيو هو. اهو چهرو جو هيئنر منهنجي هٿن ۾ اچڻ هو جي چهرو ڪنهن بہ صورت ۾ اڻ وڻندڙ چهرو نہ هو؛ ۽ ڏاڙهي، جنهنڪري هو پنهنجي اصلي عمر ڪان وڏو لڳي رهيو هو، سا پڻ هن کي خراب نٿي لڳي. هنجو نالو هو ڏاريس، ڪپتان ڏاريس. ماڻهو ڪو روشي ڪوڙيو هو، ورنہ پڻي ڪنهن کي اهڙو خيال ڪيئن اچي ها، جو باغين کي اگهاڙو ڪرائي، هنجي جسم جي جدا جدا حصن کي نشانو بڻائي، گولين ڇٽڻ جي مشق ڪرائي ها. مون صاحب جو پهريون تهہ لڳائڻ شروع ڪيو. اکين بند هوندي، هو ڳالهائيندو رهيو. ”ڪل اهڙو آهيان جو جهٽ ننڊ وٺي وڃي، پر اڄ مون کي ڪجهہ ڪجهہ ڪرڻو آهي.“

برش وارو هٿ روڪي، مون ظاهري بيپرواهيءَ سان پڇيو، ”باغين کي شوٽ ڪرڻ جي سلسلي ۾؟“

”هائو.“

هٿ جي نري ڳلن تي هئي. چمڙي نازڪ ۽ توانائي محسوس ٿي.

”مهرباني.“ هن چيو.

هو پنهنجو هٿ، پستول ۽ ٽوپي کڻي لاهه ٽنگڻي طرف ويو. منهنجو رنگ ضرور پيلو پئجي ويو هوندو. مونکي پنهنجي قميص پگهر ۾ شل محسوس ٿي، ٽارچ بتڪل درست ڪيو، پستول کي ٽمڪهي ۽ سڌو ڪيائين، ۽ وارن کي هٿن سان سنواري ٽوپي پاتائين. سوٽ جي کيسي مان ڪيترائي سڪا ڪڍي مون کي منهنجو اجورو ڏنائين، ۽ دروازي ڏانهن روانو ٿيو. در وٽ پهچي پٺ گهڙيون بيهي، مون ڏي منهن ورائي چيائين:

”مونکي پڪايو ويو هو ته تون مون کي قتل ڪندين. مان اهو ئي آزمائڻ آيو هوس. پر تون به سمجهي ويو هوندين ته قتل ڪرڻ سولو ڪم ناهي.“

۽ هو ٻاهر نڪري ويو.

---

حيدرآباد: ٧ - فيبروري ١٩٦٦
سهٽي: ٣ - ٠١ - ١٩٦٧

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

البرٽو موراويا (اٽلي)

# گهر کان گهر تائين

اجهو ڳالهه هيئن شروع ٿي: مون کي ڪم تي ڪجهه پري وڃڻو هو. ان ڪري صبح جو ساجهر اٿيس، ۽ فلومينا اڃا ننڊ ۾ پئي هئي جو مان اوزارن جو ٿيلهو ڪلهي تي رکي، آهستي آهستي گهر کان ٻاهر نڪري ويس. مون کي هڪ ٽانڪيءَ جي نلڪن جي مرمت ڪرڻي هئي. ڪم ۾ ٻه ڪلاڪ کن لڳا ۽ اڌ ڪلاڪ ويندي، اڌ ڪلاڪ موٽندي. ڪل ٿيا ٽي ڪلاڪ. هاڻي ٽي ڪلاڪ وقت جي ڪهڙي وقعت آهي. شايد ڪجهه به نه. يا شايد گهڻو ڪجهه. مثال طور مان اهي ٽي ڪلاڪ ڪم ڪندو رهيس، پر منهنجي پٺيان گهر ۾....

پر ترسو. مان توهان کي مُنڍ کان سربستا واقعا ٻڌايان ٿو.

موٽندي، جڏهن گهر کان اڃا ٿورو پنڌ پري هوس ته ڪنهن منهنجو نالو وٺي سڏ ڪيو. ڪنڌ ورائي ڏٺم ته فيڊي هئي. هوءَ اسان جي گهر جي سامهون رهندي آهي. ويچاري فيڊيءَ جون ڄنگهون بيماريءَ ڪري سڄي هاٿيءَ جي ڄنگهن جهڙيون ٿلهيون ٿي پيون آهن. هلڻ ڪري هن کي ايساهي وٺي وئي هئي. سهڪندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سهڪندي چيائين، ”ڪيترو نہ ڳاڙهو آهي .... پڇا، گهر ڏانهن پيو هلين نہ، مون کي هڪ نوڪري تہ ڪٿائي هل.“

مون چيو، ”ها اماں، وڏي خوشيءَ سان.“

مون کي هڪڙي ڳالهہ ني پنهنجو تيلهو هو ۽ ۽ پٽي هٿ ۾ مائي فيڊيءَ جي نوڪري ڪنيم. هوءَ پنهنجون ٽنين جهڙيون ٽاهيون چنگهون ڪهليندي مون سان گڏوگڏ هلڻ لڳي.

ٿورو هلي پڇيائين، ”فلومينا ڪٿي آهي؟“

مون جواب ڏنو، ”گهر ۾، پيو وري ڪٿي هوندي.“

هن زمين ڏانهن نهاريندي چيو، ”ها ضرور گهر ۾ هجڻ گهرجي، ها ضرور؟“

مون گفتگو جاري رکڻ لاءِ چيو، ”چو ڀلا ضرور؟“

هن ورائيو، ”ها بابا ضرور .... ون ڪيترو نہ ڀالو پولو آهين.“

مون کي شڪ ڪائي ويو ۽ چار ڏڦڙيون ماٺ ڪري پڇيومانس ”ڀالو پولو ڪيئن؟“

”چاڪاڻ تہ مون کي تو تي رحم ٿو اچي.“ هن مون ڏي نهارڻ بنان جواب ڏنو.

”تنهنجو مطلب ڇا آهي؟“

”منهنجو مطلب آهي تہ ڏاڍو خراب زمانو اچي ويو آهي.... اڄ جون عورتون اهي ناهن، جي اسان جي وقت ۾ هونديون هيون.“

”چو؟“

”اسانجي وقت ۾ مرد بنا ڪنهن ڪتڪي عورت کي گهر

۽ اڪيلو ڇڏي ڪم تي وڃي ٿي سگهيو.... پر هاڻي...“
”هاڻي ڇا؟“
”هاڻي ائين ڪونهي.... ڇڏيو يلا مونکي منهنجي نوڪري ڏي. تنهنجون لک مهربانيون.“
هوءَ سهاني صبح جي ساري خوشگواريءَ ۾ زهر پرجي ويو. نوڪري پري ڪري چيومانس، ”ايستائين نہ ڏيندو سانءِ، جيستائين تون سچي حقيقت کولي نہ ٻڌائيندين. آخر فلوميٺا جو هن ڳالهہ سان ڪهڙو واسطو؟“
”مونکي ڪا خبر ڪانهي پر نوڪي ڇتاءُ ڏين ضروري سمجهيم،“ هن ورائيو.
مون رڙ ڪري چيو، ”پر ٻڌاءِ تہ سهين فلوميٺا ڇا ڪيو آهي“
”وڃي ادلجيسا کان پڇ،“ ائين چئي، نوڪري منهنجي هٿ مان کسي، هوءَ اهڙي ڦڙتائيءَ سان ٽڪيون وڪون ڪندي هلي وئي، ڄڻ تہ بيمار ٿي ڪونہ هئي.

( ۲ )

مون خيال ڪيو تہ هاڻي ڳالهہ جي تہہ تائين پهچڻ کان سواءِ گهر وڃڻ اجايو هو. انڪري يونٽي وري ادلجيسا جي ڳولا ۾ روانو ٿيس. خوش قسمتيءَ سان هوءَ ويجهوئي رهندي هئي. ادلجيسا ۽ منهنجو مڱڻو ٿيو هو، پر پوءِ مون اهو مڱڻو ٽوڙي فلوميٺا سان شادي ڪئي هئي. ادلجيسا اڃا تائين ڪنواري هئي. مونکي شڪ ٿيو تہ شايد هن ئي رقابت وچان فلوميٺا بابت ڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

من گهڙت قصو مشهور ڪري بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

چار ڏاڪڻيون چڙهي چوٿين ماڙ تي پهتس ۽ ذرا ساڻ هنجي در تي ٺڪ ٺڪ ڪيم. هن بہ اهڙي ابهرائيءَ ساڻ دروازو کوليو جو ذري گهٽ هنجي بوٽ ۾ لڳو هو. هنجي قميص جون ٻانهون مٿي ڪنجيل هيون ۽ هنجي هٿ ۾ ٻهاري هئي. تڪو ٿي پڇيائين، ”جينو چا کپئي؟“

اد لجيسا سنهي ۽ ننڍي ڇوڪري آهي، پر مٿو البت وڏو اٿس ۽ ڪاڪي ٿورو وڏيل. ڪاڪيءَ جي ڪري هنکي ’ڪاري جي راڻي‘ ڪوٺيو ويندو آهي، پر منهن تي اٿين چٽيو هوس تہ چڙي پوندي هئي. مگر مونکي اهڙي ڪاوڙ هئي جو چيو مانس، ”اچا، ڪاري جي راڻي، اها تون ئي آهين جنهن فلومينا تي بهتان مڙهيو آهي تہ هوءَ منهنجي غير حاضريءَ ۾ گهر ۾ هينءَ هونءَ ڪري ٿي.“

هن غصي ساڻ مون ڏي نهاري گهوريو، ”تو فلومينا کي حاصل ڪرڻ چاهيو ٿي ۽ هوءَ توکي ملي.“

مون اندر داخل ٿي هنکي ڏوري ڪان ڪئي جهليو.

پر پوءِ يڪدم چڏي ڏنومانس ڇو تہ هن ڏاڍين اميد ڀرين نظرن ساڻ مون ڏي نهاريو.

”انهيءَ جو مطلب تہ اها ساري تنهنجي ڪرتي آهي؟“

”نہ، مون پنهنجي طرفان ڪجهہ نہ ڪيو آهي، مون تہ جيڪي ٻڌو هو سوئي دهرايو هوم.“

”۽ تو ڪٿان ڀڄو؟“

”نينا وٽان.“

مون ڪجهہ نہ چيو ۽ منهن ورائي ٻاهر نهارڻ لڳس. پر هن منهنجو رستو روڪي، شرير ۽ چيڙائيندڙ نظرن سان ڏسندي چيو، ”۽ مونکي ڪاري جي راڻي ڪري نہ سڏيندو ڪر.“

”چو، پنهنجي ڪاڻي وساري ٿي ڇڏين!“ مون جواب ڏنو ۽ هن ڪان پاڻ ڇڏائي، ڊوڙڪيندو ڏاڪڻ ڏانهن وڌيس.

”پر منهنجي ڪاڻي داغدار نہ آهي،“ هن ڪنهڙي ڦان جهڪندي وڏي آواز ۾ چيو.

منهنجي دل جو سڪون ختم ٿي چڪو هو ۽ اندر ۾ ڏاڍي آنڌ مانڌ مچي وئي هئي. مونکي اهو ممڪن ئي نظر نہ ٿي آيو تہ فلومينا مون سان ڊوکو ڪري سگهي ٿي. شاديءَ جي گذريل ٽن سالن ۾ هن مونکي ٽن ۽ من سان پيار ڪيو هو ۽ پريت جي ڪنهن بہ ريت کي نہ اورانگهيو هو. پر واهہ ڙي رقابت تنهنجي ڪرامت! فيڊي ۽ ادلجيسا جي ڏاڍل اشارن جي روشنيءَ ۾ مونکي فلومينا جو پيار محض مڪر ۽ فريب پاسي لڳو ۽ هوءَ دنيا جي بدترين ويساهہ گهات نظر اچڻ لڳي.

( ٣ )

نينا ساڳئي رستي تي هڪ هوٽل ۾ ملازم هئي. هوءَ ڪارين وارن ۽ نيرين اکين واري، نماڻي ۽ گنڀير سڀاءَ واري نينگري آهي. هوءَ پيسن وٺڻ واري ميز وٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌي هئي. ڪن ۾ پڻ پڻ ڪري چيو مانس، ”اها تون ٿي آهين، جنهن فلومينا بابت اها ڪهاڻي گهڙي آهي ته، هوءَ منهنجي غير موجودگيءَ ۾ اوپرن ماڻهن کي گهر ۾ آڻي ٿي؟“

هوءَ هڪ گراهڪ کان پيسا وٺي پرڏل هئي. هنکي باقي پئسا موٽائي، ڏيرچ سان مون کان پڇيائين، ”جينو! تو مونکي ڇا پئي چيو؟“

مون پنهنجو سوال دهرايو.

”جينو، ڇا تون سچ پچ سمجهين ٿو ته مان پنهنجي فلومينا جهڙي بهترين ساهيڙيءَ جي باري ۾ اهڙو ڪوڙو قصو ٺاهي هنکي خوار ڪندس.“

”ته پوءِ ادلجيسا خواب لڌو هوندو.“

”نه، نه. نڪو ادلجيسا خواب لڌو آهي ۽ نه مون ڪو قصو ايجاد ڪيو آهي. مون ته فقط ٻڌل ڳالهه دهرائي هئي.“

”واهه جو دوستيءَ جو حق ادا ڪيو اٿئي،“ مون توکان ورائيو.

”پر ساڳئي وقت مون ادلجيسا کي اهو به چيو هو ته مان ان ڳالهه تي اعتبار ڪونه ٿي ڪريان.“

”خير، ڪجهه به هجي، پر توکي ٻڌايو ڪنهن؟“

”زينا.... هوءَ پنهنجي دڪان تان سڙجي مونکي اهو ٻڌائڻ آئي هئي.“

(٤)

نينا کي الهه واهي ڪرڻ بنا ٿي، مون ڏوهيءَ جي دڪان ڏانهن ڏوڪيو. زمتي ٺان ٿي ڏٺم ته زينا اندر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي واتان ٻڌو هو ۽ هنکي نہ هنجي نالي جي بہ خبر آهي."

"ٻوه ڀلا ٻڌاء نہ هنجو نالو ڇا آهي"

"بهتر ائين ٿيندو تہ وڃي اڱنيز کان پڇ."

هاڻي مونکي يقين ٿيڻ لڳو هو تہ فلوميئا مون سان دغا ڪندي رهي آهي. ايتري قدر جو ماڻهن کي ان شخص جي نالي جي بہ ڄاڻ هئي. حالي تہ اها جوجڪي آيم تہ هڪدم وڃي فلوميئا کي خون ڪريان. پر منهنجي دل مڃيو ئي نہ ٿي تہ فلوميئا، منهنجي فلوميئا ڪنهن ٻئي مرد سان....

( ٥ )

مان تماڪ جي دڪان تي ويس. اڱنيز پنهنجي پيءُ جي دڪان تي سگريٽ وڪڻندي آهي.

"گولڊ فليڪ جو هڪ پاڪيٽ." چئي مون پئسا هنجي ميز تي اڇلايا. اڱنيز سترهن سالن جي ننڍي نينگري ڇوڪري آهي. هنجي، مٿي جا وار آيا ۽ اٿيا هئا. پاڻو ٻر ۽ سرخي سان خوب سينگار ڪيل هئي. هر ڪنهنکي خبر هئي تہ هوءَ ڏاڍي لالچڻ ۽ پئسي تي ايمان وڪڻڻ واري آهي. جيئن هوءَ مونکي سگريٽ ڏيڻ لڳي تيئن، مون جهڪي هن کان پڇيو، "ٻڌاءِ تہ هن جو نالو ڇا آهي؟"

"ڪنهنجو نالو؟" هن اچرج مان پڇيو.

"منهجي زال جي يار جو."

هن مونڏي ائين نهاريو ڄڻ ڌڄي وئي هئي. شايد

اڪيلا نه آهيون ۱۰۱ل

۾ پڻ ڪيترائي آهن....

(٦)

مان پنهنجي گهر واري بلڊنگ وٽ پهچي. سڌو دروازي جي رکوالڻ جي ڪوٺڙيءَ ڏانهن ويس. پوڙهي رکوالڻ منجيءَ تي ويٺي سائي پاڃي سوئي رهي هئي. در وٽ بيهي پڇيومانس. ”مون ٻڌو، ڇا اها ڳالهه سچي آهي ته جڏهن مان پنهنجي ڏنڌي پٺيان ويندو آهيان، تڏهن موريو نالي شخص فلومينا وٽ ايندو آهي.“

هنڪي طيش اچي ويو ۽ تيزيءَ سان ورندي ڏنائين ”ڪنهن به ڪجهه به نه ڳهڙيو آهي.... تنهنجي زال پاڻ ئي مونکي ٻڌايو آهي.“

”فلومينا؟“

”ها.... هن مونکي چٺي ڏنو آهي ته ههڙي رنگ روپ وارو نوجوان مون سان ملڻ ايندو. هنجو نالو موريو آهي. جي جينو گهر هجي ته هنکي مٿي اچڻ ڪان منع ڪجانءِ، جي جينو ٻاهر ويل هجي ته هنکي مٿي موڪلجانءِ.... هينئر به هو مٿي آهي.“

”هو هينئر مٿي منهنجي گهر ۾ آهي“

”ها، پيو وري.... ڪلاڪ کن کان.“

(٧)

سو، موريو جو نه فقط وجود هو، پر هو هن وقت پنهنجي سر، مٿي منهنجي گهر ۾، فلومينا سان موجود

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان هڪ به نه هو، جن جو مان وات ني تصور ڪندو ني آيس.... هو فلومينا جو سڳو ڀاءُ موريو هو، جو پنج سال اڳ ڏاڙي هٿان جي ڏوهه ۾ جيل ويو هو ۽ جنهن بابت مون پنهنجي زال کي سختيءَ سان منع ڪري ڇڏيو هو ته هنجي جيل مان ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ ڪڏهن به هنکي هن گهر ۾ اندر پير پائڻ نه ڏئي ۽ نه ڪڏهن هنجو نالو منهنجي سامهون وٺي، هو بيحد ضعيف ۽ بڇڙن حالن ۾ هو، پر هنکي سڃاڻڻ ۾ مونکي دير ڪانه لڳي.

---

حيدرآباد: ٢٨- آڪٽوبر ١٩٦٧

سهڻي: ١٦- ١٩٦٧

گريگوريو لاپيز (اسپين)

# خدا ڏانهن خط

سڄي واديءَ ۾ هيءَ ڏي هڪ گهر هو، جو هڪڙي ننڍي پهاڙيءَ جي چوٽيءَ تي اڏيل هو. اتي بيهڻ سان چوپاين جو وٿاڻ، چراگاهہ ۽ پوک صاف ڏسڻ ۾ ٿي آيا. اناج جا پُرهل سنگ ۽ انهن جي وچ وچ ۾ مٽرن جا گاڙها، جهومر لڳايو بيٺا هئا. هن سال پلي فصل ٿيڻ جا سڀ اهڃاڻ موجود هئا. بس رڳو زمين کي تمام ٿوري پاڻيءَ جي ضرورت هئي، بارش جي هلڪي وسڪاري جي.

لينچو، جو زمين جي هر ضرورت کان واقف هو، سو صبح کان ڏي، آس لڳايو، اتر اوڀر طرف، وسڻ جي ويس ڪيل آسمان ۾ اکيون اڙايو ويٺو هو.

سانجهي ٿيڻ لڳي.

”هاڻي مينهن آيو بيٺو آ.“ هن جوءِ ڏي منهن ڪري چيو. جوئس دانگيءَ مان ڍڍو ڪيندي وراڻيو: ”رب سائين پاجهارو آهي، سڀ سٺائي ڪندو.“

وڏا ڇوڪرا ٻنيءَ ۾ ڪم ڪري رهيا هئا، ۽ ننڍيا پار گهر ويجهوئي راند ڪيڏي رهيا هئا. ماءُ هنن کي سڏي

ڪونہ بچيو. اصل سڄو فصل ناس ٿي ويو! مٽرن جا سبب گلڙا ڇڄي، ڇٽي پٽ تي وڃي پيا. لينچي جو روح مايوسي ۽ غم سان ڀرجي ويو. جڏهن طوفان ختم ٿيو، تڏهن هو برباد ٿيل ٻنيءَ جي وچ ۾ وڃي بيٺو ۽ ڀتن کي سڏي چيائين:

”ماڪڙ ته ڪجهہ، نہ ڪجهہ بچائي وڃي ها، هن طوفان تہ ڪجهہ بہ نہ ڇڏيو آهي. هيلوڪي سال اسان وٽ نہ اَن جو داڻو هوندو ۽ نہ مٽرن مٽ....“

اها رات ڏاڍي اداس هئي.

”اسانجي ساري محنت ڌوڙ ۾ ملي ويئي!“

”دنيا ۾ ڪوبہ ڪونهي جو اسانجي واهر ڪري سگهي!“

”هن سال اسين سڀ بک مرنداسين....“

مگر واديءَ جي وچ ۾ هن هيڪلي گهر جي هڙني رهاڪن جي دلين ۾ هڪڙي اميد هئي: خدا جي مدد!

”برابر اسانجي پوري محنت برباد ٿي ويئي آهي، پر دل نہ لاهيو؛ ياد رکو ڪوبہ بک وگهي نہ مرندو آهي!“

”ها، اٿين ٿي چوندا آهن تہ ڪير بک وگهي دم نہ ڏيندو آهي!....“

اها سڄي رات لينچو پنهنجي هڪ ئي اميد تي ويچار ڪندو رهيو: خدا جي مدد.... اهو خدا، جنهن بابت هن بزرگن ۾ هر هڪ ماڻهوءَ کان ٻڌو هو تہ هو سڀ ڪجهہ ڏسي پسي ٿو، ۽ هو دلين جو مالڪ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهربائين. ٻوءِ وراندي ۾، عام ماڻهن واسطي رکيل ميز وٽ ويهي لکڻ لڳو. لکندي لکندي هنجي نرڙ تي گهنج پنجي پئي ويا، ڇڻ تہ ڳوڙهي ڳڻتيوت ۾ هو، يا خيالن ڏاهڻ ۾ انهن کي لفظن جي شڪل ڏيڻ ۾ دقت در پيش ٿي آيس. جڏهن لکي پورو ڪيائين، تڏهن هو وري دريءَ وٽ آيو ۾ لفافو ڳنهي، ان ۾ خط وجهي، چپن سان آلو ڪري بند ڪيائين.

جيئن ئي هو لفافو ڏبي ۾ وجهي ٻاهر نڪتو، تيئن ئي تهزيءَ سان پوسٽ ماسٽر وچي ڏٻو کوليو ۽ اهو لفافو ڪڍي، ڦاڙي، خط پڙهڻ لڳو. لکيل هو:

”اي خدا! جنهن رقم واسطي مون سوال ڪيو هو، ان مان مون کي فقط ستر رپيا پهتا. باقي رقم مونکي جلدي موڪليو، ڇو تہ مونکي سخت ضرورت آهي. مگر اهي ٽپال رستي نہ موڪلجو، ڇو تہ ٽپال کاتي جا ملازم وڏا بي ايمان آهن.... لينچو.“

---

حيدرآباد: ١٩ - نومبر ١٩٦٧

مهراڻ: ١ - ١٩٦٨

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيريڪوف (روس)

# جادوگر

شهر ۾ سخت بدامني هئي. هڙتال مٿان هڙتال پئي ٿي. هيءَ هلچل ڪارخانن کان شروع ٿي، ۽ هلندي هلندي ٻاهه وانگر شهر جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچي وئي.

هن هلچل کي ختم ڪرڻ لاءِ پوليس هر ممڪن ڪوشش ڪئي، پر بيسود. هيءَ هلچل ختم ٿيڻ واري نه هئي.

ظاهر ظهور ته شهر دستور موجب دلچسپين جو مرڪز هو. بازار ۾ اهائي رونق هئي. خريد فروخت به ڏهاڙي وانگر ٿي رهي هئي، تنهن هوندي به ڪو به شخص ائين چوڻ کان رهي نٿي سگهيو ته شهر ۾ بي آراميءَ جي لهر ڊوڙي رهي آهي. معموليءَ کان معمولي واقعو به هيجان برپا ڪري ٿو ڇڏي.

ميٽيءَ جي آواز ٻڌڻ سان گهڻن ماڻهن جي دلين تي هيبت ڇانئجي ٿي وئي. ڪي ماڻهو اهو آواز ٻڌندي ئي ڀوڙندي ٿي آيا ته ڏسون ته ڪهڙي ماجرا آهي؟ ڪي وري دڪان ۾ لڪي ٿي ويا.... هو ڪنهن کان لڪي رهيا هئا.... ڪهڙي شئي هنن کي ايترو قدر خوف-زده ٿي بنايو؟.... اها ڪنهن کي به خبر ڪانه هئي، پر تڏهن به هر شخص کي ڊپ هو ته ضرور ڪا خوفناڪ گهٽنا ٿيڻ واري آهي.

ڪر.... نہ تہ اسان کي بہ ڪنهن پوليس واري جون لٺيون...."

سارنگ پنهنجي ماءُ جو هٿ پڪڙيو ۽ هُن سان گڏ ڊوڙڻ شروع ڪيو.

مزورن جي هڪ مهڙ چڙوچڙ ٿيڻ ڪري، ماءُ سخت پريشان ٿي وئي. هن ڪنهن بہ طرح جلد کان جلد پنهنجي گهر پهچي وڃڻ ٿي چاهيو.

"چا هي مزور ڏاڍا ماڻهو آهن، امان!"

"ڪير؟.... ڪير؟"

"مزور!"

"مون کي خبر ناهي.... هو چڱا بہ آهن ۽ خراب بہ.... پر هو ڪم ٿي ننا ڪن."

"چا هو چريا آهن؟"

"ها، ها، پر تون بيهہ تہ.... ۽ هنن وانگر چريو نہ ٿيءُ"

"امان، چا هو وڏا ماڻهو آهن؟"

هوءَ جواب ڏئي ئي ڏئي، تنهن کان اڳ ڪي گهوڙيسوار سپاهي بازار ۾ اچي ڪڙڪيا. هنن مان هڪ پنهنجي گهوڙي کي زور سان چهبڪ هنيو. چهبڪ جو آواز سارنگ جي ماءُ جي ڪنن ۾ بندوق جي ٺڪاءَ وانگر اچي گونجيو.

هن جي وات مان ڇيٽ نڪتي ۽ پاڙي طئي ڪرڻ کانسواءِ ٿي، نڪرو نڪرو پرسان بيٺل هڪڙي ٽانگي واري ڏي ٺهاري، ٻنل لهجي ۾ چيائين، "جلدي هل.... جيترو جلدي ٿي سگهي جلدي...."

"پر سائين، ڪيڏانهن؟" ٽانگي واري ادب سان پڇيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تون سڌو ٿي سڌو هل.... او خدايا.... جلدي هل!“

”سائين، تون هين گهبرائيو نه. هو اسان جو وار به ونگو نه ڪندا.“

جڏهن گاڏي، بازار جو پهريون موڙ مڙي، تڏهن مس مس وڃي سارنگ جي ماءُ جي پيٽ ۾ ساهه پيو ۽ اطمينان جو ساهه کڻي چيائين:

”پٽ، ٽانگي وارا، مان توکي رپئي کان وڌيڪ ڀاڙو نه ڏينديس.“

”پر سائين، اهو نه گهٽ آهي.“

”ته پوءِ گاڏي روڪ.... اسين ٽرام ۾ گهر هليا وينداسين.“

”چڱو سائين. پر مون کي انديشو آهي ته توهان کي هروڀرو وقت ضايع ڪرڻو پوندو. اڄ ٽرامون ڪونه هلنديون.“

”ڇو؟“

”مون ڪالهه پڌو هو ته ٽرامون هلائيندڙ مزدور هڙتال ڪري رهيا آهن.“

ان وچ ۾، مزورن جو هڪڙو ٽولو گاڏيءَ وٽان اچي لنگهيو. سارنگ جي ماءُ وري ڊڄي وئي. هن ٽانگي واري کي اشارو ڪيو ته گاڏي وري هلائي.

سارنگ، ماءُ جي هنج ۾ ويهي، خوف ۾ ڀڏل نگاهن سان ان ٽولي کي ڏسي رهيو هو.

”مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته آخر پوليس ڇو هنن ماڻهن پٺيان حيران پريشان ٿي رهي آهي. جي هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيار ڪن ٿا، مي بازار ۾ پوليس ڪان اٿين پڇندا لڪندا
ڇو ٿا وتن.

هن جي ماءُ هن کي اڇا هيٺر هيٺر نئون ڪوٽ
گهڻي ڏنو هو، جو هن وقت پئي ۾ ويڙهيل هن جي
گوڏن تي رکيو هو. سارنگ اهو سوچي خوش ٿي رهيو
هو ته. چگو ٿيو جو ڪپڙن تيار ٿيڻ جي بند ٿيڻ کان
اڳ ۾ ئي هن جو ڪوٽ خريد ڪيو ويو.

”اما، ڇا مون وارو نئون ڪوٽ به انهن ئي تيار
ڪيو آهي؟“

”ننڍڙا سائين! هر هڪ شئي هنن جي ئي تيار ڪيل
آهي. تنهنجي بٽ تي ڪابه اهڙي چيز ڪانهي جا هنن
تيار نه ڪئي هجي.“ ماءُ جي بدران، ٽانگي واري
وراڻيو.

ماءُ، سارنگ کي ڇڙٻ ڏئي چيو:

”سارنگ! گهڻي بڪ بڪ نه ڪر. ٽانگي واري
سان به نه ڳالهاءِ!“

پر ٽانگي وارو چپ نه رهيو، ۽ دير تائين ان موضوع
تي پنهنجا ويچار پڌرا ڪندو رهيو.

”خبر ناهي، توکي گرفتار ڇو نٿا ڪن!“ سارنگ
جي ماءُ، ٽانگي واري ڏي منهن ڪري چيو.

ان تي ٽانگي وارو خاموش ٿي ويو ۽ وري سڄي
وات ان باري ۾ ڪجهه به نه چيائين.

(٣)

سارنگ، خيالن جي هجوم سان پريل، گهر ۾
گهڙيو. اڄا تائين هو اهو چئي نٿي سگهيو ته مزور

خراب آهن يا سٺا.

”سوني! اڄ اسان مزور ڏٺا.... مزور.“ سارنگ، پنهنجي پيءُ کي رازداريءَ واري لهجي ۾ ٻڌايو.

”هو ڪهڙيءَ شڪل جا آهن؟ سارنگ!“

”هئو.... هئو، منهنجي خيال ۾ هارين جهڙا آهن.“

گهر ۾، انهن شخصيتن بابت، جن فئڪٽريون بند ڪيون هيون ۽ ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو، ڏاڍي گفتگو ٿيندي هئي. پر سارنگ ان گفتگوءَ مان ٻه ڪو نتيجو ڪيڏي ڪونه سگهيو هو، ۽ هڪ سان چئي نٿي سگهيو ته اهي ماڻهو چڱا آهن يا برا.

هڪ ڏينهن هن پنهنجي نوڪر بخشل کان پڇيو:

”ڇا هي ماڻهو ڪارخانا بند ڪري سگهن ٿا؟“

”ڏاڍي سولائيءَ سان ننڍڙا سائين.“

”پر ڪهڙيءَ طرح؟“

”بس هو ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪيو ڇڏين.“

”ڇا هنن کان سواءِ ڪارخانو هلي ڏي نٿو سگهي؟“

”ڪارخانا ڪيئن هلي سگهندا، ننڍڙا سائين، جڏهن هنن کان سواءِ ڪو ڪم ٿي ئي نٿو سگهي.“

”هان! ته ائين آهي؟ .... اهڙيءَ طرح، هنن کانسواءِ منهنجو نئون ڪوٽ به تيار ٿي نه سگهي ها!“

”ها، ننڍڙا سائين.“

”منهنجو واسڪوٽ بہ؟“

”واسڪوٽ به، پاجامو به، قميص به. جيڪڏهن هو اهي سڀ شيون تيار نہ ڪن ها، ته توهان ائين ڏي

هجين ها، جيئن قدرت توکي پيدا ڪيو هو.“

”صفا اگهاڙو؟ .... بيوقوف ماڻهو .... مگر اڄ مون کي ٻئي ڏيہ سان ڪپڙا گهرائي ڏئي ها.“

”پر اهڙيءَ طرح توکي ڏاڍو انتظار ڪرڻو پوي ها. پر جي اٿي بہ هڙتال هجي، يا اڄ وچ جا رستا بند هجن نہ پوءِ؟“

”ريل گاڏيون بہ بند ٿي وينديون ڇا؟“

”افواهہ تہ آهن.“

”پوءِ منهنجو بابو ڪيئن ايندو؟ مان هن سان ڪهڙي نموني گڏ جي سگهندس؟“

”اهڙيءَ حالت ۾ هن کي پيدل سفر ڪرڻو پوندو.“

”سڀاڻي ڳالهہ، مان امان کي چوندس تہ تون بابي بابت گهڻا اکر استعمال ڪري رهيو هئين.“

اڻين چئي، سارنگ ڪا سهل چپ ٿي ويو، ۽ ڪجهہ سوچڻ لڳو. پوءِ پنهنجي ڪوٽ جي ٻانهن پڪڙي چوڻ لڳو:

”۽ تون چوندين تہ هيءَ سلائي بہ انهن ڪئي آهي؟“

”چوندس. تنهجي ماءُ توکي فقط ڇٽيو آهي، باقي....“

(٤)

ٻن ڏينهن کان پوءِ ٽراسون هاڻ بند ٿي ويون. اخبارن شايع ڪيو تہ ٽيون. اهي بازارون، جي بجليءَ جي روشنيءَ ۾ وهنتل هونديون هيون، سي غار جهڙيون اونداهيون نظر اچڻ لڳيون. ان کان بہ ٻہ ڏينهن پوءِ، هڪدم ريل گاڏين جي اچ وڃ بند ٿي وئي، جنهنڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهر ۾ ڏاڍو ناڪه پکڙجي ويو. ۽ ماڻهو پنهنجي مٽن مائٽن جي خطن جو بيچينيءَ سان انتظار ڪرڻ لڳا.

سارنگ جو پيءُ به گهر پهچي وڃي ها، پر ريل گاڏين جي بند ٿيڻ ڪري، گهر اچي ڪونه سگهيو. انڪري گهر ۾ اداسائي ڇانئجي وئي. سارنگ کي ٻاهر اڳڻ ۾ کيڏڻ جي موڪل نه هئي انڪري دريءَ وٽ ويهي بازار جو حال چال ڏسندو هو.

”ڇا بابو گهر ڪونه ايندو، امان؟“

”هو مجبور آهي سارنگ. گاڏيون بند آهن.“

”امان، هي مزور ماڻهو جو بس چاهين، سو ڪري سگهن ٿا؟“

”ڇا؟“

”منهنجو مطلب آهي ته ڇا، هي ماڻهو گاڏين جي اچ وڃ به بند ڪري سگهن ٿا؟“

”ڏسڻ ۾ ته ائين ٿو اچي. پر تون هاڻي مون کي نه ستاءِ!“ ائين چوندي ماءُ جي نيڻن ۾ ڳوڙها پرجي آيا.

اهو ڏسي، سارنگ سانت ٿي ويو ۽ دريءَ مان بازار کي حيران ۽ پريشان نگاهن سان ڏسڻ لڳو.

”جي منهنجي وس ۾ هجي ته انهن مزورن سان هڪ هڪ کي ماري ڇڏيان.“ هن پنهنجيءَ دل ۾ چيو.

جيئن پوءِ تيئن شهر جي حالت وڌيڪ خراب ٿيندي ٿي وئي. اڳئين جي ڀيٽ ۾ حالتون بدلجي رهيون هيون. هاڻي بازارن ۾ اڳوڻي رونق نه رهي هئي. گهڻن دڪانن تي تالا لڳل هئا. رات جو هٿيار بند پوليس پهرو ڏيندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي، جنهن ڪو ڏنگو فساد نہ ٿئي.

هڪ دفعي، اڌ رات ڌاري، وڃهو بزار ۾ ايڏو شور ٿيو جو سارنگ، هڙ ڇڏي، اکهاڙين پيرين، ڏوڙي دريءَ وٽ آيو. ڇا ٿو ڏسي تہ بازار ۾ باهہ جو ڀڙ ٻري رهيو آهي، ۽ ماڻهو وحشين وانگر ان جي چوڌاري هلي چلي رهيا آهن.

سارنگ سوچيو تہ هاڻي شايد ڪا ڀيانڪ شئي پيدا ٿيڻ واري آهي. ان خيال ايندي هن جي رڳن ۾ رت سڪي ويو. اهو ويچاريندي تہ هو جنهن پوتن وانگر باهہ تي ٻچي هن کي ڳڙڪائي ويندا، هو ايتريقدر ڊڄو، جو رڙ ڪري چيائين:

”اما! اما! مون کي ڏاڍو ڊپ ٿو ٿئي.“ ائين چوندي هو ڀڄندو ماءُ وٽ ويو.

”سارنگ، تون سمهين ڇو نٿو، وڃ وڃي پنهنجي بستري تي سمهہ.“ ماءُ ننڊ مان سجاڳ ٿيندي چيو.

”اما، ڏس، هتي بزار ۾ باهہ پئي ٻري. مون کي ان ڳالهہ کان ڊڄ ٿو ٿئي!“

”وڃ پٽ، وڃي پنهنجي هنڌ تي ليٽ. هيءَ باهہ باهہ ڪجهہ بہ ڪونهي. ڪاش! تنهنجو پيءُ هتي موجود هجي ها!“

”اما....“

”جيءُ منهنجا ٻچڙا“

”مان تہ مان سمهان؟ مون کي ڊپ ٿو لڳي.“

”ڪنهن کان؟ مان قربان ٿيان.“

”جادوگر کان، اما.“

”ڪهڙو جادوگر؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪهڙائي جادوگر آهن، اما جدا جدا قسمن جا جادوگر.“
”نه پوءِ هلي آ مهنجي پاسي ۾.“
سارنگ خوش ٿيندو، وڃي ماءُ جي پهلوءَ ۾ ليٽيو ۽ پنهنجو پاڻ کي سوڙ ۾ لڪائي چوڻ لڳو:
”اما، هي ماڻهو سڀڪجهه ڪري سگهن ٿا؟“
هن جي ماءُ کي ٿوريءَ دير ۾ ننڊ اچي وئي. پر

سارنگ، سوڙ مان منهن ڪڍي سوچڻ لڳو ته هي شخص سٺا آهن يا خراب؟ پر ڪوبه خاطريءَ جهڙو نتيجو ڪڍي ڪونه سگهيو.

(٥)

ٻئي ڏينهن، صبح جو، هو پنهنجي ٿيرن ڏسي ڏاڍو حيران ٿيو. گرم گرم بسڪوٽن بدران هن کي پاروئي روٽيءَ جا ٽڪرا مليا هئا.
”مون کي بسڪوٽ آڻي ڏيو. مان هي پارونيون شيون نه کائيندس. توهان بسڪوٽ ڇو نه وٺي اچو؟“
سارنگ روٽيءَ جا ٽڪر هٽائيندي چيو.
”ننڍڙا سائين، توهان کي خدا جو شڪر ڪرڻ گهرجي، جو پاروئي روٽيءَ جا هي ٽڪر به موجود آهن.“
نوڪر، سارنگ کي سمجهائيندي چيو.
”ڇا چيئي؟ وڃ وڃ، هي هتان ڪٿي وڃ. اما، او اما، مون کي بسڪوٽ گهرائي ڏي.“
”سارنگ پيارا، مان توکي بسڪوٽ ڪٿان آڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيان. بسڪوٽ بڻائڻ وارا ڪارخانا ئي بند آھن.“

”اھي ڇو؟“

”ڪارخاني جي مزدورن ھڙتال ڪئي آھي.“

وري اھي ئي مزدور! سارنگ ھنن جي حرڪتن کان بيزار ٿي چڪو ھو. تنگ ٿي چيائين:

”ھو بسڪوٽن کان سواءِ نھرن ڪيئن ٿيندي؟“

”ڇو نہ مان تنھنجي بسڪوٽن لاءِ ڪوشش ڪريان ٿي.“

”ڇا گورنر ھنن کي مجبور نٿو ڪري سگھي تہ ھو بسڪوٽ تيار ڪن؟“

”سارنگ پيارا، ويچارو گورنر ڇا ڪري. ھو تہ ڪنھن جو بہ حڪم نٿا مڃين.“

”گورنر جو بہ نہ؟“

”گورنر ڇا، ھو ڪنھن جو حڪم نٿا مڃين.“

”تہ پوءِ ھو گورنر کان وڏا ٿيا نہ؟“

”سارنگ، اھڙن ڳالھين کي ڇڏ، ۽ خدا جو شڪر ڪري ھيءَ روٽي ئي کاءُ.“

”مان تہ اھڙي پاروٽي ۽ بيسوادي روٽي ڪو نہ کائيندس.“

”پر توکي مجبور ٿي کائڻي پوندي.“

”ڇو پلا؟“

جيئن پوءِ تيئن سارنگ جي حيرت وڌندي ٿي ويئي. ھو حيران ھو تہ ھي ماڻھو، جي اڪيلا ئي ڪارخانا بند ڪري سگھن ٿا ۽ جي گورنر جو حڪم بہ نٿا

هن ڪي ڏيهاڙي صبح جو، نيرن ني گرم گرم بسڪوٽ ملي سگهن ٿا.

( ٦ )

پندرهن ڏينهن ڪان پوءِ، او چتو، سارنگ واسطي معجزا پڌرا ٿيڻ لڳا. ڊراسون هلڻ لڳيون، بجلي اچي وئي، اخبارون نئين سر ڇپجڻ لڳيون، نيرن تي بسڪوٽ ملڻ لڳا، ۽ هن جو پيءُ گهر اچي ويو. مطلب تہ هڙئي سليون ڳالهيون هڪ ئي وقت تي ويون.

هڪ ڏينهن، جڏهن هو پنهنجي پيءُ سان گڏ بزار گهمڻ ويو تہ اميد جي ابتڙ گهڻن "جادوگرن" کي آزاديءَ سان هلندي چلندي ڏٺائين. هو هٽن ۽ جهنڊا ٻڌي، جدا جدا قسمن جا راڳ ڳائيندا، بزار ۽ فيرپون پائي رهيا هئا. هيئر نہ پوليس هنن کي اٿين ڪرڻ کان روڪي رهي هئي ۽ نہ هو پاڻ خوفيل هئا. جڏهن گهر واپس آيو تہ سارنگ چاهيو تہ هن دفعي هو اڪيلو وڃي بزار ۾ انهن "جادوگرن" جو تماشو ڏسي.

"اما، منهنجي سڙي اما، بزار مان جادوگر لنگهي رهيا آهن، مان انهن کي ڏسڻ وڃان؟"

"هرگز نہ."

"اما، هو ايترو خراب تہ نہ آهن."

اهڙيءَ طرح ڪيپل مهينا گذري ويا. هاڻي اڳي وانگر صلح سانت هئي. ڪنهن بہ قسم جو گوڙ شور يا هڙتال ظاهر نہ ٿي. گهرن ۾ وري خوشيءَ جا ٽهڪ ۽ گيت

گونجڻ لڳا، ۽ اهو اڻجاتل خوف، جو مالڪن جي دلين ني ڇانيل هو، سو رفتي رفتي صفا غائب ٿي ويو.

( ٧ )

هڪ ڏينهن سارنگ ڏاڍو اُداس ٿي پيو. هن جا پيءُ ـ ماءُ ٻئي ڪمنهما تي ويل هئا. گهر جي نوڪرياڻي ڪنهن ڪم ۾ رڌل هئي ۽ هن جي پيڻ ڪٿڏين سان کيڏي رهي هئي. سارنگ حيران ۽ پريشان، هيڪڙي ڪوٺيءَ مان ٻيءَ ڪوٺيءَ ۾ اچ وڃ ڪندي، سوچي رهيو هو ته وقت ڪاٽڻ لاءِ ڇا ڪري؟

”ڏاڏي! ٻڌاءِ مان ڇا ڪريان؟“

”اڄي منهنجي پيرن کي زور ڏي.“

”مان زور نہ ڏيندس. مون کي زور ڏيڻ جو ڪو شوق ڪونهي.“

ائين چئي، خيالن ۾ ٻڏل، هو ٻئي ڪمري ۾ ويو. اتي پنهنجي ڀيڻ جي نئين ڪٿڏي پيجي وڌائين. انهيءَ ڪري نوڪرياڻي هن تي ڏاڍو خفا ٿي ۽ هن کي ڪمري مان ٻاهر ڪيڏي ڇڏيائين. هاڻي هن رڌڻي ۾ وڃڻ چاهيو پر نوڪرياڻيءَ چيس ته مان توکي اوڏانهن هرگز وڃڻ نہ ڏيندس.

سارنگ تنگ ٿي چيو. ”پوءِ پلا مان ڇا ڪريان؟ مان اڪيلو آهيان.“

نوڪرياڻيءَ سارنگ کان پڇيو، ”ڇا تو واسطي ڪا ٻي دلچسپي آهي ئي ڪانہ؟“

اتي رڌڻي مان ڪاڻهائي جو آواز آيو.

”هي ڪير پيو ڳالهائي؟“ سارنگ دريافت ڪيو.
”بورچياڻي جو مڙس آهي. هو ٿي ڳالهائيندو هوندو.“
”اها دلچسپ خبر ناهي تہ پيو ڇاهي؟“
”هو دلچسپ ڪوئي ڪونہ. هو تہ معمولي ماڻهو آهي. هڪ غريب مزدور.“
”بورچياڻيءَ جو مڙس هڪ مزدور!“
”ڇو؟“
”هڪ جادوگر. هاڻي تہ مان ضرور اندر ويندس.“
”سارنگ، جيڪڏهن تو ائين ڪيو تہ مان تنهنجي ماءُ کي ٻڌائيندس تہ تو هن جي نافرماني ڪئي.“
”تون چغلخور بہ آهين؟.... چغلخور، چٽي ڏسجان، مان بہ هن کي ٻڌائيندس تہ تو ڪير مٿان مٽي لاهي ڪاڍي هئي.“
”اها سراسر غلط ڳالهہ آهي. مان تہ ڪير مان مڪ ئي ڪڍي.“
ڪافي دير تائين سارنگ نوڪرياڻيءَ سان جهڳڙو ڪندو رهيو، پر هن رڌڻي ۾ وڃڻ جي موڪل نہ ڏنيس.

جڏهن نوڪرياڻي هلي وئي، تڏهن سارنگ اطمينان جو ساهہ کنيو. هو رڌڻي جي دروازي جي ويجهو ويو ۽ آهستي آهستي در کولڻ شروع ڪيائين. سارنگ ۾ ايتري همت نہ هئي جو هڪدم دروازو کولي. انڪري ڪجهہ ساعتون ساهہ روڪي، هو دروازي سان لڳو بيٺو رهيو. ٿوري دير کان پوءِ جرئت ڪري هن رڌڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اندر ليٽيو پاتو. هڪ بيڊولو ماڻهو ميز تي ويٺي ڪجھ، ڪاٽي وهيو هو. هن جي چهري مان معلوم ٿي ٿيو ته هو ٻڌي رهيو آهي ته مٿان ڪو ماڻهو اچي هن جي هٿ وارو ڪاڏو نہ کسي وڃي. شايد انڪري ئي هن ٻئي هٿ سان ٿالهيءَ کي مضبوط پڪڙي جهليو هو.

سارنگ حيران هو ته اهو "جادوگر" ڪٿي آهي؟....

اهڙو بيڊولو مزدور، اهڙو طاقتور جادوگر نہ ٿي ٿي سگهيو.

هن رڌڻي جي هر ڪنڊ ڏانهن نظر ڊوڙائي. پر ان شخص ۽ بورچياڻيءَ کان سواءِ، اتي ٻيو ڪوبہ موجود ڪونہ هو.... تہ پوءِ ان جو مطلب اهو ٿيو تہ اهو ڪوجهو شخص ئي جادوگر آهي. ڪجھ ڪي معلوم ڪرڻ خاطر، سارنگ اندر داخل ٿيو. ان تي "جادوگر" اهڙو چرڪ پريو جو هن جي هٿ واري ٿالهي ڪيرندي ڪيرندي بچي وئي.

بورچياڻي پنهنجي مڙس کي آٿت ڏيندي چيو:
"ڊڄون سائين ڪاٽيندو رهه. ننڍڙو سائين توکي ڪجھ نہ چوندو."

سارنگ حيران ٿي پڇيو "مان؟"

"پنهنجي ماءُ کي نہ ٻڌائجانءِ تہ هي شخص ٻوڙ ڪاٽي رهيو هو. هيءُ ٻچيل اوبر آهي، ننڍڙا سائين!"

"هي شخص ڏاڍو بکايل آهي، ننڍڙا سائين! توهان کي هن تي قياس ڪرڻ گهرجي."

"ڪير؟"

"هي شخص.... منهنجو مڙس."

"تنهنجو مڙس؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سارنگ پنهنجي پاڻ کي يقين ڏيارڻ خاطر، هن ماڻهوءَ کي ڏيان سان ڏٺو ۽ پنهنجي دل ۾ چيائين: هن جادوگر ضرور پنهنجي شڪل بدلائي ڇڏي آهي.

پوءِ ڪجهہ دير سوچڻ بعد چيائين: ”تون جادوگر آهين.... مون کي چڱيءَ طرح خبر آهي تہ تون جادوگر آهين!“

مزور، ڊچندي ڊچندي پڇيو ”ڪير؟“

”تون پيو ڪير.“

”سائين، مان هڪ مسڪين مزور آهيان.“

”پر تون جادوگر آهين. مون کي پڪ آهي تہ تون جادوگر آهين. تون سڀ ڪجهہ ڪري سگهين ٿو. پر ڏس! هائي اهڙي حرڪت نہ ڪجانءِ. بجليءَ کان سوا گهر ۾ ڏاڍي اونده. تنهي ٿي ۽ ڪارخانن جي بند ٿيڻ ڪري مون کي بسڪوٽ نہ ملندا آهن.“

”سائين، مون تہ ڪابہ اهڙي حرڪت ڪانہ ڪئي آهي.... مان هائي وڃان ٿو.“

”تون مون کي دوکو ڏئي رهيو آهين. تون نہ ڪنهن کان بہ نہ ڊچندو آهين. منهنجو خيال هو تہ تون ماڙيءَ جيڏو وڏو هوندين، پر ڏسجي ٿو تہ تو شڪل بدلائي ڇڏي آهي.“

”توهين مون سان مذاق ٿا ڪيو، رکو ان ڪري جو مون وٽ ڪائي لاءِ ڪجهہ بہ ڪونهي. اهڙيءَ طرح مذاق ڪرڻ گناهہ آهي، منهنجا سائين!“

”مون ويچاريو هو تہ تون ڏاڍو ڪنڊير هوندين. پر پائنجي ٿو تہ تون مسخرو پڻ آهين. هوڙ ڪائي وقت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجا آهٽ ٻڌي رهيا هئا، انڪري مان تو کان صفا ڪونه ٿو ڊڄان.“

اٿرو چئي سارنگ رڌڻي مان ٻاهر نڪري، دروازي وٽ اچي بيٺو ته جي جادوگر هن جو پيڇو ڪري، ته هو جلدي گهر مان ڀڄي وڃي. پر اميد جي ابتڙ جادوگر هن جي پٺ نه ورتي. سارنگ ڀوڳيتي مڙي ڏٺو ته جادوگر.... ها، ها، اهو ئي جادوگر، هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ ويٺي روئي رهيو هو، ۽ پنهنجا ڳوڙها، پنهنجي ڪوٽ جي ڪنڊيءَ پالڻ سان اگهي رهيو هو.

”هڪ جادوگر ئي تون روئي رهيو آهين! چڱو ٿيو، توکي اهڙي ئي سزا ملڻ گهرجي. تو منهنجي پيءُ کي گهر اچڻ ڇو نه ڏنو هو؟ تو بجلي ڇو بند ڪئي هئي؟ تو منهنجا بسڪوٽ ڇو بند ڪيا هئا؟ هائي خدا توکي چڱي سزا ڏني آهي. روءِ ڀلي روءِ!“

ائين چئي، خوشيءَ مان واڪا ڪندو، سارنگ گهر ۾ هليو ويو، ۽ نوڪرياڻيءَ وٽ وڃي چوڻ لڳو.

”هائي مان هن جادوگر کان نٿو ڊڄان.. صفا نٿو ڊڄان!“

---

حيدرآباد: ٢٢ - نومبر ١٩٦٧

مهراڻ: ٢ - ١٩٧٥

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اونو راڊيڪو (ٽاگجيڊي)

### ماءُ

ونوڪا کي ملاقاتي ڪوٺيءَ ۾ ويهاري، ماڻهو پٺتي کي سڏڻ ويو. جيئن ئي ماءُ جي پٽ تي نظر پيئي، تيئن ئي هن رڙ ڪري پڇيو:
”تو اڄ ڇو ڪيو؟“
”امان، ڇا مون کي سڄي حياتي تنهنجي ۽ چاچي جي مرضيءَ موجب هلڻو پوندو؟ ڇا مون کي پنهنجو پاڻ بابت فيصلي ڪرڻ جو ڪو حق نہ آهي؟“
جواب ٻڌي ماءُ جي منهن تي اچرج جا اهڃاڻ اڀريا.
”اڇا، تہ اها ڳالهہ آهي. يعني جا زندگي مون ۽ تنهنجي پيءُ توکي ڏني آهي، تون ان کي تباهہ ڪرڻ جو فيصلو ڪرڻ ٿو گهرين؟ تو ڪڏهن اهو سوچيو آهي تہ تون ڪهڙي نہ خطرناڪ واٽ تي وڃي رهيو آهين؟ تون خاندان جي نالي نشان مٽائڻ، ۽ پيءُ جي پيڙهيءَ کي ختم ڪرڻ پنيان هٿ ڌوئي لڳو آهين. ڪڏهن تنهنجي دل ۾ ويچار آيو آهي تہ تنهنجو اهو قدم، تنهنجي ڪٽنب وارن کي سڄي عدو شهر ۾ کلڻهاب بڻائي ڇڏيندو؟ ڇا تون اهو نٿو سمجهي سگهين تہ تنهنجي انهيءَ قدم کڻڻ ڪري، آسپاس تنهنجي باري ۾

هزارين ڇوڪريون ٿينديون ۽ ماڻهو انهن ڇوڻ ڪان به نه مڙندا نه تون نامرد آهين يا غلام آهين! مون کي ٻڌاءِ ته تنهنجي خاندان اندر اڳي ڪڏهن اهڙو مثال ٿيو آهي؟"

"اڳ ۾ نه شايد اهڙو مثال موجود ڪونهي، مگر مان جي ٻين واسطي مثال قائم ڪريان ته پوءِ ان ۾ ڪهڙي ڪهڻتائي آهي؟"

ماءُ هوريان ڳالهائيندي پڇيو"تو اها ڪجهه ڪهڪوت ڪئي آهي ته تون پنهنجي ڏاڏائن کي منهنجو دشمن بنائي رهيو آهين، چاڪاڻ ته هو سمجهن ٿا ته تو اهو سڀڪجهه منهنجي موڪل سان ڪيو آهي؟ ڇا تو اهو محسوس ڪيو آهي ته تون منهنجي رت جو پياسي ٿي چڪو آهين؟"

"امان، توکي خبر آهي ته مان خواب خيال ۾ به انهن ڪري نٿو سگهان، مان تنهنجو وار ونگو ٿيڻ به نه ڪين ڏسندس."

"ته پوءِ هيءَ ڇاهه ڇڏي، مون سان ڪڏ ڪهر هل."

"نه امان."

"پٽڙا، توکي خبر آهي ته مان توکي بيحد پيار ڪريان ٿي، مان تنهنجي خوشيءَ خاطر پنهنجي حياتيءَ کي قربان ڪرڻ کان به ڪونه ڪيپائيندس. تون منهنجي هڪڙي ڳالهه مڃ! مون سان هل ۽ هلي شادي ڪر، پوءِ خالي ٻه ٻار پيدا ڪر، جي اسان جي خاندان جي پيڙهي قائم رکي سگهن. بس مان راضي ٿي ويندس، تنهنجي انهن ڪرڻ سان مان ڪنهن ڪاڻ لائق ٿينديس.

رهيس. جڏهن خمارن مان سجاڳ ٿي، تڏهن پيٽ واري ڪهڙيال ڏانهن نظر ڊوڙايائين، جو ساڍي ڇهين جا سُر ڪڍي رهيو هو. هن کي شڪ پيو، ۽ هو سڌو پرنسپال جي آفيس ڏي ويو.

”منهنجو ڇوڪرو ڪٿي آهي؟“ هن ڪهڙن شرط سوال ڪيو.

”هن کي تہ توسان ملڻ لاءِ موڪليو ويو هو.“ پرنسپال جواب ڏنو.

”ها، پر هو انهن ڇهين هليو ويو تہ مان ماني کائي اڌ ڪلاڪ ۾ موٽي ٿو اچان.“

”تہ پوءِ مان هن کي گهرائي ٿو وٺان. هو شايد ڊبول ۾ هوندو.“

هوءَ آفيس مان نڪري، وڏيون پرانگهون پرينديءَ ڊبول وٽ آئي. پهرڪ اتي بہ ڪونہ هو. هڪ ڇوڪري ٻڌايس تہ هو هيٺر هيٺر ملاقاتي ڪوٺي طرف ويو آهي. هوءَ تڪڙو تڪڙو ملاقاتي ڪوٺيءَ ڏانهن ويئي، پر پهرڪ

اتي بہ ڪونہ هو. هوءَ واپس پرنسپال جي آفيس ۾ پهتي، پر پرنسپال وڃي چڪو هو. هن دريافت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ وائيس پرنسپال ڪٿي آهي؟ پر ڪنهن بہ ڪتابيءَ پڙڪ نٿي ٻولي ڇو تہ ”چپ رهڻ جو وقفو“ شروع ٿي چڪو هو. هن کي ڪجهہ سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ ڇا ڪري. هن کي واپس وڃڻ جي بہ تڪڙ هئي، جو سج لهڻ وارو هو، ۽ اڄي شهر ۾ هن جو ڪو واقفڪار ڪونہ هو، جنهن وٽ وڃي رات ٽڪي ها. وڏيڪ ترسڻ بيسود سمجهي، هوءَ پنهنجي شهر هلي

پاڻ ڏانهن ايندو ڏٺائين.

هن ابهرائيءَ مان اٿندي پڇيو ”ڇا هنن توکي آزاد ڪيو؟ تنهنجا اپڙ هڪڙي آهن؟ ڪٿي اچ اپڙ تہ پاڻ هلون!“

”اسان، تون موٽي گهر وڃ. هتي تنهنجو ڪهڙو ڪم! تن ڏينهن ڪان هن اڳين اندر سڀني کي پريشان ڪيو اٿئي. ڪا بي عورت بہ ڏٺئي، جنهن پاڻ کي هتي اڃين اچي خراب خوار ڪيو هجي؟“

”تون مون سان گڏجي پنهنجي گهر هل تہ مڙني جون پريشانيون لهي وينديون.“

”مان توسان هلي نٿو سگهان، تون پيلا منهنجي جند ڇو نٿي ڇڏين.“

هن پٺ ڏانهن هٿ ڊگهيريو، پر هو هٽي پري ٿي ويو.

”مون کي هٿ نہ لڳائجانءِ.“ هن چيڙ مان چيو.

هن جي چرپ، ماءُ جي صبر ۽ اميدن جو بند پيچي ويو.

هن جي سرير جو سارو ست ڇڏائي ويو. ۽ پوئتي پيت سان ٽيڪ ڏيئي ڍرڪي پئي. هوءَ سيانءَ ڦاڙي روئڻ لڳي.... مڙس جي موت جون يادگيريون ۽ هن ڇوڪري واسطي سٺيل تڪليفون، هڪ هڪ ڪري هن جي ذهن ۾ اڀرڻ لڳيون. اهي ياد ڪري، هن جيتريون هنجون هاريون، اوتريون هنجون هن حياتيءَ ۾ اڳ رکيو هڪ لڳا هاريون هيون، ۽ اهو هو سندس خاوند جي وفات وارو وقت.

پٺتي حالي تہ ماءُ کي ڏسندو رهيو، پوءِ ڏاڍي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڪان پنڌ نه ڪسي رهيا هئا، پر اهو سندس پيٽ ڇاتو ئي هو، جنهن هن ڪي نيا ڪرڻ جو اٽل فيصلو ڪيو هو.

ان واقعي کان ٿورا ڏينهن پوء هو بيمار ٿي پئي. ڏينهون ڏينهن هن جي حالت خراب ٿيڻ لڳي. ٻن هفتن کان پوء هن کي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو، ۽ اتي ڇهن هفتن بعد مري ويئي.

---

حيدرآباد: ٢٣- نومبر ١٩٦٦
مهراڻ: ٣- ١٩٦٢

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪارتا ا.ج.ت (انڊونيشا)

# سڪ ۽ سياست

هيءَ اتفاق اٿمسٽرڊم ۾، سرءَ جي هڪ طوفاني شام جو ٿيو. مان پنهنجو رستو پڇڻ جي ويو هوس، ۽ والبرنس اسٽريٽ جو ڏس پتو پڇيو هيو. مون جنهن ماڻهوءَ کان اها پڇا ڪئي، هن جي انڊونيشي ٻوليءَ ۾ جواب ڏيڻ مون کي ڇرڪائي ڇڏيو، جيتوڻيڪ مون ڊچ ٻوليءَ ۾ ئي سوال پڇيو هو. مان ان ملڪ جي زبان ۾ ڳالهايو هو، ۽ هو ڊچ ئي هو.

”اجهو هن طرف .......“

هن نہ اهتري مهرباني ڪئي، جو جنهن گهٽيءَ جي مون کي تلاش هئي، اوستائين مون سان گڏجي هليو.

هو عام ڊچن کان قد ۾ لانيرو هو. هوا ۾ اڏامڻ کان بچائڻ لاءِ هن کهڙيءَ کهڙيءَ پنهنجي کهر گهلي، ٽوپلي کي مٿي تي مضبوط ئي پڪڙيو. هن جو وڏو ڪوٽ ۽ هن ٽوپلي وانگر ڪُتل ۽ توبري جهڙو هو. مان هن جو چهرو چٽيءَ طرح ڏسي ڪونہ ٿي سگهيس، مگر هن جي ڳالهائڻ جي سانتيڪي نموني ۽ مٺڙي آواز مان اندازو لڳايم تہ هو هڪڙو پيارو انسان آهي.

ڏينهن اڳ انڊونيشيا مان آيو آهي. سو مان آيو هو. حقيقت ۾ مون کي هن کان سخت بچان ايندي آهي.

ان کان پوءِ مون ڪيترائي ڀيرا هن کي وان بيورين جي گهر ۾ ڏٺو. مون کي هن جي هميشه رازداريءَ واري روش ڏسي اچرج لڳندو هو. هن ڪڏهن به مون ڏانهن دوستيءَ جو هٿ نه ڊگهيريو.

هڪ ڏينهن وان بيورين مون کي پنهنجي گهر اچڻ جي ڪوٺ ڏيندي چيو ”اڄ مون وٽ شيرين شراب جي بوتل آهي، جو توکي بيحد وڻندو.“

ان ملاقات ۾ هن مون کي پنهنجي چٽيل هڪ تصوير ڏيکاريندي چيو سڃاڻين ٿو نه هيءَ ڪهڙو ملڪ آهي؟

”هائو، اهو انڊونيشيا جي ٻرندڙ جبل ڪيڊ جو ڏيک آهي.“

”اهو به ظاهر آهي نه تون اتي جي رهاڪن جو پوريءَ ريت واقف هوندين؟“

”نه، مان فقط ملڪ جي ان حصي مان موٽر ۾ بس ۾ لنگهيو آهيان. ممڪن آهي ته توکي وڌيڪ واقفيت هجي.“ مون جواب ڏنو.

”آزادي کان پوءِ هن جو وقت ڪيئن پيو گذري؟“

”تمام چڱو.“

”خدا جو شڪر آهي....“ پر گهڙيءَ کن سوچڻ بعد هن وري سوال ڪيو. ”پر تمام چڱي چوڻ مان تنهنجو مطلب ڇا آهي؟“

مون ترت جواب ڪونه ڏنو، ۽ هو چوندو رهيو:

جڪارتا ۾ مان پهتي آهي. هن اهڙي هٺ ۽ مغروريءَ مان ڏيکاري جنهن ڪان مون کي ڪراهت اچي وئي ۽ هن کي اندر اچڻ کان روڪيم.''

'ڇا تي بہ مغرور ٿيو؟'

'ان نار تي'

'مڪر ڇو؟'

'تو کي پڌي اعتبار ڪين ايندو.... اها نار هن کي هن جي سياسي جماعت طرفان ڪئي وئي آهي ان ۾

هن کي اطلاع ڏنو ويو آهي تہ ايندڙ اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ هن کي پارٽيءَ پاران اميدوار نامزد ڪيو ويو آهي.'

"مان....!" منهنجي وات مان نڪتو.

"اهڙي تو اعتبار؟"

مون عجب وچان ڪنڌ لوڏي ناڪار ڪئي.

هو پنهنجي خيالن ۾ غلطان ٿي ويو. پوءِ ڪنڌ مٿي ڪري چيائين 'شل تنهنجو ملڪ اهڙين مصيبتن کان محفوظ رهي، جي ان قسم جا ڪميڻا ماڻهو آڻي سگهن ٿا. شل تنهنجي ديس جا ماڻهو خوش رهن ۽ خاص ڪري...." هو ماٺ ٿي وري آپيءَ ۾ پئجي ويو، ۽ وري چيائين "۽ خاص ڪري منهنجو ننڍو يار."

"تنهنجو ننڍو يار؟" مون گهبرائجي پڇيو.

"هائو، منهنجو ننڍو يار، منهنجو پٽڙو"

"تنهن جو مطلب آهي تہ تون پيءُ آهين؟"

"هائو، مان ننڍڙي جوزف جو پيءُ آهان.... يوسف، جيئن هنکي توهان جي ملڪ ۾ ڪوٺيندا آهن. شل هو اچا تائين جيئرو هجي!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊان ڊيو (ويڊمار)

# گل ۽ گولا

هاڻي به، جڏهن مان ڪوئي بہ گل ڏسندو آهيان، يا گفتگو جو موضوع گل ۽ انهن مان سرور حاصل ڪرڻ جو فن هوندو آهي، تڏهن مون کي اهو پوڙهو ۽ معزز ودوان ياد اچي ويندو آهي. هن جو نالو نڪوبين هو. هو منهنجي پيءُ جو پيارو دوست هو.

هو اسان جي گهر ۾ ٿيندڙ وڏين شاندار دعوتن ۾ شامل ڪونہ ٿيندو هو، ۽ اسان جي گهر تمام گهٽ ايندو هو. پر جڏهن بہ ايندو هو، تڏهن مان ڏسندو هوس تہ بابي ۽ امڙ جا چهرا خوشي ۽ فخر کان ٻهڪڻ لڳندا هئا. هو هن جي آجيان سادي نموني، مگر دل جي سچائيءَ سان ڪندا هئا. ٻئي ڪنهن بہ مهمان کي ايڏي عزت نہ ڏني ويندي هئي. بابو پاڻ پنهنجي هٿن سان، هن واسطي چانهہ تيار ڪندو هو. اگربتي ٻاريندو هو ۽ شطرنج جو سامان آڻي ٺاهي-جوڙي سامهون رکندو هو. بابو هن واسطي بهترين ۽ پلي ۾ پلي سرهاڻ واري چانهہ استعمال ڪندو هو. پوءِ ٻيئي ڄڻا خوشبودار ماحول ۾ ويهي شطرنج کيڏندا هئا، چانهہ جون سرڪيون پيئندا هئا ۽ بحث مباحثو ڪندا هئا. ڪي راند پوئن منجهند

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڪڻندو ڇو؟"

ٻڌوليءَ جواب ڏنو "هن انهيءَ ساڳئي خريدار کي وڪڻي ڇڏيا. تنهن مجين ته وڃي پاڻ ڪوندبن واري جڳهه ڏس."

مان ڏوڪيندو ڪوندبن واري جاءِ ڏانهن ويس، جيتوڻيڪ بوليءَ گنهيراڻيءَ مان ڳالهايو هو، پر مونکي اعتبار نٿي آيو. مان پوڙهي ودوان جي عادتن ۽ هن جي گلن جي عشق مان واقف هوس، هو اهڙو ماڻهو هو، جو بک مري ها، پر پئسن خاطر گل ڪين وڪڻي ها. گل ته هن جو مذهب آهن، ۽ اهي گل ته هن جي باغيچي جا حسين ترين گل هئا. هو انهن گلن کي پنهنجي اولاد وانگر پاليندو هو.

هو غريب ضرور هو، پر پنهنجي مجيءَ مانيءَ وارو هو. مون کي ڪو اهڙو لاچار يا ڪا مصيبت ڪانه ٿي سُجهي، جنهن ۾ هن جو خاندان وڃي ويو هجي، ۽ جنهنڪري هو اهڙي انتهائي قدم کڻڻ تي مجبور ٿيو هجي.

مان جڏهن ويجهو پهتس، تڏهن ڏٺم ته ڏاڏو ڪنهن ڏاڍي ماڻهوءَ سان ڳالهائي رهيو هو. اهو ماڻهو پنجاهه سالن جو پوڙهو هو، هن جو جسم ٿلهو ۽ بيڊولو ۽ هن جي شڪل سوئر جهڙي هئي. هن کي ريشمي چوغو پهريل هو.

"سائين، جيڪڏهن توهان اڳئين دفعي مون کي وڪرو ڪري ڏيو ها ته سڀڪجهه ٺيڪ ٿي وڃي ها. توهان کي پوري رقم ملي ها ۽ منهنجو به ڪم ٿي

پرجي ويئي. هن جي خودداريءَ کي گهرو زخم رسيو. جنهن سبب هن ماڇيءَ کٿو جي ڪوشش ڪئي، ان وقت هن جا هٿ ڏڪي رهيا هئا. نيٺ ٿڏو شوڪارو ڀري چيائين ”ڇگو ٿون اهي ڪونڌيون ڪٿائي وڃ.“

منهنجي پرسان پوڙهو نوڪر بيٺو هو. هن ٿانهيءَ ڏانهن پٺ ڪري چيو ”اهو وڏو دغاباز آهي. هن کي اڄا به انهن گلن جي ضرورت آهي، هو رکيو مڪر ڪري رهيو آهي. جنهن شئي واسطي هو ڏهه سو ڪان وڏيڪ ڏيڻ لاءِ تيار هو، تنهن کي اڄ ڏيڻ سئون ۾ ڪنيو ٿو وڃي. هيءَ گلن جي اها جنس آهي جا اسان جي ديس ۾ اڻلڀ آهي.“

خريدار جي گلاب جون پٺي ڪونڌيون ڪٺي وڃڻ ڪان پوءِ، پڻيو ودوان بوڏي وانگر بيحس ٿي کٽ تي اٿلي پيو. هن پرسان ٿپائيءَ تي رکيل نوٽن جي ڍڳيءَ ڏي نهاريو. پوءِ اتان نظرون هٽائي، پنهنجي نرڙ تي هٿ رکي ٿڏو ساهه ڀريائون.

بولي تڪڙو تڪڙو اچي پهتي. هن پنهنجي ڏاڏي کي ڏٺو، نوٽن کي ڏٺو ۽ آخر ۾ اها جڳهه ڏٺائين، جتي گلاب جي گلن جون اهي ڪونڌيون رکيل هونديون هيون.

”هن سال، اسان واسطي بهار جو جشن برباد ٿي ويو. انهن گلاب جي گلن ڪانسواءِ، اسين ڪهڙو جشن ملهائينداسين. ڏاڏا، تو نيٺ اهي گل وڪيا ڇو؟“

ڏاڏي جي اکين ۾ چمڪ پيدا ٿي. ”سڄي گهوٽ

اڄ، ان کي ڪيترائي سال گذري چڪا آهن، پيو وڊوان لاڏائو ڪري ويو، ۽ ٻولي ارڙهن سالن جي قوم جواني ۾، جڏهن هوءَ اڃا ٻاڙي اڙهل گل وانگر هئي، ظالم آمريڪن جي بمن جو بک بنجي وئي.

منهنجي لاءِ پيءُ جا يادون ڇڏي ويا. جڏهن ٻہ ڪتي گل کي اڙنڊي ڏسندو آهيان تڏهن مون کي اهو بزرگ نڪوهين ۽ گلاب جي گل جهڙي نازڪ ۽ سهڻي ٻولي ياد اچي ويندا آهن، جن جو مذهب گلن جو مذهب هو، جن جو مذهب انسانيت سان پيار جو مذهب هو.

---

حيدرآباد: ٢٧- نومبر ١٩٦٨ع

مهراڻ: ١٩٧٢-٤

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### هري شنڪر پرساڻي (هندي)

## ڀولا رام جو روح

اٿين ڪڏهن ڪونه ٿيو هو.

ڀڳوان، لکن سالن کان، بيشمار ماڻهن کي، عملن ۽ پارت سپارت جي بنياد تي بهشت يا دوزخ ۾ رهڻ جي جڳهه الاٽ ڪندو ٿي آيو. مگر اٿين ڪڏهن به ڪونه ٿيو هو....

ساههون وٺڻ حساب ڪتاب وارو ملائڪ، گهڙي گهڙي عينڪ صاف ڪري، آڱرين کي بار بار ٿڪ سان آلو ڪري، صفحا ورائي، رجسٽر چڪاسي رهيو هو. غلطي هٿ ئي ڪونه ٿي آئي. آخر چڙي، هن ايتري زور سان رجسٽر بند ڪيو جو ان جي وچ ۾ مک اچي وئي. اها ڪڍندي هن چيو: "ڀڳوان، رڪارڊ سڀ ٺيڪ آهي. ڀولا رام جي روح پنج ڏينهن اڳ جسم کي ڇڏيو، ۽ موت جي ملائڪ سان گڏ هن هي دنيا ڏي روانو ٿيو، پر هتي اڃا نه پهتو آهي."

ڀڳوان پڇيو "۽ اهو موت جو ملائڪ ڪٿي آهي؟"

"ڀڳوان! اهو به گم آهي."

انهيءَ وقت دروازو کليو ۽ ڪڙو موت جو ملائڪ، جو پريشان حال ۾ هو، سو داخل ٿيو. هنجو ازلي

جي ڪا خاص دلچسپي به هئي، جنهن ۾ هنجو جيءُ لڳي ويو هجي؟"

زال چوڻ لڳي "دلچسپي ته مهاراج ٻارن ۾ئي ٿيندي آهي."

"نه، گهرڪان ٻاهر به ٿي سگهي ٿي، منهنجو مطلب آهي ڪا عورت...."

زال جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو، چيائين: "بڪواس نه ڪريو مهاراج، ساڌو آهين، ڪو لچو لفنگو نه آهين. سچي جيون ۾ ڪنهن غير عورت ڏي اک کڻي به نه نهاريو."

پنڊت ڪلي چيو "ها، تنهنجو انهن نموني سوچڻ ٺيڪ آهي. گهرو خوشيءَ جو اهو ئي بنياد آهي، چڱو ماتا،

سان هلان ٿو."

عورت چيو "مهاراج، توهين ساڌو آهيو، شريف ساڌو آهيو، ڪوشش ڪري هنجي رهيل پينشن اسان کي وٺي ڏئي ته ڏاڍا سگهو. ڪجهه ڏينهن لاءِ ته هنن يتيم ٻارن جو پيٽ پرجي سگهندو."

پنڊت سرڪاري آفيس ۾ پهتو. پهرين ڪمري ۾ ويٺل ڪلارڪ سان هن ڀولا رام جي ڪيس جي باري ۾ ڳالهه ٻولهه ڪئي. ڪلارڪ هن کي غور سان ڏٺو ۽ چيائين "ڀولا رام درخواستون ته موڪليون هيون، پر انهن تي وزن ڪونه رکيو هو، انڪري اهي اڏامي ويون."

پنڊت جواب ڏنو "هيترا جو پيپر ويٽ آهن، اهي ڇو نه انهن تي رکيو؟"

ڪلارڪ ڪلهو "توهين ساڌو آهيو، توهانجي سمجهہ ۾ دنياداريءَ جي ڳالهہ ڪانہ ٿي اچي. خير، توهين هن پٺيءَ ڪمري ۾ ويٺل ڪلارڪ سان وڃي ملو."

پنڊت لڳ ڪلارڪ وٽ ويو، هن ٽئين ڪلارڪ وٽ موڪليس، ٽئين چوٿين وٽ ۽ چوٿين پنجين وٽ. اهڙي ريت جڏهن پنڊت پنجويهن ٽيهن ڪلارڪن ۽ آفيسرن جي ميز جا چڪر لڳائي چڪو، تڏهن پٽيوالي چيس: "توهين سڄو سال هتي چڪر لڳائيندا رهو، تڏهن به ڪم ڪونہ ٿيندو. ساڌو وڏي صاحب وٽ وڃو، هن کي خوش ڪريو تہ ڪم ٿي ويندو."

پنڊت وڏي صاحب جي ڪمري وٽ پهتو. ٻاهر پٽيوالو اکيون بند ڪري ڪونگهرا هڻي رهيو هو، ان ڪري هن کي اندر گهڙڻ کان ڪنهن ڪونہ روڪيو. هن کي ائين اوچتو ايندو ڏسي، صاحب ڏاڍو ناراض ٿيو. چيائين: "هن کي ڪو مندر سمجهيو اٿئي جو ائين بنا اطلاع گهڙي آيو آهين."

پنڊت چيو "اطلاع ڪيئن موڪليان، پٽيوالو تہ در وٽ ننڊ ۾ آهي."

"ڪهڙو ڪم اٿئي؟" صاحب رعب سان دريافت ڪيو.

پنڊت، ڀولا رام جي پينشن جي ڪيس جي ڳالهہ ٻڌائي.

صاحب چيو "توهين درويش ماڻهو آهيو. هيءُ به هڪ مندر آهي. هتي به پيڙا ڏيڻي پوي ٿي، نذر نياز ڪرڻو پوي ٿو. توهين ڀولا رام جا ماڻٽ ٿا ڏسجو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحب حڪم ڏنو: ”هيڊ ڪلارڪ کان پولا رام جي ڪيس جو فائيل وٺي اچ!“

ٿوري دير ۾ پٽيوالو، پولا رام جي سڀ ڏيڍ سو درخواستن سان پريل فائيل کڻي آيو. ان ۾ پينشن جا ڪاغذ پڻ هئا. صاحب فائيل تي لکيل نالو ڏسي، تصديق ڪرڻ خاطر پڇيو ”سائو جيئي، توهان ڪهڙو نالو ٻڌايو؟“

پنڊت سمجهيو ته، صاحب ڪجهه گهٻرو آهي، ان ڪري زور سان چيائين ”پولا رام.“

اوچتو فائيل مان آواز آيو: ”مون کي ڪير پيو سڏي؟ ڪٿي آهي ڇا؟ پينشن جو آرڊر اچي ويو؟“

صاحب ڏيڄ ڪرسيءَ تان اٿي کڙو ٿيو. پنڊت پڻ ڇرڪ ڀريو، پر هڪدم هن جي سمجهه ۾ ڳالهه اچي وئي. چيائين:

”پولا رام! ڇا تون پولا رام جو روح آهين؟“

”ها“ آواز آيو.

پنڊت چيو ”مان پنڊت آهيان. مان توکي وٺڻ آيو آهيان. هلي، بهشت ۾ تنهنجو انتظار ٿي رهيو آهي.“

آواز آيو: ”مون کي نا هي وڃڻو. مان ته پينشن جي درخواستن ۾ اٽڪيو پيو آهيان. انهن ۾ منهنجي دل لڳل آهي. مان پنهنجيون درخواستون ڇڏي وڃي نه ٿو سگهان....“

---

حيدرآباد: ۹- جنوري ۱۹۶۹ع

رهبر ڊائجيسٽ: اپريل ۱۹۷۰

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### پيلاگيو مانڊي (فلپائينس)

# منهنجو ماڳ، روشن راهون

مان جنهن رستي تي هلان پيو، اهو وڏو ۽ ويڪرو آهي، آن جو نالو نيشنل گارڊ روڊ آهي، ۽ جتي ڏاڍي جوش خروش ۽ شان مان هن شهر جي زندگي موجزن آهي. رستي جي ٻنهي پاسي، گذريل ڇهن صدين جي ترقي اچي گڏ ٿي آهي. رنگيل قطارن ۾، وڏا وڏا، شاندار ۽ رنگ برنگي ڊپارٽمينٽل اسٽور آهن؛ جن ۾ سائنس، صنعت ۽ هنر جي قسمين قسمين ڪمالن جي نمائش ٿيل آهي. هي شوقين، خوش پوش، باذوق ۽ دولتمند ماڻهن جو مرڪز آهي. مان به پاڻ کي هتي جو حصو محسوس ڪريان ٿو ۽ حصو ٿيڻ گهران ٿو. مان هن جنت کي ڇڏڻ نٿو چاهيان.

پر افسوس! منهنجي پيءُ جو چوڻ آهي ته هيءُ عيسائين جو شهر آهي، انڪري ناپاڪ. مان نيشنل گارڊ ڇڏي، پنهنجي پاڙي ڏي وڃان ٿو، ۽ سڪهو ٿي منهنجا قدم اتي پهچي ويندا.

مان هاڻي مڇي مارڪيٽ ۾ آهيان. اسين ڪڏهن سمنڊ جا مالڪ هئاسين، اڄا به ان جا مالڪ آهيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قبضو ڪيو ۽ ڏاڪڻو پاڳو ڪافرن جي رت سان رڱجي چڏ يائين.

”نعره تڪبير!“ اجيت سلطان نعرو هنيو.

”الله اڪبر!“ سلطان جي سر ويڙهن هڪ آواز ٿي ڇڏيو.

”ان ڪان پوءِ آمريڪي آيو، جو اسپيني ڪان وڌيڪ طاقتور، وڌيڪ بيدرد ۽ وڌيڪ ظالم هو. هن لکين اڇي چمڙي واري جي چالاڪيءَ ۽ ڏمڪين جي مقابلي ڪرڻ واسطي تنهنجو ڏاڏو اٿي کڙو ٿيو، ۽ هاڻي فلپيني اسپيني ۽ آمريڪي ڪان واڳون ورتيون آهن.

”سان، راجا محمد عارف، راجا محمد معارف جي گهراڻي مان آخري بچيل نرينو وارث ۽ هن جو بنياد ۽ جانشين آهيان. تنهنجي رڳن ۾ شاهي رت ڊوڙي رهيو آهي، منهنجا پٽ! ۽ تون ئي منهنجي راڄ پاڳ جو وارث آهين.“

بابو، جهنگل جي بادشاهه واڪر، فخر سان پنهنجي

ڇاتي ٺوڪي ٿو.

هو چوي ٿو، ”رسول جو چوڻ آهي ته اي ايمان وارو خدا جي راهه ۾ لڙو.“

پوڙهو مجاهد، پنهنجون ٽاريءَ جهڙيون ٻانهون، پنهنجي هڏن ڪتل ڇاتيءَ تي رکي ٿو، ۽ هن جي لشنبي صدري ٿڙڪي ٿي. هن جي اکين ۾ ڪاڙهو تجلو پيدا ٿئي ٿو، جهڙن مرڻ وقت، ڏينهن جي اک ڏسبي آهي.

قبيلي جي تاريخ پوري ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان مري وينديو آهيان.

بابو ٽڪرُوٽڪرُو پنهنجي فتويٰ ٻڌائي ٿو ”الڪري مان چوان ٿو تہ صمد ! هڪڙيءَ جوءِ کي طلاق ڏي. اسان جو قرآن پاڪ چوي ٿو تہ جي مرد هڪ کان وڌيڪ زالن کي چڱيءَ طرح پالي نہ سگهي تہ پوءِ هو وڌيڪ زالون نہ رکي.“

ڪهڙي زال جي شاديءَ جو ٻڌڻ طلاق جي ڪيڙي ۽ تيز ترار مان ڪپيو ويندو؟ صمد ٻڌرو ڪري ٿو: ”مان وڏي زال زهران کي ڇڏ يان ٿو.“

۽ پريشان زهران، جهنگلي ٻوڙي جيان ڪنڌ ڙيل ڏکها وار، ڪنڌ يءَ ۾ قاتل مڇيءَ وانگر ڦڙڦڙ ڪندڙ ڊلو چولو، ڊپ ۾ پريل ڳاڙهيون اکيون، پنهنجي پيٽ ۽ ڇهن ٻارن جي ولر خاطر چڪتاڻ ۾ پئجي وڃي ٿي.

”ٻارن جو ڇا ٿيندو؟ ننڍڙا، ننڍڙڪا ۽ ابهم ٻار!“ هوءَ ليلائي چوي ٿي.

”اهي ٻار“ بابو آخري فيصلو ڏيندي چوي ٿو ”جنهن وٽ چاهين تنهن وٽ رهن!“

غضب مٿان غضب! منهنجي هيانءَ ۾ چڪ پوي ٿو، منهنجو اندر ڪاڙي ٿو. هي ٻار شهر جي گند جي ڍيرن کي ڦوليندا ۽ ڪٿين ۾ ڪين ڪچري جي ڍرن ۾ اوبر سوبر جا ڦيٽي ڪيل کپي ٽڪرا ڳوليندا ۽ چوسيل هڏا چٽيندا! ڇا اڳ ۾ ئي مٽيءَ پريل کٿين ۽ غلاظت جي ڍيرن جا هي ننڍڙڪا ۽ رولو ٻار ڪافي نہ آهن؟ وڏا ٿي هي مڇي مارڪيٽ جا لوفر بنبا، يا مڇي مارڻ

هاڻي مون کي اٿڻ کپي، هن بانس جي گهر جي قيدين کي ڇڏي پنهنجا هٿيار (قلم ۽ ڪتاب) کڻي، هن ڪوٽ جي ور-وڪڙ پيچرن تان اڏامي، جرات مان دنيا جي وسعتن ۾ ۽ سج جي روشنائن ۾ کهڙي پوڻ گهرجي....

---

حيدرآباد: ٧- فيبروري ١٩٧٣

مهراڻ: ١- ١٩٧٣

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارڊوئا سنڊرلنڊ (گهانا - آفريڪا)

# ڌرتي پنهنجو ڌن

ڪيريفاسو ڪوٽ جي ٽيڪري ڦاهان، جيجري جي ڌيءُ هئي. هوءَ ننڍي نيٺي، انگ انگ جي زيبائش ۽ هرڻيءَ وانگر چُست هئي. هن جا نيڻ نرمل ۽ حيرت وچان ڪاري هوندا هئا. هن جون وڪون هلڪيون هيون. هن جي هر چرپر هلڪي هئي.

هوءَ ولر کان وڇڙيل هرڻيءَ جهان، اڏ تان لهندي ڪُڏندي ويندي هئي. هن جي اها مستاني چال، ڏسندڙن جون دليون بيتاب ڪري ڇڏيندي هئي. ڪوبہ لانگهائو ور ور ڪري، ڪنڌ ورائي ورائي، هن کي ڏسڻ کان پاڻ کي روڪي نہ سگهندو هو.

هن جي ڪوٽ وارا چوندا هئا تہ هن جي ڳالهائڻ جو آواز، بانس جي وڻن جي ڇانوَ هيٺان وهندڙ نهر جي پڙ - پڙ جهڙو سريلو هو. هن جي ڪوٽ وارا اهو بہ چوندا هئا تہ هن جي مُرڪ، ڪڏهن سوسن گل وانگر هن جي چپن تي ليڙي ٿي ۽ ڪڏهن سج وانگر اڀري ٿي.

ڀوڀٽ گلن کان پري ڪونہ اڏامندا آهن، هو انهن ڏانهن ايندا آهن. ڦاپان ڳرٽ جو گل هئي. ڪوٽ جي مڙني ڀوڀٽن، يعني مردن، هر موڙ تي هن جي ويجهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جشن هئا، ڪنوارن جون محفلون هيون ۽ هارين جي ٽولين جا مقابلا هئا. ڳوٺ مردن جي واڪن، ٻند وقبازيءَ، راڳ روپ، ۽ نغارن جي آوازن سان گونجي رهيو هو.

رمن جي ٻچاڻيءَ تي هو جيجيءَ جي گهر ڏانهن روانا ٿيا. ضاعفون شور مچائينديون، مردن جي چوڌرد ڦچنديون لپنديون ٿي هليون ۽ هنن جي راهہ ۾ ڪپڙا ٿي وڇائيون.

”چيتا .... چيتا!“ ڪنهن رڙ ڪئي.

ان تي مرد چيتن واري ڦرتيءَ سان ولن تي چڙهي ويا ۽ ڏارن تي چيتن وانگر ڊونڊڙا ٿي چنبڙي پيا ۽ هي گيت ڳائڻ لڳا:

”نغارن وڄڻ ڪان اڳ،
نغارن وڄڻ ڪان اڳ، خبردار ٿيو!
تيرن چٿڻ ڪان اڳ،
تيرن چٿڻ ڪان اڳ، خبردار ٿيو!
سدا تي ٻيهو،
ڇلانگ ڏيو، وار ڪريو!
وار ڪريو دشمن تي.
هاڻي گهٽو ٿيو،
گهٽو ٿيو، وڏيڪ رت نہ وهايو،
وڏيڪ رت نہ وهايو، گرجاڻون نہ ڪريو!
تنهن هوندي بہ توهين چيتا آهيو،
دشمن کي چيرڻ ڦاڙڻ وارا!“

جوجيءَ جي گهر جي اڱڻ جي ٻنئي وٽ چهچٽو اچو پيو هو.

”آرام سان هلو، ماٺ ڪريو!“ هارين جي ٻڍي

ڏاڍو شان وارو، ڏاڍو پيڪدار،
پر هو ڦري راڪاس بنجي پيو،
هو راڪاس بنجي پيو،
۽ هن کي ڪڙڪائي ويو.“

ان کان پوءِ ڪوٽ جا ڪيترائي ماڻهو ڦاپان کي ڏسندا هئا، تہ منهن ڦيري، وات مٽائي هليا ويندا هئا. هڪ ڏينهن، هوءَ پڇندي، وڏيون پرانگهون ڪندي، ماءُ وٽ آئي. هوءَ اڳين جي ڏيڍيءَ وٽ اچي ڪڙڪي. هوءَ مٽي کان پيرن تائين ڀڪي رهي هئي. اصل خوشيءَ ۾ ڦولي نٿي سمائي. هڪ اوپرو نوجوان هن جي پليان آيو ۽ اچي پڌر ۾ هن جي پاسي ۾ بيٺو. هو قداور ۽ ڏنيي جهڙو سگهارو هو. حيرت ۾ پڙل جيجيءَ کي ڦاپان چيو:

”هيءَ آهي، اما، هيءَ آهي اهو شخص!“

جيجيءَ آهستي آهستي هن نئين ماڻهوءَ ڏي نگاهہ وڌي، جو جهنگل جي وڻ وانگر مضبوط بيٺو هو، پوءِ چيائين:

”مان تنهنجي چهري کي ڏاهپ جي روشنيءَ سان ڀڪندو ڏسان ٿي. پلي آئين، جيءَ ڪري آئين منهنجا ٻچڙا، پر اهو تہ ٻڌاءِ تہ تون ڪير آهين؟“

هن نوڙي ادب سان سلام ڪيو ۽ چيو:

”جيجي، مان هڪ پورهيت آهيان. هي هٿ ئي آهن، جي مان تنهنجي نياڻيءَ کي آڇي سگهان ٿو. اهي ئي منهنجي سچي دولت آهن. مان پورهئي جي تلاش ۾ نڪتو آهيان. مون کي پورهئي جي ئي چاهہ آهي ۽

پورهيو ئي منهنجي قوت آهي. اهائي منهنجي سچي ڪهاڻي آهي."

ڦاپان چيو "امڙ، ڏارين ڪي هن ڌرتيءَ تان ڌڪڻ لاءِ هن جيل سٽا، گوليون کاڌيون. هو هاريءَ جو پٽ آهي، پاڻ ڪاليج پڙهي به هاري ٿيو. هن جو پنهنجي ديس جي ڌرتيءَ ۾ ساهہ آهي. هي اهو آهي جنهن پرمارن سان جنم کان وٺي جنگ جوٽي، جنهن صديون جي سنگلن کي جهنجهوڙي جاڳايو."

عجب آهي نہ جيجيءَ، ڦاپان جو هٿ هن نئين شخص جي هٿ ۾ ڏيڻ ۾ دير نہ ڪئي.

ڳوٺ ۾ غم ۽ غصي جي لهر ڊوڙي ويئي. ڪي نہ ظاهر ظهور چوڻ لڳا تہ "مغرورن جو منهن پٽ سان لڳو."

پر جلد، تمام جلد، ڪيترائي ئي ڳوٺاڻن، هن نئين شخص کي نئين نظر سان ڏسڻ شروع ڪيو. ڪي

چوڻ لڳا "هي ڪهڙو مڙس آهي جو پورهئي ۽ راڳ جو ميلاپ ڪري ٿو، ۽ جنهن لاءِ محنت ۽ ڪشالو، مسرت ۽ فخر آهي ۽ جنهن لاءِ زندگي اٿاهہ آهي، پرپور آهي؟"

ٻيا چوڻ لڳا "۽ ڏسو نہ هن جي اڻٿڪ محنت ۽ لڳاتار ڪوشش ڪري هن جو فصل ڪهڙو نہ پلو ٿو ٿئي."

"هن آليءَ چڪي ميٽي ڪٿي ڪارب ۽ وڃهي سرون ناهيون آهن، ۽ انهن مان ڪهڙو نہ سهڻو گهر اڏيو اٿائين. جو اسان جي ڳوٺ جو شان وڌائي رهيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناماها (ويٽنام)

# ڌرتي، منهنجي ماءُ!

اهڙي طرح هي زير زمين پناهگاهہ ناهي پورو ڪيم، جڏهن ڪان ونئي بندوق سان وڙهڻ ۾ ڪاميون ڪونهن شروع ڪيون انهن، نڏهن ڪان ونئي، اچوڪي ڪاهيءَ جي ڪولائي ڏکي هئي. مان ون کي لڪ ڏيئي، اوڪڙو ٿي ويٺس، تڪاوٽ ڪان منهنجو بدن چُور چُور ٿي ويو هو.

هيد ڪوارٽر وٽان، ڪجهہ دير واسطي، بندوقن جا ٺڪاءُ گونجيا ۽ پوءِ وري ماٺ ٿي ويئي، مون وڏي ڪ حملي جو انتظار ڪيو، پر ڪجهہ ڪونہ ٿيو.

”هائو ڀيلي، دشمن جي منهن تي دانگي ڪهمي“ مون دل ۾ ويچاريو ۽ آسمان ڏي نهاريم.

مٿان ٽڙيل پکڙيل تارين جي چٽي هئي. دشمن جي جهازن جي ڪيرايل بمن مان نڪتل چڻنگن جو چمڪو، پريات جي جهڪي روشنيءَ سان ملي ويو هو.

ڏينهن آهستي آهستي جنم وٺي رهيو هو. جهنگل مٿان ڪوهيرو پيدا ٿي رهيو هو، جو، جنن پوءِ نئن گهاٽو ٿيندو ٿي ويو.

”اهڙي موسم ڪري، گهٽ ۾ گهٽ ڪلاڪ کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جي هٿ مان ڇڏائجي ويو.

هيءَ سڄي ڪار روائي تيز طوفان وانگر اپري ۽ هن ابراضيءَ کي پنهنجي اپٽ ۾ آندائين. پر ڏهن منٽن کان پوءِ، هن جنگ جي ميدان تي ماٺ ڏي ماٺ تي ويئي. رڳو زخمي ٿيل دشمن جو ڪنجهڻ ۽ مٿان آسمان مان جهازن جي ”زون زون“ تي پڌ ٿ ۾ آيا.

اسان جي پلٽڻ جو اڳواڻ، ڦوانگ، مون ڏانهن ڊوڙندو آيو. مون هن کي آمريڪي آفيسر وارو پستول ڏنو، ۽ دشمن جا اهي لاشا ڏيکاريا، جي منهنجي هٿان ختم ٿيا هئا. منهنجي کابي هٿ تي اڇي پٽي پڌل ڏسي پڇيائين: ”ڇا زخمي ٿيو آهين؟“

”هائو، پر جي ٿڪر لڳڻ مان منهنجي چوچ ڪپجي وئي، پر مان اڃا رائيفل استعمال ڪري سگهان ٿو.“

هو وڏي آمريڪي آفيسر جي مڙهه وٽ ويو ۽ هن جي کيسن مان ڪاغذ ڪڍي پنهنجي کيسي ۾ وڌائين.

ڦوانگ مون ڏي نهاريو ۽ ڪجهہ گهڙ گهوٽ ڪري، چيائين. ”تون پڪڙيل دشمن جي سپاهين جي نظرداري ڪندو سي پي (C - P) ڪمپنيءَ ڏانهن وڃ!“

”منهنجي هن پنهنجي پلٽڻ جي ٽولي جو ڇا ٿيندو؟“

”فڪر نہ ڪر، هي پلٽڻ پٽي هماي ٿاڻون هتي هوندي.“

”ڇا هنن قيدين کي ڪئمپ تائين پهچائڻ لاءِ مون کي وڃڻو آهي؟“ مون ڊراماڻيءَ مان دريافت ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هنن ٻن آمريڪي پلٽڻن جي صفائي ڪري ڇڏي، ۽ اسان هڪ جي.“ هونءَ هٿ جي هڪڙي آڱر مٿي ڪري ڏيکاري، ۽ وري چيائين ”هڪڙي آمريڪي پلٽڻ ناس ڪرڻ کان پوءِ مونکي انديشو آهي ته اسان جي وڙهڻ لاءِ وڏيڪ آمريڪي هتي ڪونه آهن.“

”منهنجي وچڻ ڪانپوءِ هنن هتي ڪي ٻيا اچليا؟“

”هائو،“ هن ٻمن جي پيدا ڪيل نون کوهن ڏي اشارو ڪندي چيو، ”هنن بدلي وٺڻ جي ڪوشش ڪئي.“

مون اردگرد نهاريو ۽ مشڪل سان ساڳي جڳهه سڃاڻي سگهيس. ٻمن ۽ راڪيٽن سڀني وڻ ٻوٽن ٻوٽا پٽي وڌا هئا. ساري زمين انهن تي نظر آئي ڇڻ ته تازو هر سان کيڙي وئي هجي.

”ڪو زخمي ٿيو؟“

هونءَ انڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.

پنهنجو پناهگاهه ڳولڻ ۾ مونکي ڪجهه وقت لڳي ويو. ان جي آسپاس ٻمن جا پيدا ڪيل ٿي کوها، جي سان وچڻ وقت ڏٺا هئا، هاڻي ٿي ٻيا به کوها نظر آيا. منهنجي پناهگاهه واري ڍڪ مٿان، مٽيءَ وارو تهه اڏامي ويو هو. ان جو لنگهه ٻڻ بگڙيل حالت ۾ هو. مون هيٺ ٽپو ڏنو. فرش تي مٽيءَ جون ڍيريون، ۽ ٽڪرن، پٿرن ۽ پٿرن جا ٽڪرا لڳم، مون پتين تي هٿ ڪيرايا، اهي صحيح سلامت هيون.

مون پنهنجي ڪمانڊر کي مونکي سڏيندي ٻڌو. مان ٻاهر نڪتس. مونکي اها جُوءِ ڇڏڻ جو حڪم

مليو. منهنجي پڇڻ کان اڳ ئي هن چيو "اسان کي دشمن جي اچا ٻه جهجهي تعداد ۾ اچڻ جو اطلاع مليو آهي، پر پتي هند تي."

اسان جي پلٽڻ اتان لڏي اڳتي وڌي، وري اسين ڪنهن اڻ ڄاتل زمين طرف اسهياسين.

اتي مان ۽ سڄي هيڪوٽي (٢٠١) ڪاهي ڪوٺيندس، جا رات ئي رات ۾ منهنجي لاءِ پياري جڳهه بنجي پوندي ۽ اها منهنجو اثين بچاءُ ڪندي، جنهن ماءُ ڪري پنهنجي پار جو. اتي مان ڏرتيءَ جي ڪوڏ مان نڪري، هر ان دشمن کي ماريندس، جو اتي اچڻ جي ڪوشش ڪندو، ۽ تحريڪ ايستائين هلندي رهندي، جيستائين سڀ ڏکڻ ويٽنام، آخري حملي آور آمريڪيءَ کان ڇوٽڪارو حاصل نہ تو ڪري.

---

حيدرآباد: سيپٽمبر ١٩٦٣

تحريڪ: نومبر ١٩٦٣

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيوفرونيس (روم)

# ڇهرا جهڙن ساڻ

(ٻهرين عيسوي صديءَ ۾ لکيل هڪڙي رومن ڪهاڻي)

(١)

روم شهر ۾ هڪڙي سانئڻ رهندي هئي، جنهن جي پاڪيزگيءَ جي ملڪ ۾ ابتري هاڪ هئي جو، عورتون هنجي رکڻ هڪڙي جهلڪ ڏسڻ خاطر، پري پري کان ڪهي ايندڻيون هيون.

جڏهن هنجي مڙس چالاڻو ڪيو، تڏهن هن رکڻ رسمي طرح جنازي ۾ شريڪ ٿي سيني جي سامهون وار چوڙڻ ۽ ڇاتي ڪٽڻ تي بس ڪانه هئي، پر هوءَ تابوتخاني ۾، مڙس جي تابوت پرسان ڪئمپ ڪوڙي ويهي رهي. هي تابوت خانو زير زمين تهخاني ۾ هو، جتي مرڻ کان پوءِ ماڻهوءَ جو لاش تابوت ۾ رکي، اهو تابوت رکيو ويندو هو. ان طرح تربتن بدران تابوت هوندا هئا.

سانئڻ پنهنجي مڙس جي تابوت پرسان ويهي، مڙس جي لاش کي ڏسندي، ڏينهن رات رئندي رڙندي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پار ڪيڏندي رهي. هنجا مائٽ، هن کي ان رهت ماتم ڪري، پاڻ کي ڳارڻ ۽ بڪ وڪهي پاهه تيڻ ڪان روڪي نہ سگهيا. حڪومت جي عملدارن جا حملا پڻ بي اثر ثابت ٿيا، ۽ هو بہ نااميد ٿي هن کي ڇڏي موٽي ويا.

سالن کي بنا ڪاڏي پيتي پنج ڏينهن گذري ويا، مائهن هنجو غم ڏسي ڇيو تہ هن عورتپڻي جو هڪ روشن مثال قائم ڪيو آهي.

هڪڙي وفادار ٻانهي، هن بدنصيب عورت سان گڏ وڃي رهي. هن پڻ مناسب مقدار ۾ ڳوڙها ٿي ڳاڙيا ۽ ڏيي جي وٽ بہ سوربندي ٿي رهي، جڻ اوتداهي نہ ٿئي.

ساري شهر اندر هيءَ ڳالهہ مشهور ٿي وئي ۽ سڀڪنهن اهو سمجهيو بہ پڻي تہ هي زال مڙس جي پيار ۽ وفا جو هڪ يڪانو مثال آهي.

(۲)

ان دوران، برگيڻي جي گورنر، هڪڙن چورن کي سزا ڏني، ان تابوت خاني يا قبرستان جي قريب ڦاهين تي ٽنگارايو. هڪڙو سپاهي پهري تي بيهاريو ويو، جڻن ڪو اهي ٽنگيل لاشا لاهي وڃي نہ پوري. اينڊڙ رات جو، وٽن وچان روشني لمڪندي ۽ عورت جي پار ڪيڻ جا آواز ٻڌي، سپاهيءَ کي ڏاڍو اچرج لڳو. هن کي ان جو ڪارڻ ڄاڻڻ جي هرکر پيدا ٿي.

هو قبرستان واري تهخاني ۾ گهڙيو. اهڙي وايو منڊل ۾ هڪ نوجوان ۽ سهڻي عورت ڏسي هو سراپجي ويو

يحيٰ يخلاف (فلسطيني)

# سيڪٽرات

هو تمام پري پهچي چڪا هئا، جتي سندن قدمن جي دهيل آهٽ ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه آواز ڪونه هو.
ٽوليءَ جي اڳواڻ جو آواز اڀريو:
”عباس! ڇا تو محسوس ڪرين؟“
هن گذريل ڏهن ڪلاڪن جي ڇنتا ڀريل احساسن کي ياد ڪيو، ير اونده ۾ ۽ پنهنجي منڪ تي مرڪ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.
هن جي آڱر هر وقت رائيفل جي گهوڙيءَ تي ٽڪي رهي. ڪنڌ مٿي ڪري هن ورائيو:
”مان بي تحاشو گوليون ڇوڙڻ جي تانگهه محسوس ٿو ڪريان.“
پليان حنان ڳالهايو:
”اهو جذبو ايندڙ ڪلاڪن لاءِ بچائي رک، هينئر حالي ته اسان کي ندي پار ڪرڻي آهي.“
جڏهن ٿي ڪارن ڪڪرن چنڊ کي ڍڪي ڇڏيو، تڏهن ٿي هن جي دل تي سڪيا ڏيندڙ جا هي لفظ تري آيا: ”رات جو توکي اهڙي ثابت قدميءَ سان هلڻ گهرجي جڻ ته تنهنجي پيرن ۾ هزارين اکيون آهن.“

ٽانڪا ٿيا.
جنهن رستي تي هنن کي ڪارروائي ڪرڻي هئي،
ور وڪڙ ڏيندو، موڙ کائيندو، ان ٽڪريءَ جي پاسي
مان ٿي لنگهيو.
ٽوليءَ جي اڳواڻ چيو:
”عباس! ٽيلهي مان بارودي سرنگهه ڪڍ!“
هن ٽياهو کوليو ۽ ڏاڍي خبرداريءَ سان بارودي
سرنگهه ڪڍيائين. هن کي وري چيو ويو:
”هيٺ لهي وڃ ۽ وڃي رستي جي وچ ۾ اهـا
لڳائي اچ!“
هن ساري جسم جو رت منهن ۾ ٻرندو محسوس
ڪيو. هن جي دل جي ڌڪ ڌڪ وڌي وئي. هو وڃڻ
لاءِ تيار ٿيو.
هن حنان جو آواز ٻڌو:
”عباس، سنگهين وساريو نه وڃين.“
هن اها ڪنٽي ۾ وارياسي لاهيءَ تان لٿو.
ميڻهن جي ڪڻ ڪڻ پٽجي رهي هئي. آلي واري
هن جي بوٽ کي لڳي پئي ۽ ان جي تري ۾ ته ٺاهي
چڏيائين، هو رستي جي وچ وڃي بيٺو. بارودي سرنگهه
هيٺ رکيائين ۽ گوڏن تي جهڪي، هٿو واڙ پون هٿي
زمين جي مٿاڇري جي چڪاس ڪيائين. پوءِ سنگهين
ڪڍي ان سان کوٽائي ڪرڻ لڳو. اهو ڪم پورو
ڪري، سرنگهه کي پوش سان ڪڍي پورڻ واسطي
تيار ڪيائين.
پوءِ پاڻ کي چيائين: هينئر تنهنجي پهرين غلطي
پوئين تي سگهي ٿي، ان ڪري سنڀالي ڪم ڪر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ملڪ ميث ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. هنکي پنهنجي چوڌاري هر چيز پنڊ پهڻ ٿيندي محسوس ٿي. خود هوا به جڻ ساڪن ٿي وئي هئي ۽ بادل ڊپ پريل حالت سان هيٺ ڏسي رهيا هئا.

هن ڏاڍي سنڀال سان دشمن لاءِ چار ڦڪيڙن جو ڪم پورو ڪيو. هاڻي هن کي اڃا به وڌيڪ سنڀال سان بارودي سرنگهه کي پورڻ جو ڪم ڪرڻو هو. جڏهن هن اهو ڪارج ختم ڪيو ۽ رستي جي مٽاڇري کي اصلي حالت ۾ آندائين، تڏهن به هو گوڏن ڀر جهڪي وڏا وڏا ساهه کڻندو رهيو.

اوچتو، خاموشي ٽوڙيندي، ٽئنڪ جي گڙ گڙاهٽ جو ڳورو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. هن جي رڳ رڳ ڦڙڪي اٿي. هو اوچانڪ اٿين اٿي بيٺو جڻ زمين مان ڦٽي نڪتو هو. پنهنجي ڳورن ٽرن وارن بوٽن سان ٽڪرو ٽڪرو چڙهندو هو واپس لڪڻ جاءِ ۾ پهتو.

گڙ گڙاهٽ ويجهو ايندي وئي.

اڳواڻ چيو:

"بارودي سرنگهه ٽئنڪ کي تباهه ڪري ڇڏيندي، پوءِ توهين موٽر تي حملو ڪجو!"

گاڏيون قريب اچي رهيون هيون: ٽئنڪ ۽ چوڪسي ڪندڙن سپاهين جي موٽر.

ذهن ۾ ساڳيا مثل ...... اڳواڻ جو پٿر جهڙو سخت چهرو ...... حنان جي اکين مهر ۾ ڪتيل نالو رائفل ٽاٽيل ...... هٿ بم تيار ...... برسات جي سنهي بوند ۽ هوا جو جهيٽو سوسات....

ڪوبه ڌماڪو پيدا ڪرڻ بنا، ٽئنڪ سرنگهه واري

هند تان لنگهي وئي. ساڳي رهت پنهنجان اندر چوڪسي ڪندڙن جي موٽر به فضا کي لرزائيندڙ پنيت مچائي ڪانسواءِ اڪري وئي.

هن ڏند ڪرڇيا، هن جي تن من ۾ آگ لڳي ويئي. پڳل هوا جو جهولو اچي هن جي چهري تي لڳو، هن کي دل ٻڏندي محسوس ٿي، هن کي ساهہ منجهندو محسوس ٿيو.

باروني سرنگهہ ڪانہ ڦاٽي.

اندڙيري ۾ ٻري ٻري جهڪي ٿيندڙ گڙ گڙاهٽ طرف نهاريندي حنان چيو:

”تو چار چڪيءَ طرح نہ پڪڙيو هو.“

عباس دل جي گهراين ۾ چئي رهيو هو: شل زمين ڦاٽي پوي ۽ مونکي ڳڙڪائي وڃي. البقا وارا ساٿي ڇا چوندا؟ پهرين سٽ ناڪامي؟ اوهانڪ اکواڻ چيو:

”سچ لي ڪان وئي سنهون سهڻي پٽي آئو آهي. زمين آلي ۽ نرم ٿي وئي آهي، باروني سرنگهہ به ڪپ ۾ هيٺ پيهي يا وهي وئي هوندي.“

هن ڏنو تہ هاٿي سخت بدترش پنجي رهي هئي ۽ ڪڪر طوفان جي نهارين ۾ هئا.

اکواڻ جو آواز هن جا ڪن چيريندو ويو:

”مولي وچ ۽ وڃي سرنگهہ جي هيٺان ڪا سخت شيءِ رکي اچ! ڇا تو کي ڪنمپ ۾ اهو ڪونہ سيکاريو ويو هو؟“

هو لپ ڏيئي اٿيو. هٽ لائي پڪ ڪيائين تہ ڪيسي ۾ سنگين آهي. حنان ڏانهن نهاريائين پر اوندهہ ڪري

هن جي ڇهري جا انگ ڏسي نه سگهيو. پوءِ ڪپ ۽ ٽرڪن جي پرواهه نه ڪري، وڏيون وڏيون پرانگهون پرينڊو، نيزيءَ سان لاهيءَ تان لٿو.

مولر، ڪپ ۽ پور وچولي‌ءَ ٽي ڦيٿن جا ٻه رڇيلا چڙيا هئا. هڪ ڦيٿو صفا سرنگهه جي مٿان لنگهيو هو. هو ڪپ ۽ گوڏا ڪوڙي جهڪيو ۽ پنهنجو ڪم پيهر شروع ڪيائين.

ڪم ختم ڪرڻ ڪانپوءِ به هو ٻوٽڙو ٿيو ويٺو رهيو. هن محسوس ڪيو ته هن اڳين ٿي رهڻ ٿي چاهيو. هن جا هٿ ۽ گوڏا ڪپ ۾ ٿڪجي پيا هئا. هو گهوري، آڏو زمين کي چڪاسي رهيو هو. هن کي پڪ ٿي ته اها زمين، اها ڌرتي هن جو ساٿ ڏيندي.

جڏهن هو موليو ته مينهن جو زور وڌي ويو.

اڳواڻ جي چهري تان مينهن جون ڦاراٿون وهي رهيون هيون، هن چيو:

”اسين واپس اڏي تي هلنداسين.“

اڳواڻ اٺي ڪڙو ٿيو ۽ حنان پڻ. هن پاڻ کي پنهي جي وچ ۾ بيهڻ ڏنو. پوءِ هلڻ جو حڪم ڏنو ويو.

هلندي هيٺان پيرزمين ۾ کپيا ٿي ۽ مٿان مينهن جو سنڪو پئي پيو. ان گهڙيءَ هن کي ڪيترئيون ٿي ڳالهيون ذهن تي تري آيون .... خاص ڪري البقا ڪئمپ ۾ منتظر ڇهرا....

هن جي اندر ۾ خواهش اڀري ته هو اندا ڏند رات جي جسم ۾ ايستائين گوليون هلائيندو رهي، جيستائين سارو باروت ختم نه ٿي وڃي.

حنان رسيءَ کي چنبڙي پيو ۽ پنهنجي هٿن جي پڪڙ کي اڳتي وڌائيندو ويو.

پوءِ عباس به رسيءَ کي سوگهو جهليو ۽ ڏڪيائيءَ سان هڪ ٻئي پٺيان ٻي ٻانهن وڌائي اڳتي چُرڻ لڳو. ساڳئي وقت هيٺان پيانڪ چوليون ڏوڪي رهيون هيون. پر هن جو ذهن غائب هو. هن جو ذهن ڪنهن ٻئي هنڌ وڃي رهيو هو.... ۽ اوچتو ڪا شيءِ ڦاٽي ۽ وايومنڊل کي ڏماڪن ۽ باهه سان ڀري ڇڏيائين. آسمان به روشن ٿي ويو.

حنان رڙ ڪئي:

”ان تو واري ٻوريل سرنگهه، جڏهن ٽئنڪ مولي تي، تڏهن ان کي اڏائي ڇڏيو.“

هن کي خبر ڪانه پئي ته رسيءَ ۾ لرزش آئي يا هٿ ڏڪيا، پر خوشيءَ جي سُڏڪي هن جي سڄي بدن کي لوڏي ڇڏيو.

اڳواڻ رڙ ڪئي:

”جلدي جلدي اچو!“

جڏهن هو ڪناري تي پهتا، تڏهن اڳواڻ چيو:

”باروتي سرنگهه ان ٽئنڪ کي تباهه ڪري ڇڏيو. مهم ڪامياب ٿي.“

ڪٿان ڪٿان توب جا ڌماڪا ٻڌڻ ۾ آيا.

حنان کلندو ۽ خوش ٿي چيائين:

”شاباس عباس.“

هو مرڪيو ۽ ڪنهن جي مٺي ساٿين کي ياد ڪيائين، ڪنهن به هڪ کي خاص نه، پر سڀني کي گڏجي....

حيدرآباد: ٣٠ - مارچ ١٩٦٧

تحريڪ:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪائوشا (چين)

# ڳجهو خبرنامو

جيڪڏهن مون کان پڇيو وڃي ته منهنجو بهترين دوست ڪير آهي ته مان چوندس هاسي. آزادي کان اڳ شنگهائيءَ ۾ اسين ساڳئي ڪلاس ۾ پڙهندا هئاسين ۽ زير زمين تنظيم ”نئين انقلابي“ ۾ به گڏ داخل ٿيا هئاسين. اسين هئاسين ته هم عمر پر مان پاڻ کي هن کان وڏو سمجهندو هوس ۽ چاهيندو هوس ته هوءَ منهنجو چوڻ مڃي.

هڪڙي ڏينهن، هاسيءَ جي ڪوٺيءَ ۾، اسان ڳجهو خبرنامو ويهي ڇپيو. ان ۾ شنگهائيءَ جي شهرين کي اهو ٻڌائڻو هو ته عوامي آزادي فوج، ينگٽسي ندي پار ڪري چڪي آهي ۽ اسين سگهوئي آزاد ٿيڻ وارا آهيون، اسين ان آزاديءَ جو سوچي خوش پئي ٿياسين.

ڇپائي ڪرڻ ڏکيو ڪم نه هو. مون پنهنجي وڏي ڀاءُ کي، گهر ۾ ڪيترا ڀيرا اهو ڪم ڪندي ڏٺو هو. مون هاسيءَ کي اهو ڪم ڪري ڏيکارڻ ٿي چاهيو. هاسيءَ اڪرن ڪٽيل ٽين جي پليٽ جهلي ۽ مان ان تي برش ڦيرائڻ لڳس. پر برش اٽڪي پيو. هاسيءَ چيو: ”مس گهاٽي آهي، ان ۾ ٿورو ڪاسليٽ ملائڻ کپي.“

باغيچي ۾ هاسيءَ کي ويٺل ڏسي، منهنجي دل جو گهڻو بار لهي ويو.

”اتفاق جي ڳالهہ ڏس!“ هن چيو ”جڏهن جاسوسن مونکي پڪڙيو، تڏهن مون وٽ خبرنامي جي ڪجهہ ڪاپي بہ ڪانہ بچي هئي.“

”منهنجي پاڻ جو ڇا ٿيو؟“ مون پڇيو.

”هو پنهنجي وچن ۾ ڪامياب ٿيو. تو ذري گهٽ هن کي تمام ڪيو هو.“ هنجو ڳاو پرجي آيو. هيئنر مون ڏٺو تہ هنجو منهن سجيل هو. هن مونکي ۽ منهنجي پاڻ کي پنهنجي وچن جو وجهہ ڏيڻ واسطي، سپاهين جي مار کاڌي هئي.

منهنجو شرم کان ڪنڌ هيٺ جهڪي ويو ۽ اکين مان ڳوڙها نڪري ڳلن تي آيا.

هاسيءَ مون ڏي حيرت مان نهاريو ۽ چيائين:

”ڳوڙها ڇو ٿو ڳاڙين؟ اڄ توکي خوش ٿيڻ لاءِ هرڪو سبب آهي. توکي خبر آهي مان هيئنر ڇا پيو سوچيان؟.... مان اهو پيو سوچيان تہ اسان عوامي آزادي فوج جي ڪهڙي ريت آجيان ڪنداسين! هل تہ وڏي ادي روهڙو ڏي هلون.“

اوچتو مونکي خيال آيو تہ هاسي اسان پنهي مان سچ پچ وڏي آهي. هوءَ مون کان بهتر اموني معاملن کي سمجهي سگهي ٿي.

حيدرآباد: ٢٥ - فيبروري ١٩٤٨

سجاڳ پار:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امين باقر (فلسطيني)

# بارود جو نغمو

## ڪردار :

جيڪب : يهودي فوجي پهريدار
شاهد : فلسطيني گوريلو
هڪ عرب مزور
هڪ پوڙهو فلسطيني
چار اسرائيلي پوليس آفيسر
اسرائيلي سپاهي

وقت : سانجهي.

(غزا سيڪٽر جي هڪ ننڍڙي ڪوٽ وٽ سرحدي علائقو، هڪ ننڍي جاءِ مٿان چڪاس چونڪي (Check-Post) جو بورڊ لڳل آهي. سامهون ٽيليفون رکي آهي. ڀرپاسان ٻه ٽي قتل گهر ۽ ننڍو ڏسجن ٿا. جيڪب فوجي وردي ۾ پهرو ڏئي رهيو آهي. هن جي چيلهه سان پستول پيو لڙڪي. هو هيڏانهن هوڏانهن نهاري ٿو ۽ اندر آفيس ۾ هليو وڃي ٿو.)

(اسٽيج تي هڪ اسرائيلي سپاهي، هڪ عرب مزور سان داخل ٿئي ٿو. مزور جي هٿن ۾ پوسٽرن جو بنڊل

۾ لٽيءَ جي بالٽي آهي. سپاهيءَ جي اشاري تي سڄو زور ديوار تي پوسٽر لڳائڻ شروع ڪري ٿو.)

اسرائيلي سپاهي: جلدي ڪر، ڪم ڇور!

جيڪب: (ٻاهر ايندي) شلام!

سپاهي: شلام، سڀ ڪجهہ ٺيڪ آهي نہ؟

جيڪب: ٺيڪ ٿي سمجهو، هي پوسٽر وري ڇا جا آهن؟

سپاهي: نئون مصيبت.

جيڪب: يعني نئون باغي؟

سپاهي: ها... موسم ڪيتري نہ خراب آهي.

(بيچينيءَ سان اچ وڃ ڪري ٿو.)

جيڪب: (اوڀاسي ڏئي واچ ڏسي ٿو) منهنجي ڊيوٽي ختم ٿيڻ ۾ باقي ٻہ ڪلاڪ آهن. ڇا هي پوسٽر وارو همراهہ ڪا تمام اهم شخصيت آهي؟

سپاهي: اسان ڪي ضروري ٽيليفون آيو هو تہ هي شخص خطرناڪ آهي. هو ڌماڪا ڪرڻ جو ماهر آهي، هن اسان جو ڏاڍو جاني نقصان ڪيو آهي. خبر ناهي هن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ انعام ڪيترو آهي؟ ويهہ هزار رپيا.... ڏس پوسٽر تي لکيل آهي: "اسان جي نئين ملڪ لاءِ.... فرض ۽ بقا خاطر...."

جيڪب: موت جي ملائڪ طرفان....

سپاهي: (حيرت مان) ڇا چئي؟

جيڪب: ڪجهہ بہ نہ.

سپاهي: سچ پڇين تہ مان هن جي تلاش ۾ پنڪڻ بدران براندیءَ جو ڍڪو پي سمهڻ ٿو چاهيان، اسين بہ يهودي آهيون، پر هتي جا اصل رهاڪو. وڏا وڏا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عهدا تي، يورپي يهودين کي ملن ٿا ۽ اسين.... بس
گوليون، ڏڪو، ڏوڙو، ماريو يا.... مارجي وڃو!

جيڪب: سچ ٿو چئين.

سپاهي: مان هلان ٿو. اڇا نه الاهي پوسٽر لڳائڻا آهن.

(سلام ڪري مزور سان گڏ هليو وڃي ٿو. جيڪب هوريان هوريان ٽهلڻ لڳي ٿو. اوچتو ڌماڪي جو آواز اچي ٿو، جيڪب ڪان چرڪ نڪري وڃي ٿو. پوري علائقي ۾ گهولائو روشني (Search Light) ڦرڪڻ لڳي ٿي.... ۽ پوءِ خاموشي ڇانئجي وڃي ٿي.)

(اونده، مان نڪري، شاهد آهستي آهستي بجليءَ جي ٿنڀي طرف وڌي ٿو. شاهد، فلسطيني گوريلو آهي پر هن يهودي پيشوا وارو ويس ڍڪيو آهي. جيڪب کي ڏسي هو بيهي ٿو رهي.)

شاهد: شلام!

جيڪب: شلام، هتي ڇا ٿي رهيو آهي ۽ هي ڪهڙا آواز آهن؟

شاهد: ڏسجي ٿو تہ باغي پوليس کان ڀڄي رهيا آهن. هوشيار رهجانءِ.

جيڪب: (پنهنجي پستول کي پڪڙيندي) مجال آهي هنن جي جو ڀڄي سگهن.

شاهد: پُٽ، مان عبادت خاني طرف وڃي رهيو هوس.

جيڪب: ها محترم پيشوا، توهين تڪل آهيو، ٿورو آرام ڪريو. منهنجو نالو جيڪب آهي، پهريدار جيڪب.

شاهد: (پنهنجو پاڻ کي) جيڪب!.... ڇا اهوئي؟ نه نه، هي شايد ڪو ٻيو جيڪب آهي، (جيڪب کي)

ڀٽڪ، تون ئي هئي جو اصلي رهاڪو يهودي ڏٺو ڏسجين،
تون ئي ڏڪل آهين.

جيڪب: (غور سان شاهد کي ڏسندي) محترم
پيشوا! ائين ٿو لڳي جڻ اڳ مون توهان کي ڏٺو آهي.

شاهد: ڇا چئي؟ مون ڪونہ ڏٺو، ڇا ڪريان پٽ،
ٻڌايو آهي.

جيڪب: معاف ڪجو... پر... خبر ناهي ڇو مون
کي وري وري خيال ٿو اچي تہ مون توهان کي ڪٿي
ڏٺو آهي... يا توهان جي شڪل منهنجي هڪ ننڍپڻ
جي دوست سان ڏاڍو ملي ٿي.

شاهد: توهين ڪيرو ۾ تہ نہ رهندو هئين؟

جيڪب: ها، بالڪل.

شاهد: تنهنجو پيءُ سونارو هو؟

جيڪب: ها، پر... توکي اهو سڀ ڪيئن معلوم
ٿيو؟

شاهد: (جيڪب کي ڀاڪرڙي پائي) ڇو تہ مان
توکي سڃاڻان ٿو ۽ تون مونکي سڃاڻين ٿو.

جيڪب: پر مان تہ ڪنهن بہ پيشوا کي ڪونہ سڃاڻان.

شاهد: نہ؟ جيڪب! خبر اٿئي مان ڏاڍي خواب
ڏسندو آهيان ڇڻ مان پنهنجي گهر پهچي ويو آهيان.

جيڪب: خواب؟

شاهد: (خيالن ۾ ٻڏي وڃي ٿو) ۽ اهو اسان جي
گهر جو دروازو آهي، ۽ اها ڳڙڪي جا اسان پنهنجي
جي گهرن کي ملائي ٿي. ان تي نيرو پردو لڳل آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن تي ڪهڙو نہ پيارو پيارو پرت پريل هو. هتو ڪاڏو ياد اٿئي؟ پر ڪيترو نہ سٺو فنڪار هو.... ۽ اگر ۾ منهنجي امنگن جي شهزادي....

جيڪب: شهزادي!

شاهد: ۽ نارنگيءَ جو وڻ، جو اسان ٻنهي گڏجي پوکيو هو.

جيڪب: (رڙ ڪري) شاهد! هي تون آهين! اڙي بد معاش، هتاه ان ڏاڙهيءَ ڪي. (ڪلي ٿو)

(شاهد ڏاڙهي هٽائي ڪلي ٿو.)

شاهد: مان ڪيتري نہ وڏي خطري ۾ گهڙي پيو آهيان. پر خطرا نہ مون لاءِ ڪمل آهن. اجهو مان هاڻي پرولي سليان ٿو. منهنجي ماءُ توکي تنج پياري هئي.

جيڪب: (شاهد کي ڀاڪر پائي) ياءُ! (ڪُرالڙي پائي جهمر هڻندي) تون خيريت سان تہ آهين شاهد! ڪٿي هئين؟

شاهد: مان صفا خيريت سان آهيان. ڏس نہ، مان آهيان تنهنجو روحاني پيشوا.

جيڪب: پر هي سڀ ڪجهہ ڇا آهي؟

شاهد: (پٺ تي لڪل پوسٽر ڏانهن اشارو ڪندي) ڇو نہ هيءَ منهنجي تصوير آهي.

جيڪب: (سمجهن ڪانسواءِ ڪلي ٿو، پر وري هڪدم گنڀير ٿي وڃي ٿو. هن جي چهري جو رنگ اڏامي وڃي ٿو. هو پوئتي هٽي ٿو ۽ جهٽڪو ڏئي پستول ڪڍي ٿو) شاهد.... خبردار.... ڏس مان توکي چتاءُ ڏئي رهيو آهيان، پنهنجا هٿ مٿي ڪر.... (جيڪب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪب: ۽ مان توکي گرفتار ڪرائڻ وڌيڪ پسند ڪندس.

شاهد: جيڪب، تون ته سدائين سچ جي پئيروي ڪندو هئين. ڇا نوڪريءَ توکي ايترو بيحس بڻائي ڇڏيو آهي؟ تون سامراجي ذهنيت وارو بڻجي ويو آهين. پنهنجن ڀائرن کي قتل ڪرڻ تو. هان وٺ ۽ ان سيني کي گولين سان پرڻ بڻائي ڇڏ جنهن سيني سان تون بغلگير ٿيو هئين.... جڏهن تون محاذ تي موڪلون گذارڻ ايندو هئين، ان سيني ۾ اهڙا دل آهي جا اڄ تائين توکي پيار ڪري ٿي.

جيڪب: چپ ڪر.

شاهد: نه، مان چپ رهي نه سگهندس، توکي جهڪي ڇوٽو آهي سو چوندس. جيڪب، مونکي ڳالهه ڪرڻ جو حق آهي، ڇو ته جن ماڻهن کي تون پنهنجو چوين ٿو، انهن مونکي منهنجي گهر سان ڪڏهن ان تي قبضو ڪيو آهي. هنن سرزمين فلسطين جي هڪ هڪ جاءِ کي گولين جو نشانو بڻائڻ جو پروگرام رٿيو آهي.

جيڪب: (پنهنجو پاڻ کي) پتو ناهي اهڙي دور ڇو لڳائي رهيا آهن.

شاهد: (ڏڪ ۾) هٽ مٽي کو! (هٿ پستول وانگر جيڪب ڏي ناڻي ٿو، جيڪب رڙ ڪري ڪيئي گوليون ڇوڙي ٿو، پر شاهد پنهنجو پاڻ کي زمين تي ڪيرائي بچي وڃي ٿو.)

شاهد: (کلندي کلندي ٿو) مان پنهنجي پاڻ تي ڪيئن ٿي هٿيار کڻي سگهيس، نادان!

جيڪب: (کڪو وکو ٿي) او....

شاهد: تو سچ پچ مون تي گوليون ڇوڙيون!

جيڪب: معاف ڪجانءِ، پر هيءَ جنگ آهي.

شاهد: مان فلسطيني آهيان، جيڪب، خبر اٿئي تہ مان ڏسي وائسي خطرن جي منهن ۾ ڪهڙي ڇو ٿو پوان؟ فقط انهيءَ لاءِ تہ، جئن خوف مون تي ڪٿي غلبو نہ ڪري وڃي.

جيڪب: تنهنجي ماءُ ڪيئن آهي؟

شاهد: هوءِ جئري نہ آهي، هن کي گولي هڻي ماريو ويو.

جيڪب: (مراسجي) آهہ....

شاهد: هن سرزمين تي ظلم جو خاتمو ڪنهن معجزي يا آسماني مدد ذريعي نہ ايندو، ان لاءِ لڙڻو پوندو، عمل ڪرڻو پوندو.

جيڪب: شاهد، منهنجي ڳالهہ ٻڌ، اهو سچ آهي تہ تون هڪ نموني منهنجو پاءُ ٿين، مان تنهنجي مدد ڪري سگهان ٿو. هينئر مان توکي گرفتار ڪرائيندس، پر پوءِ تنهنجو ڇوٽڪارو ٿي سگهي ٿو. نادان نہ تون آهين، تون اسان جي طرف هليو اچ. توکي گهر ملندو، هر سهولت ملندي ۽....

شاهد: ۽ جاسوسيءَ جي بکيار پڻ. جيڪب، هاڻي مونکي اها اميد بہ نہ رهي آهي تہ تون ڪو باوقار انسان آهين....

(پري کان پوليس جو گهڪو ٻڌجي ٿو.)

جيڪب: شاهد! هاڻي بہ وقت آهي، سوچي وٺ.

شاهد: مون سوچي ڇڏيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ني ڪري ڦٿڪڻ لڳن ٿا، پيا تيزيءَ سان گوليون

ڇوڙين ٿا.)

جيڪب: شاهد، تون بچي نہ ٿو سگھين شاهد!

شاهد: لعنت هجي تنهنجي دوستيءَ تي. مان بچڻ نہ ٿو چاهيان، پر توهان سڀني کي ختم ڪري پوءِ مرندس.

(هڪ پوليس آفيسر گولي لڳڻ ڪري ڪري ٿو. جيڪب شاهد جي ڇاتيءَ جو نشانو وٺي گولي ڇوڙي ٿو شاهد لوڏا کائي ٿنڀي جو سهارو وٺي ٿو)

شاهد: ڪوڙها ٿي ويا، لفظن جو ڳلو دٻائجي....

(شوٽ ڪري ٿو. جيڪب جي مٿي ۾ گوليون پيهي وڃن ٿيون، آخري پوليس آفيسر پوئتي هٽي ٿو.)

شاهد: ڪوڙها ۽ لفظ بيڪار آهن. خواب، حقيقت بڻجڻ لاءِ بيتاب آهن. ساٿيو!.... ڏسو.... هي آهي توهان جو رستو....

(پڇندڙ آخري پوليس آفيسر ني گوليون ڇوڙي جو ڇيخ ڪري زمين ني ڍيري ٿي پوي ٿو.)

شاهد: (پنهنجي مشين گن کي چمي ٿو) ساٿيو! همت نہ هارجو....

(لڏي لمي ٿو ۽ زمين ني ڪري پوي ٿو.)

(پردو هيٺ ڪري ٿو.)

---

حيدرآباد: ٥ - آگسٽ ١٩٨٠

ڪاوش: ١٥ - ڊسمبر ١٩٨٠

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، کُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻَ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَ پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجيِـٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَـنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجههَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽجاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيان تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book